جانشاهي بزرگن جو ڪلام



اختر درگاهي

Scanned by CamScanner

جانشاهي بزرگن جو ڪلام

اختر درگاهي

سيد مير جان الله شاهه رضوي
ادبي اڪيڊمي روهڙي
2011ع

Scanned by CamScanner

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	جانشاهي بزرگن جو ڪلام
مرتب:	اختر درگاهي
ڇاپو پهريون:	جنوري 2011ع
ڇپائيندڙ:	سيد مير جان الله شاهه رضوي ادبي اڪيڊمي روهڙي
ڇپيندڙ:	سُورج پرنٽرس، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڪمپوزنگ:	راڻو خان ميگهواڙ 03332608528
قيمت:	150/- (هڪ سؤ پنجاهه رپيا)

JAANSHAHEE BUZZERGAN JO KALAAM

Compiled By:	Akhtar Dargahi
Published by:	Sayed Mir Janullah Shah Rizvi Academy Rohri
2nd Edition	January 2011
Price Rs.	150/=

Scanned by CamScanner

فهرست

❖ مهاڳ	4
❖ پيش لفظ	5
❖ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول (احوال ۽ ڪلام)	9
❖ سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي (احوال ۽ ڪلام)	28
❖ سيد مير جان الله شاهہ ثاني ’عاشق‘ (احوال ۽ ڪلام)	41
❖ سيد مير علي اڪبر شاهہ اول	66
❖ سيد مير مُراد علي شاهہ رضوي	71
❖ سيد مير جان الله شاهہ ثالث (احوال ۽ ڪلام)	74
❖ سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثاني (احوال ۽ ڪلام)	84
❖ سيد مُحب علي شاهہ بيوس (احوال ۽ ڪلام)	96
❖ سيد جان الله شاه چهارم (احوال)	103
❖ سيد مُريد حُسين شاهہ (احوال)	104

ضميمو- 1:

❖ سيد مير جان الله شاهہ ثاني ’عاشق‘ جو اضافي ڪلام	105

ضميمو- 2:

❖ سيد مير جان الله شاهہ ثالث جو اضافي ڪلام	123

Scanned by CamScanner

مُهاڳ

’تذڪره جانشاهي‘، سنڌ جي نامياري شاعر ۽ محقق محترم اختر درگاهيءَ جي تاليف آهي جنهن ۾ صوفين جي سرتاج شهيد شاهه عنايت جهوڪ واري جي پياري طالب ۽ سنڌس طالبن ۽ خليفن جي سرگروهه سيد مير جان محمد شاهه رضوي ۽ ان جي خاندان جي بزرگن، شاعرن ۽ اڪابرن جو احوال شامل آهي. ’تذڪره جانشاهي‘ پهريون ڀيرو سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ پاران 2001ع ۾ سکر صدين کان سيمينار جي موقعي تي ٻين پنڌرهن ڪتابن سان گڏ شايع ڪيو ويو هُيو. هي ڪتاب جيئن تہ روهڙي شهر جي هڪ اهم علمي خاندان جو پهريون باقاعده لکيل تذڪرو هُيو تنهن ڪري گهڻو مقبول ٿيو ۽ علمي ادبي حلقن ۾ بيحد پسند پڻ ڪيو ويو. شايد انهيءَ ڪري هي ڪتاب جلد ئي سنڌ جي بوڪ اسٽالن تان اڻلڀ ٿي ويو.

ڪافي سالن کان سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۽ خاص ڪري جانشاهي خاندان جي پونئرن جي اها خواهش رهي تہ تذڪره جانشاهي جهڙي ناياب ۽ اهم ڪتاب کي ٻيهر ڇپرايو وڃي. ڪن دوستن جو وري اهو خيال هُيو تہ جانشاهي بزرگن جي وڌيڪ احوال ۽ سندن اضافي ڪلام کي هٿ ڪري ان جو ٻيو ڀاڱو پڌرو ڪجي. تازو جڏهن سيد مير جان محمّد شاهه رضوي اول جو 265هون ساليانو عُرس مبارڪ ويجهو آيو تہ جانشاهي خاندان جي چشم و چراغ محترم سيد بشير حُسين شاهه ولد سيد غلام علي شاهه رضوي ڪتاب کي شايع ڪرائڻ جو وڌيڪ چاهہ ڏيکاريو. اسان وٽ جيئن تہ وقت تمام گهٽ ٿيو ان ڪري مٿي بيان ڪيل ٻنهي خواهشن کي نظر ۾ رکندي، هن ڇاپي ۾ هڪ طرف جانشاهي خاندان جي وڏن بزرگن جو احوال جيڪو ’تذڪره جانشاهي‘ ۾ اڳ ئي موجود هُيو شامل ڪيو آهي تہ ٻي طرف جانشاهي خاندان جي ٻن اهم ۽ وڏن بزرگن سيد مير جان الله شاهه رضوي ثاني ۽ سيد مير جان الله شاهه رضوي ثالث جو اضافي ڪلام پڻ ڏنو آهي، جيڪو هن ڀاڱي جي اصل سوُنهن آهي.

’تذڪره جانشاهي‘ جي هن ڀاڱي کي خوبصورت شايع ڪرائڻ تي اسين جانشاهي خاندان جي چشم و چراغ محترم سيد بشير حُسين شاهه رضويءَ جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون.

سيد مير جان الله شاهہ رضوي
ادبي اڪيڊمي روهڙي

جنوري 2011ع

پيش لفظ

روهڙيءَ جو شهر نہ صرف سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي پر هن شهر کي شروع کان ئي علمي ۽ ادبي حيثيت پڻ حاصل رهي آهي. حضور صلعم جن جي وار مبارڪ جي ظهور ٿيڻ سبب هي شهر هڪ روحاني مرڪز بڻجي ويو ۽ ڪيترن ئي روحاني شخصيتن، بزرگن، عالمن، اديبن ۽ مفڪرن جي هن شهر اندر اچ وڃ رهي جن مان ڪيترن ئي هن شهر کي پنهنجو مسڪن بڻائي ڇڏيو. اڳتي هلي هن شهر مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ بزرگن جنم ورتو جن جي علمي ۽ فڪري ڪاوشن ۽ عملي زندگين حق جي طالبن کي سنئين واٽ بخشي ۽ انهن کي فيضياب ڪيو.

روهڙي شهر اندر ڪيترائي خاندان آهن جن جي علمي ۽ ادبي ڪاوشن کي سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تاريخ ۾ اهم حيثيت حاصل رهي آهي. اهڙن خاندانن ۾ رضوي ساداتن جو گهراڻو وڏي اهميت رکي ٿو. روهڙي شهر جا رضوي سادات امير سيد محمد مکي شاهہ (متوفي 691هہ) جي اولاد مان آهن. هونءَ تہ شهر اندر انهن جا ڪيترائي پاڙا ۽ خانداني لڙهيون موجود آهن پر خاص طور تي هتي انهن ساداتن جا ٻہ مکيہ خاندان ’ڪوٽائي سادات‘ ۽ ’جانشاهي سادات‘ گهڻو مشهور آهن. ’ڪوٽائي سادات‘ [1] مغل دور جي هڪ وڏي امير ۽ اڪابر سيد مير يعقوب علي شاهہ (متوفي 1091هہ) جي اولاد مان آهن ۽ روهڙي شهر ۾ قائم ”ڪوٽ مير يعقوب علي شاهہ رضوي“ ۾ رهن ٿا. سيد مير يعقوب علي شاهہ جي نالي اڏايل ان ڪوٽ کي ’وڏو ڪوٽ‘ پڻ چيو ويجي ٿو.

’جانشاهي سادات‘ سنڌ جي ناميارى عارف، عالم، فارسي زبان جي صاحب ديوان شاعر سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي اولاد ۾ اچن ٿا ۽ سندن مسڪن ’ڪوٽ مير جان الله شاهہ روهڙي‘ آهي. سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي نالي اڏايل انهيءَ ڪوٽ کي وري ’ننڍو ڪوٽ‘ سڏيو

---

1 روهڙيءَ جي ’ ڪوٽائي ساداتن‘ جي بزرگن ۽ اڪابرن جو تذڪرو محترم قريشي حامد علي خانائي ”تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي“ جي نالي سان 1998ع ۾ تاليف ڪيو آهي.

Scanned by CamScanner

وچي ٿو. ڪجھ جانشاهي سادات روهڙي شهر جي پرپاسي، خيرپور ۽ ٻيرلو ۾ پڻ رهائش پذير آهن.

ڪوٽ مير جان الله شاهه رضويءَ ۾ 'درگاهه مير جان الله شاهه رضوي' پڻ قائم آهي[2]، جنهن ۾ سيد مير جان محمد شاهه رضوي ۽ سندن خاندان جي ٻين بزرگن ۽ سندن طالبن جون مزارون آهن. 'درگاهه مير جان الله شاهه' روهڙي شهر جي اهم خانقاهن ۾ شمار ٿئي ٿي. راقم الحروف جو گهر جيئن ته 'درگاهه مير جان الله شاهه' جي پرسان آهي، انهيءَ ڪري ننڍپڻ کان وٺي سيد مير جان الله شاهه رضويءَ جي شخصيت ۽ سندن درگاهه روحاني ڪشش جو باعث رهي آهي.

هن کان اڳ مختلف ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ سيد مير جان الله شاهه رضوي اول ۽ سندن خاندان جي ڪن بزرگن جو احوال نهايت ئي مختصر ڏنو ويو آهي. منهنجي دل ۾ اها خواهش هئي ته آءٌ جانشاهي بزرگن جي شخصيتن ۽ علمي خدمتن تي مفصل ڪم ڪريان پر تفصيلي احوال ۽ مواد نه هجڻ سبب منهنجي اها خواهش پوري ٿي نه پئي سگهي.

ٻه اڍائي سال اڳ مون کي پنهنجي محترم دوست سيد عبدالحسين شاهه موسوي ثاني وٽان جانشاهي خاندان جي ڪن بزرگ شاعرن جو سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام مليو ويو[3] مون ڏنو ته جانشاهي بزرگن جو اهو

---

[2] تازو درگاهه مير جان الله شاهه جي نئين سر تعمير ڪرائي وئي آهي ۽ اهم مزارن ۽ مقبرن سان گڏوگڏ درگاهه جي چوڌيواري اندر سڄي قبرستان جي هر مزار کي نئون تعمير ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ درگاهه مير جان الله شاهه جو قديم مقبرو قائم هيو جيڪو اٽڪل 18_1917ع ۾ درگاهه جي هڪ معتقد سيٺ لالا ڀهرو مل (ڪلڪتي جو ٺيڪيدار) ۽ ٻين هندو طالبن ٺهرايو هيو موجوده درگاهه جي نئين تعمير ديوان ڊاڪٽر گُر بخش نچناڻي پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪرائي آهي. ديوان گُر بخش نچناڻي لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو سندس پتا ديوان هريرام جانشاهي بُزرگ سيد علي اڪبر شاهه ثانيءَ جو مريد هيو. ڊاڪٽر گُر بخش ڪافي سال اڳ هڪ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو آمريڪا ۾ ايڪسري ڪرائڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽرن سندن آپريشن لاءِ چيو پاڻ آپريشن ڪرائڻ کان اڳ ۾ روهڙي آيو ۽ مرشدن جي درگاهه جي زيارت ڪري پنهنجي صحت لاءِ دعا گهريائين. واپس آمريڪا آپريشن لاءِ ويو ته ايڪسري ۾ ڪنهن به بيماريءَ جو نشان نه مليو. انهيءَ خوشي ۾ دعا اگهجڻ جي ڪري ڊاڪٽر گُر بخش درگاهه مير جان الله شاهه جي نئين سر تعمير ڪرائي، جيڪا 1989ع کان 1999ع تائين مختلف مرحلن ۾ ٿي آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو ته تعمير تي هڪ ڪروڙ روپيا خرچ آيو آهي. (راوي: سيد مُريد حُسين شاهه رضوي ۽ سيد غلام رسول شاهه رضوي)

[3]. جانشاهي بزرگن جي ڪلام جو واحد قلمي نسخو محترم دوست سيد عبدالحسين شاهه موسوي ثانيءَ وٽان مليو جيڪو چوپڙي نما ڪاپيءَ تي مٿان کان هيٺ مستطيل شڪل ۾ لکيل آهي. چوپڙيءَ جا ڪل صفحا 144 ٿين ٿا. جڏهن ته ڪٿي به ڪاتب پنهنجو نالو ۽ سن تاريخ وغيره نه لکي آهي.

Scanned by CamScanner

ڪلام اڻ ڇپيل هيو ۽ فني توڙي فڪري حوالي سان معياري پڻ. مون چاهيو ته جانشاهي بزرگن جي سوانح عمريءَ سان گڏ انهيءَ ڪلام کي منظر عام تي آڻجي ۽ پوءِ وڏيڪ مواد جي ڳولا ۾ لڳي ويس، ٿوري ئي عرصي اندر تذڪره جانشاهيءَ جو رف مسودو تيار ٿي ويو جنهن کي فيئر ڪري، بهتر ترتيب ڏئي ۽ ڪجهه واڌارن سان انهيءَ صورت ۾ آندوسين جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

'تذڪره جانشاهي' سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول ۽ سندن خاندان جي بزرگن، عالمن ۽ شاعرن جو احوال آهي جنهن سان گڏ انهن جي چونڊ ڪلام کي پڻ نموني طور شامل ڪيو ويو آهي. هن تذڪري ۾ جانشاهي خاندان جي ڪجهه اهڙين شخصيتن ۽ شاعرن جو بيان پڻ شامل آهي جن جو تذڪرو هن کان اڳ ڇپيل تذڪرن يا ڪتابن ۾ بلڪل ئي نه ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت 'جانشاهي خاندان' جون ڪجهه اهڙيون شخصيتون به آهن جن جو احوال ميسر نه هئڻ سبب هن ڪتاب ۾ شامل ٿي نه سگهيو آهي، جڏهن ته جن شخصيتن جو احوال شامل آهي، اهو به گهڻي قدر مختصر آهي ان جي باوجود 'تذڪره جانشاهي' جو هيءُ پهريون ڪتاب انهيءَ خاندان جي سلسلي جو هڪ اهم ۽ بنيادي ماخذ ضرور ثابت ٿيندو جنهن تي اڳتي هلي بهتر نموني چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي.

راقم الحروف، محترم دوست سيد عبدالحسين شاهه موسوي ثانيءَ جو نهايت ئي ٿورائتو آهي، جنهن 'تذڪره جانشاهي' جي سلسلي ۾ بنيادي مواد ۽ ڪلام مُهيا ڪيو. تنهن ڪانسواءِ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي روهڙيءَ جي موجوده گادي نشين سيد علي اڪبر شاهه ثالث عرف سيد مريد حسين شاهه رضوي ۽ جانشاهي خاندان جي چشم و چراغ سيد غلام رسول شاهه رضوي ۽ ڊاڪٽر جان علي شاهه رضويءَ جا به لکين ٿورا جن صاحبن ڪتاب جي سلسلي ۾ جانشاهي بزرگن جون تصويرون ۽ ٻيو مواد مهيا ڪيو.

ڪتاب کي سهڻي نموني ڇپرائڻ لاءِ 'سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ' جي سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن جا پڻ ٿورا مڃون ٿا.

اختر درگاهي

ميمڻ محلو روهڙي
15 نومبر 2000ع

Scanned by CamScanner

مزار: سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول، روهڙي (وفات: 1167هہ)



مزار: سيد جان الله شاهہ رضوي ثاني 'عاشق'، روهڙي (وفات: 1255هہ)

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني بن سيد جان الله شاهہ ثالث
(1868ع-1923ع)



سيد جان الله شاهہ رضوي چهارم عرف سيد جهاندار شاهہ رضوي
(1897ع-1967ع)

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاھ ثالث عرف سيد مُريد حسين شاھ رضوي
(1929ع ـ 2005ع)



سيد غلام رسول شاھ بن سيد غلام شاھ رضوي جانشاهي
(ولادت: 1942ع)

Scanned by CamScanner



درگاهہ مير جان الله شاهہ رضوي روهڙي جو موجوده سجاده نشين
سيد شير علي شاهہ عرف سيد جوّاد حسين شاهہ رضوي
(ولادت: 17 آڪٽوبر 1957ع)

سيد بشير حسين شاهہ بن سيد غلام علي شاهہ رضوي جانشاهي
(ولادت: 1970ع)

Scanned by CamScanner

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول

خانداني پس منظر:

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي، جنهن کي مير جان الله شاهہ رضوي اول پڻ سڏيو وڃي ٿو، سو روهڙي شهر جي رضوي ساداتن جي 'جانشاهي' خاندان جو جد امجد هيو. سندس ئي نالي تي روهڙيءَ ۾ 'ڪوٽ مير جان الله شاهہ رضوي' مشهور آهي، جنهن ۾ سندس پويان 'جانشاهي سادات' اڄ تائين آباد آهن.

مير جان محمد شاهہ رضوي، پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم، متشرع، زاهد، عابد، خوشخط، فارسي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر ۽ سنڌ جي سدا حيات صوفي شهيد شاهہ عنايت جهوڪ واري (متوفي 1130هہ) جي وڏن ۽ اهم خليفن ۽ طالبن جو سرگروهہ ۽ سندس ئي سلسلي جو اهم ۽ وڏو صوفي مبلغ، مفڪر ۽ سرواڻ ٿي گذريو آهي.

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي، بکر جي رضوي ساداتن جي جد امجد سيد محمد مڪي شاهہ[4] (متوفي 691هہ) جي اولاد مان هيو. سندس شجرو سيد محمد مڪي شاهہ سان هن طرح ملي ٿو.

سيد مير جان محمد شاهہ بن سيد ابراهيم شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد ابراهيم بن سيد مبارڪ شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن سيد صاحب شاهہ بن سيد رحمت الله بن سيد شيخ محمد بن سيد مريد شهيد بن سيد حسن بن شاهہ موسيٰ بن سيد علاءُ الدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي شاهہ رضوي.(1)

---

[4] سيد محمد مڪي شاهہ، سيد محمد شجاع جو فرزند هيو. سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي. سيد محمد مڪي شاهہ بن سيد محمد شجاع بن سيد ابراهيم اول بن سيد قاسم بن سيد زيد بن جعفر اصغر بن حمزه بن هارون بن عقيل بن اسماعيل بن جعفر ثاني بن امام علي نقي بن امام محمد تقي بن امام علي رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق- محمد مڪي شاهہ جو مقبرو ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر جي پرسان آهي. کيس هڪ فرزند صدرالدين محمد خطيب ٿيو.

(ڏسو: "تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي"
تاليف: قريشي حامد علي خانائي مطبوعا 1998ع)

Scanned by CamScanner

سيد مير جان محمد شاهه رضوي، سيد ابراهيم شاهه ثانيءَ[5] جو فرزند هيو. ”شجره سادات رضوي/نقوي بکري“ (قلمي فارسي) ۾ هن طرح آيل آهي.

”سيد ابراهيم بن سيد احمد رادو پسر شد هريک قطب الاقطاب صمداني و تلقين سيد الولين سلطان العارفين حضرت سيد السادات سيد مير جان محمد رضوي صوفي القادري ودويم حضرت سيد احمد عرف سيد عيدل شاهه“[6] (2)

سيد مير جان محمد شاهه رضوي جي عرفان، علمي ڏاهپ، صوفيانه بيباڪي ۽ باڪمال شخصيت ۽ اعليٰ پائي جي فارسي شاعريءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو جو سنڌ جي اهم تاريخي ۽ علمي تذڪرن ۾ کيس وڏي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويو آهي. خاص ڳالهه ته سندس تذڪرو انهن ڪتابن ۾ وڏي اهميت سان آيل آهي جيڪي يا ته سندس حياتيءَ ۾ لکيا ويا يا ته وري سندس حياتيءَ کان ٿوري عرصي اندر لکيا ويا.

سنڌ جي نامياري محقق ۽ اديب مير علي شير قانع پنهنجي مشهور تصنيف ”مقالات الشعراء“ ۾ جيڪو مير جان محمد شاهه رضوي جو تذڪرو ڪيو آهي، ان مان ڪجهه حصو جيئن جو تيئن هتي پيش ڪجي ٿو.

”مير تخلص مير جانشاهه محمد بکري رضوي ستہ آن سرگروهه مشايخ کرام زبده اولياي ذولاحترام صاحب سلسله سُنيہ ذاکر اذکار خفيہ و جليہ از مريدان جناب مورد عنايت ايزد وهاب شاهه عنايت الله صوفي است.“ (3)

مير علي شير قانع پنهنجي ٻي مشهور تصنيف ’تحفة الڪرام‘ ۾ پڻ مير جان محمد شاهه رضوي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن طرح رقمطراز آهي.

”مير حيدر شاهه جي اولاد مان، مير جان شاهه رضوي تمام لائق ۽ حق جي واٽ جو طالب آهي. شاهه عنايت الله صوفيءَ جي خدمت مان ارشاد جو رستو پرائي، انهيءَ خاندان جو خليفو ٿي، معرفت جو جهنڊو کڻي پنهنجي اصلي شهر ڏانهن موٽي آيو. مير تخلص ڪندو هو. محققانه شعرن سان

---

[5] سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول جي والد بزرگوار سيد ابراهيم شاهه ثانيءَ جو ڪو احوال ملي نه سگهيو آهي، ايتري قدر جو سندس مدفن تي به اختلاف آهي. مير جان الله شاهه رضوي جي پوين ۽ شهر جي ٻين بزرگن جو چوڻ آهي ته سيد ابراهيم شاهه ثاني جي مزار روهڙيءَ ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري سيد علي عثمان شاهه (عالي عثمان) جي مزار جي سامهون قديم مسجد جي آڳر ۾ آهي.

[6] سيد عيدل شاهه اول بن سيد ابراهيم شاهه ثاني 1 شوال 1172هه تي وفات ڪئي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هو:

وفاتِ حضرت غفران جا نگاهه سيد عيدل شاهه بتاريخ ماهه شوال 1172هه

ڀريل هڪ ديوان جو مالڪ آهي. پنهنجي طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سندس سخت ڏک ڏوڙ متعلق هڪ مثنوي حقيقتن سان ڀريل يادگار ڇڏي ويو آهي.“(4)

مير علي شير قانع مٺئين تذڪري ۾ غلطيءَ وچان مير جان محمد شاهه رضويءَ کي مير حيدر شاهه [7] جي اولاد مان ڪري ڄاڻايو آهي جڏهن ته مير جان محمد شاهه رضوي، مير حيدر شاهه عرف حيدر شاهه حقانيءَ جي اولاد مان نه هيو پر رضوي ساداتن جي هڪ ٻي شاخ سان سندس واسطو هيو. سيد حيدر شاهه حقاني، سيد صدرالدين محمد خطيب (متوفي 727هه) جي فرزند سيد تاج الدين شاهه جي اولاد مان هيو جڏهن ته مير جان محمد شاهه وري سيد صدرالدين شاهه رضوي جي ٻي فرزند سيد علاءُ الدين شاهه جي اولاد مان هيو ۽ سندس يارهين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو.

فيض جي طلب:

سيد مير جان محمد شاهه رضويءَ جو جنم جيئن ته هڪ علمي ۽ روحاني خاندان ۾ ٿيو تنهن ڪري سندس لاڙو شروع کان ئي روحانيت ڏانهن رهيو. هو پنهنجي وقت جو وڏو پڙهيل ڳڙهيل ۽ جيد عالم هيو تنهن ڪري پڙهڻ ڪانپوءِ هيئنئر ڪڙهڻ جي منزل اچي وئي ته بيچين ۽ بيقرار ٿي پيو. انهيءَ ازلي ۽ روحاني اُڃ کي اجهائڻ لاءِ مير جان محمد شاهه رضوي سير سفر شروع ڪيو ۽ حق جي ڳولا ڪئي. آخر سنڌ جي سرتاج صوفي ۽ عارف شاهه عنايت الله (جهوڪ واري) جي نظر فيض سندس روح ۽ دل کي قرار ڏنو ۽ سندس مطلب پورو ٿيو.

---

[7] سيد حيدر شاهه حقاني (متوفي 1039هجري) جنهن جي مزار پڻ روهڙي شهر ۾ آهي. پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم ۽ باڪمال عارف ۽ سالڪ ٿي گذريو آهي. پاڻ پڻ سيد محمد مڪي شاهه رضوي جي اولاد مان هيو ۽ سندس شجرو هن طرح بيان ڪيل آهي.

”سيد حيدر شاهه حقاني بن سيد موسيٰ بن سيد جادو بن سيد سونهارو بن سيد عبدالله بن سيد ابوالغيث بن سيد تاج الدين بن سيد خواجه خلق الصدق بن سيد تاج الدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد مڪي شاهه.“

(ڏسو: قريشي حامد علي خانائيءَ جو مضمون سيد حيدر شاهه حقاني رضوي مطبوعا ٽماهي مخزن ’مهراڻ‘ ڄامشورو آڪٽوبر ـ ڊسمبر 1990ع)

Scanned by CamScanner

قاضي غلام مهدي[8] ولد قاضي پير محمد (متوفي 1933ع) پنهنجي قلمي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ مير جان محمد شاهہ رضوي متعلق لکي ٿو تہ: "هڪڙي وقت سندس (مير جان محمد شاهہ جي) دل ۾ خيال آيو تہ ڏٺي تعاليٰ کي ڳولي لهجي، انهيءَ نيڪ ارادي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پاڻ سيوهڻ شريف روانو ٿيو مگر اتي سندس حاجت روائي نہ ٿي سگهي، تنهن ڪري اتان وري نٽي آيو ۽ معلوم ٿيس تہ حضرت شاهہ عنايت الله صوفي ميرانپور ۾ مشهور پير طريقت آهي، تنهن ڪري سندس خدمت بابرڪت ۾ وڃي حاضر ٿيو ۽ پنهنجو دلي مطلب حاصل ڪيائين، ڳچ عرصو سندس خدمت ۾ رهيو ۽ اتي درجو خلافت حاصل ڪري شاهہ عنايتِ صوفيءَ جي چوڏهن وڏن خليفن ۾ سيني جو سرگروهہ ٿيو." (5)

مير علي شير قانع بہ پنهنجي تصنيف 'معيار سالڪان طريقت' ۾ لکيو آهي تہ "جانشاهہ سچي سنڌ مرشد جي طلب ۾ گهمي پر پنهنجي مقصد براريءَ لاءِ ڪٿي بہ اوجر ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس، آخر شاهہ عنايت وٽ سندس دلي مراد پوري ٿي ۽ اتي رهي سلوڪ جي تحصيل ڪري مرشد جي موڪل سان ڳوٺ وڃي رشد هدايت جو سلسلو جاري ڪيائين." (6)

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي، پنهنجي مرشد شاهہ عنايت صوفيءَ جي فيض سان هڪ طرف ڪامل ولي ۽ عارف بڻجي ويو تہ ٻي طرف پنهنجي علمي ۽ روحاني ڪشف ۾ سندس رُتبو شاهہ عنايت وٽ ايترو وڌي ويو جو مير جان محمد شاهہ رضوي، شاهہ عنايت صوفيءَ جي سمورن طالبن ۽ ساٿارين جو اڳواڻ ۽ سندس وڏن خليفن جو سرگروهہ بڻجي ويو.

---

[8] قاضي غلام مهدي، نامياري صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل جي طالب ۽ مجازي دوست قاضي پير محمد جو ٽيون نمبر فرزند هيو. هو 1859ع ۾ ڄائو ۽ اٽڪل 1933ع ۾ وفات ڪري ويو. قاضي غلام مهدي، فقير قادر بخش بيدل وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيو هو. تنهن کان سواءِ پاڻ خوشخط پڻ هيو ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ قلمي نسخا نقل ڪيائين. قاضي غلام مهدي پاڻ بہ ڪيتريون تصنيفون ڇڏيون آهن. جن مان 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' اهم آهي. قاضي غلام مهدي جي انهيءَ قلمي ڪتاب جو پهريائين تذڪرو سنڌ جي برک مؤرخ پير حسام الدين شاهہ راشدي پنهنجي مضمون 'شاهہ عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ' مطبوعا (نئين زندگي 1957ع) ۾ ڪيو هو. ٿورو عرصو ٿيو جو راقم الحروف کي پنهنجي محترم دوست محمد صديق ڪلوڙ وٽان 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' جو ويجهي دور ۾ نقل ٿيل نسخو مليو ويو جنهن تان اهو احوال ورتو ويو آهي. شهيد شاهہ عنايت توڙي مير جان الله جي سلسلي ۾ اهو هڪ اهم ماخذ آهي. راقم الحروف وٽ موجود مذڪوره قلمي نسخي جو نقل 'عمر بخش' نالي ڪنهن نيڪ مرد ڪيو آهي، جنهن نسخي جو اختتام هن طرح ڪيو آهي: پورو ٿيو. تاريخ 3 اپريل 1917ع برابر تاريخ 9 ماهہ رجب 1335هہ از دست مڪمل عمر بخش مريد درگاهہ صوفي القادري

گدومل ڪنڻ مل هرجاڻي پنهنجي تصنيف "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري- جلد 1" ۾ لکي ٿو تہ سائين عنايت الله شاهہ ڪي هزارين مريد هئا ۽ ڪين ڪل چاليھ خليفا هئا جن ۾ وري چوڏهن وڏا هئا، جي بہ وڏي ڪرامت ۽ ڪماليت جا صاحب هئا. انهن چوڏهن خليفن جو سرڪردو حضرت مير جان الله شاهہ رضوي سيد روهڙيءَ وارو هيو. هي صاحب بہ وڏي ولايت ۽ علميت جا صاحب هئا. (7)

مير جان محمد شاهہ رضوي پاڻ بہ پنهنجي فارسي مثنوي 'ساقي نامہ' ۾ اهو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي تہ ڪيس ڪهڙي طرح باطني فيض حاصل ٿيو. مير جان محمد شاهہ رضوي جي اها مثنوي سندس، فيض لاءِ طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سخت ڪوشش ۽ ڏک ڏوڙ متعلق آهي. مثنويءَ جو ٿورو حصو هتي پيش ڪجي ٿو:

دم تحقيق در جانم اثر کرد
بجست و جو دل ديوانہ سر کرد
تفحص گير پيران گشتم از جان
نشان جستم زهر کوهہ و بيابان.
جنون را مشتري گر ديد هوشم
شکيبائي بغاوت داد جوشم.
محبت کرد اسباب سفر داست
دل از حظ وطن في لفور، برخاست.
طلب از شوق در آتش نشاندم
گلِ وحشت بفرقِ دل فشاندم.
چو مشتاقانِ سراپا شوق خدمت
تمنا ميکُند ديدارِ حضرت.
ز سرپا ساختہ در پيش رفتم
جمالش ديدم و از خويش رفتم.
دل و ديده همہ محوِلقايش
سر آ شفتہ افگندم بپايش.
بلطف و مرحمت بنشاند پيشم
کرم کرد از نواز شهاي خويشم.
باستفسار احوالم بپر داخت
دلم ممنون اخلاقِ حسن ساخت.

قاضي غلام مهدي ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ ۾ لکي ٿو تہ ”جڏهن شاهہ عنايت جي شهادت باسعادت جو وقت قريب آيو تڏهن سيد جان الله شاهہ کي پنهنجي وطن روهڙي ڏانهن موٽي وڃڻ جو ارشاد ڪيائون ۽ موڪلائڻ وقت چون ٿا تہ پاڻ شاهہ عنايت کان پيرين پئي موڪليائون ۽ پٺي ڏئي هليا. حاضرين ڪچهري جڏهن حضرت شاهہ عنايت کان انهيءَ جو سبب دريافت ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ مير جان الله شاهہ جي پُٽ يعني اولاد هميشہ هتي ايندي رهندي جان الله شاهہ پوءِ روهڙي ۾ اچي فيض عام شروع ڪيو.“(8)

سنڌ جي ناميارِي اديب مرحوم لطف الله بدوي پنهنجي تاليف ’تذڪره لُطفي‘ ۾ سيد مير جان الله شاهہ رضويءَ جو جيڪو تذڪرو ڪيو آهي اُن ۾ هو لکي ٿو تہ ”مير جانشاهہ جيڪو پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏو عارف ٿي گذريو آهي. شاهہ عنايت الله صوفيءَ جي شهادت وقت ميرانپور ۾ موجود هيو. هن سچي مرشد جي بچاءُ خاطر ڪلهوڙن جي فوج سان وڙهڻ چاهيو پر صوفي شهيد کيس هٿيار کڻڻ کان منع فرمائي. هن هولناڪ واقعي کانپوءِ مير صاحب روهڙيءَ اچي رهيو جتي سندس فيض کان هر خاص و عام مستفيض ٿيندو رهيو.“(9)

محترم شوڪت خواجائي پنهنجي ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ ۾ لکيو آهي تہ ”پنهنجي مرشد سان مير جان الله شاهہ رضويءَ عقيدت ۽ محبت جو هي حال هيو جو جڏهن نواب اعظم خان ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جون ظالمانہ ۽ جابرانہ طاقتون صوفي شاهہ عنايت جهڙي حق پرست سان ٽڪرائجي رهيون هيون ۽ پاڻ صبر ۽ شڪر سان انهن مصيبتن کي برداشت ڪري رهيا هئا, انهيءَ وقت سيد جان الله شاهہ بيقرار ٿي ڪري حضرت صوفي شاهہ عنايت جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ نواب اعظم خان جي مقابلي لاءِ اجازت ورتائون پر پاڻ صوفي شاهہ عنايت جي ارشاد جي تعميل ڪئي ۽ خاموش ٿي ڪري ويهي رهيا, آخر صوفي شاهہ عنايت جي شهادت جو واقعو پيش آيو. مير جان الله شاهہ جي دل تي انهيءَ واقعي جي ڪري جيڪا قيامت گذري پاڻ ان ڏک ۽ واقعي جو اظهار پنهنجي مشهور قصيدي ’حجتہ الله‘ ۾ نهايت حسرت ناڪ طريقي سان ڪيو آهي.“(10)

مٿين تذڪرن مان خبر پوي ٿي تہ هڪ سچي ساٿيءَ ۽ بهادر صوفيءَ جي حيثيت ۾ مير جان الله شاهہ رضوي چاهيو ٿي تہ هو بہ انهيءَ ئي واٽ ۾ شهيد ٿي وڃي جنهن واٽ ۾ سندس پير مغان حضرت شاهہ عنايت الله ۽ سندس ساٿاري طالب تيار آهن، پر مرشد جي حڪم موجب پاڻ تلوار نہ کنيائون. جيئن تہ مير جان الله شاهہ رضوي، شاهہ عنايت الله جي روحاني ۽ فڪري سلسلي جو اهم اڳواڻ هو ۽ سندس وڏي ۾ وڏو خليفو ۽ سندس طالبن جو سرگروهہ هيو. انڪري شاهہ عنايت الله چاهيو ٿي تہ سندس شهادت کانپوءِ مير جان الله شاهہ رضوي انهيءَ ئي حق جي تلقين جو سلسلو جاري رکي ۽ انهيءَ ئي فڪر ۽ فلسفي کي اڳتي وڌائي جيڪو فڪر ۽ فلسفو پاڻ (شاهہ عنايت) ڇڏي ويا وڃن. سيد مير جان الله شاهہ رضوي، شاهہ عنايت جي شهادت وقت اڃان نوجوان هئا ڇو جو پاڻ شاهہ عنايت جي شهادت کان پورا سٺتيهہ (37) سال پوءِ وفات ڪيائون ۽ سندس روحاني ۽ فڪري حلقي ۾ سنڌ جو سرتاج شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پڻ شامل ٿي ويو ڇو جو شاهہ لطيف مير جان الله شاهہ جو همعصر هو ۽ ڇوڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهہ لطيف جو مير جان الله شاهہ رضوي وٽ اچڻ وڃڻ رهندو هو اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي ناميار اديب محترم محمد ابراهيم جوئي پنهنجي ڪتاب 'شاهہ سچل سامي' ۾ مير جان الله شاهہ رضويءَ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ساٿاري ڄاڻائي هن طرح لکيو آهي تہ: "ٻيا بزرگ جهڙوڪ نٽي جو مخدوم محمد امين، سيوهڻ جو مخدوم ميان دين محمد، اگهم ڪوٽ جو مخدوم ميان پير محمد، ڪوٽڙي ڪبير جو مخدوم ميان محمد، روهڙيءَ جو مير جان الله شاهہ رضوي، گهوٽڪيءَ جو ميان موسيٰ شاهہ جيلاني ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي اهل دل ۽ اهل بزرگ صوفي باصفا ۽ عالم باعمل جي سچي سنڌ ۾ شاهہ سائينءَ جا نہ رڳو ساٿاري پر دوست ها جن سنڌي سماج جي قومي بحالي ۽ قومي بقا لاءِ سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد قائم ڪرڻ گهريو ٿي."(11)

صوفي شاهہ عنايت الله جي شهادت هڪ طرف حضرت مير جان الله شاهہ رضويءَ جي دل تي دردناڪ اثر ڪيو جو پاڻ پنهنجي شعري تصنيفن ۾ ان جو جا بجا ذڪر ڪيو اٿائون، ٻي طرف پاڻ پنهنجي مرشد شهيد شاهہ عنايت جي ارشاد مطابق پنهنجي شهر روهڙيءَ ۾ ويهي رشد هدايت جو سلسلو شروع ڪيو ۽ ڪيترن ئي طالبن کي فيض رسايو.

Scanned by CamScanner

طالبن جو احوال:

سيد مير جان محمد شاهه رضوي جيئن تہ پنهنجي وقت جو هڪ باڪمال عارف، جيد عالم، شهيد شاهه عنايت جي روحاني ۽ فڪري سلسلي جو مکيہ وارث ۽ سندس طالبن جو سرگروهه هيو انڪري هن وٽان بہ ڪيترن ئي فقيرن ۽ طالبن فيض حاصل ڪيو. مير جان الله شاهه رضوي جو حلقو جيئن تہ شاهه شهيد جي ڇڏيل فڪري سلسلي جو اهم مرڪز هيو تنهن ڪري شاهه عنايت جي شهادت کانپوءِ انهيءَ ئي سلسلي جي پياسن شاهه جان الله رضوي جي روحاني ۽ علمي آبشار مان اُڃ اُجهائي، ٻي طرف سندس انوکي ۽ پرڪشش روحاني شخصيت مان سندس ڪيترن ئي مريدن ۽ عقيدتمندن فيض حاصل ڪيو. انهن مان سندس ڪن مريدن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو. قاضي غلام مهدي جي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ لکيل آهي تہ "مير جان الله شاهه رضويءَ جا هزارين مُريد هئا، جن مان هڪڙو غلام رسول وڻجارو پٺاڻ ويٺل خراسان جو وڏو ڪماليت جو صاحب ٿي گذريو آهي ۽ سندس مريد ٿيڻ جو احوال هن ريت آهي:

غلام رسول پٺاڻ سوداگر ماڻهو هيو. جڏهن پنهنجي ڪم سان روهڙيءَ ۾ آيو تڏهن مير جان الله شاهه رضويءَ جي فيض ۽ ڪرامتن جو احوال ٻڌي اچي سندس قدم بوس ٿيو ۽ جيڪي ٻڌو هئائين سو اکين سان ڏٺي دل جي صدق سان اعتقاد رکي مريد ٿيڻ جو عرض ڪيائين. شاهه صاحب ڪيس فرمايو تہ تو وٽ گهڻو مال موجود آهي پهريائين اهو پنهنجي وطن پهچائي اچ پوءِ مريد ٿيءُ، نہ تہ فيض ملڻ کانپوءِ اهو مال تون پنهنجي هٿن سان لُٽيندين. غلام رسول ورندي ڏني تہ قبلا اسان پٺاڻ سخت دل ماڻهو آهيون ۽ ڪنهن کي بہ پائي ڏيڻ وارا ناهيون. اوهان تسلي ڪريو ۽ مون کي مريدن جي سلسلي ۾ شامل ڪريو. مير جان الله شاهه ڪيس پنهنجي مريدن ۾ شامل ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي باطني فيض کان مستفيض فرمايو. پوءِ ان پٺاڻ جو اهڙو حال ٿيو جو اهو سمورو مال پنهنجي هٿن سان خدا جي واٽ ۾ خيرات ڪري هٿين خالي مجرد ٿي مير جان الله شاهه رضويءَ جي حضور ۾ رهڻ لڳو ۽ آخر ڪامل ولي الله ٿي پيو. گهڻو وقت پنهنجي مرشد ارشد جي خدمت ۾ گذارڻ بعد پنهنجي وطن خراسان ڏانهن وڃڻ لاءِ اجازت جو طلبگار ٿيو. جنهن تي مير جان الله شاهه رضوي ڪيس اجازت ڏني ۽ حڪم فرمايو تہ

خراسان پهچڻ بعد تنهنجو 'غلام محمد' مريد ٿيندو ۽ غلام محمد جو وري سيد عبدالوهاب شاهہ پاڳناڙيءَ وارو مريد ٿيندو ان وقت اسان جي گادي نشين وٽ امانت (روحاني فيض) ڪانہ هوندي. تنهن ڪري تون غلام محمد کي ۽ غلام محمد وري عبدالوهاب شاهہ کي اها وصيت ڪري تہ هو پاڳناڙيءَ کان روهڙي اچي اسان جي امانت اسانجي پوين کي ڏئي وڃي. غلام رسول وٽجارو اهو حڪم برچشم ڪري رخصت پذير ٿيو ۽ پنهنجي وطن خراسان ڏانهن روانو ٿيو." (12)

سيد مير جان الله شاهہ رضويءَ جي پنهنجي مريد غلام رسول وٽجاري کي ڪيل وصيت وارو اهو بيان ڪيترن ئي تذڪرن ۾ جيئن جو تيئن ڏنو ويو آهي. فقير غلام رسول جو مريد واقعي غلام محمد ٿيو ۽ ان جو مريد سيد عبدالوهاب شاهہ پاڳناڙيءَ وارو ٿيو. انوقت تائين مير جان الله شاهہ رضوي وفات ڪري چڪو هيو ۽ سندس گاديءَ تي سندس پوٽو فتح علي شاهہ رضوي ويٺل هو جنهن جو ذڪر اسان اڳتي ڪنداسون.

ناميار صوفي مبلغ ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل جي خاندان جو جد امجد ميان عبدالقادر قريشي پڻ مير جان الله شاهہ رضوي اول جي مريدن ۾ ڄاڻايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ مرحوم سبحان بخش قريشي، فقير بيدل جي فارسي تصنيف 'پنج گنج' ۾ سندس سوانح عمري ۾ لکيو آهي تہ "فقير بيدل جو پڙ ڏاڏو ميان عبدالقادر قريشي جيڪو ملتان جو هو اهو ملتان ۾ مير جان الله شاهہ رضويءَ جي خدمت ۾ رهندو هيو ۽ ان جي بيعت ڪري دم جي ڌمال شروع ڪيائين. مير جان الله شاهہ رضوي جڏهن ملتان کان روهڙي آيو تہ ميان عبدالقادر بہ پنهنجي خاندان سميت پنهنجي مرشد سان روهڙي کي پنهنجو وطن بڻايو." (13)

تصنيفون:

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي عرف مير جان الله شاهہ اول هڪ وڏو عارف، عالم، خوشخط ۽ فارسي ٻوليءَ جو باڪمال شاعر هيو. سندس تصنيفون جيڪي اسان کي معلوم ٿي سگهيون آهن، انهن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو.

قرآن پاڪ جو تفسير:

سيد مير جان محمد شاهہ رضويءَ جي اڪثر تذڪرن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ مير صاحب خوشخط هيو ۽ اڳ جي رواج موجب ڪلام الله شريف هٿ سان لکندو هو ۽ ان جي اجوري مان جيڪي حاصل ٿيندو هو تنهن تي گذران ڪندو هو. سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول جي تصنيفن ۾ سندس پنهنجن هٿن اکرن ۾ لکيل قرآن پاڪ جو فارسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ۽ تفسير اهم آهي، جيڪو سندس پوٽرن وٽ اڃان محفوظ آهي. سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جو لکيل قرآن پاڪ جو اهو عاليشان تفسير سندس علم ۽ عرفان جو چٽو ثبوت آهي. پاڻ اهو تفسير سن 1136 هجريءَ ۾ لکيائون جڏهن پاڻ اڃان نوجوان هئا. سيد مير جان محمد شاهہ رضويءَ جي پنهنجن خوبصورت هٿن اکرن ۾ لکيل اهو تفسير 315 ورقن يعني 630 وڏن فل اسڪيپ صفحن تي مشتمل آهي. قرآن پاڪ جو اصل عربي متن ڪاري مَسُ سان ۽ ان جي هيٺان فارسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ڳاڙهي مَسُ سان لکي وئي آهي، جڏهن تہ ان جو تفسير حاشين ۾ نهايت علمي ۽ فڪري انداز ۾ لکيو ويو آهي. قرآن پاڪ جي ان تفسير جي آخر ۾ اختتام طور سيد مير جان محمد شاهہ هيٺيان الفاظ لکيا آهن:

> بدست خط اضعت عبادالله جان محمد ابن مرحوم سيد
> ابراهيم ابن سيد احمد، صورت تحرير يافت و تاريخ 12
> شهر رمضان المبارڪ 1136 هجري (14)

راقم الحروف کي مذڪوره قرآن پاڪ جي تفسير کي بخوبي ڏسڻ جو شرف حاصل آهي.

ديوان مير:

’ديوان مير‘ سيد مير جان الله شاهہ رضوي اول جو فارسي ديوان آهي جنهن ۾ سندس باڪمال فارسي شاعري شامل آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ مير جان الله شاهہ جي انهيءَ شعري ڪتاب کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ سندس ديوان کي سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ فارسي جي اهم شعري مجموعن ۾ ڳڻيو ويو آهي.

مير جان الله شاهہ رضوي جي پوين وٽ موجود ’ديوان مير‘ جو قلمي نسخو 265 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 225 فارسي غزل شامل آهن

Scanned by CamScanner

جنهن ڪانسواءِ ٻيون صنفون جهڙوڪ فرد، مسدس، مخمس وغيره شامل آهن ۽ آخر ۾ حڪايتون پڻ لکيون ويون آهن. 'ديوان مير' ۾ شامل پهرين غزل جو مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي.

مطلع:

الهي جوش طوفان بخش چشم اشڪبارم را
سحاب دجله افشان کن رگِ ابربهارم را.

مقطع:

غلام همت عشقم که هردم مير گر داند
طراز چنگل شهباز ڪبڪِ ڪوهسارم را.

'ديوان مير' جو آخري غزل هن طرح آهي:

اي در رخت مبرهن انوار اوليائے
اي در دلت مبين اسرار انبيائے.

نام قصيده ڪر دند در قدس حجة الله
برسنت محمد در حضرت خدائے.

'ديوان مير' جو موجوده قلمي نسخو روهڙيءَ جي هڪ عالم، فقير محمد اڪرم جي خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل آهي، جنهن 'ديوان مير' نسخي جو هن طرح اختتام ڪيو آهي:

"تمت بالخير ڪتاب ديوان مير تصنيف غفران پناه رضوي جابڪاه مير صاحب مير ميان سيد جانشاه رضوي مريد سردار العارفين- راقم بنده فقير محمد اڪرم، تحرير تاريخ پنجم ماه ربيع الاول 1217 هجري "(15)

ناميارو اديب لطف الله بدوي پنهنجي ڪتاب "تذڪره لطفيءَ" ۾ مير جان الله شاه رضوي جي 'ديوان مير' تي مختصر پر نهايت جامع تبصرو ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو ته "سندن تصنيفات مان 'ديوان مير' مشهور آهي. سندس شعر تصوف جي باريڪ نڪتن سان ڀرپور آهي. سندس ڪلام ڪي ڏسي اڪثر بزرگن سندس ولي الله هجڻ جو اقرار ڪيو آهي. شعر ايتري قدر ته نزاڪت ڀريو اٿس جو اهل ذوق لاءِ ان جو انتخاب ڪرڻ ئي مشڪل آهي. هندستان ۾ جي انوقت جا پارسي زبان جا شاعر ٿي رهيا جهڙوڪ مرزا بيدل، آزاد بلگرامي ۽ واقف بٽالوي، انهن جي ڪلام سان

Scanned by CamScanner

سندس ڪلام وڃيو تڪري. وڌي خصوصيت جا سندس شعر ۾ آهي سا آهي 'درد'. سندس شعر جي هر هڪ سٽ مان درد ۽ محبت جهلڪيندو نظر اچي ٿو. زبان جي لحاظ کان ائين معلوم پيو ٿئي جڻ ڪو شيراز يا تبريز جو رهاڪو ٻولي رهيو آهي. سندس ڪلام جي پختگي، رواني ۽ شيرينيءَ ۾ درد معلوم ٿئي سگهندو."(16)

مرحوم لطف الله بدوي، سيد مير جان الله شاهه رضوي جي شخصيت توڙي شاعريءَ تي پنهنجي ڪتاب ۾ نهايت سهڻي انداز ۾ لکيو آهي، ٻي ڪنهن به تذڪري ۾ مير جان الله شاهه رضوي جي شاعريءَ تي اهڙو مفصل ۽ جامع تبصرو اسان کي نٿو ملي. معلوم ٿئي ٿو ته لطف الله بدوي مرحوم 'ديوان مير' جو ڀرپور مطالعو ڪيو هوندو ۽ ان جو نقل وٽس ضرور موجود هوندو.

عبدالحسين شاهه موسوي پڻ پنهنجي تاليف 'ديوان بيدل' ۾ 'ديوان مير' جو مختصر ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي ته "مير جان محمد شاهه" 'مير' بہ عشق جي تعريف ۾ هڪ غزل لکيو آهي جنهن جي مطلع آهي:

راز پنهانم عيان از چشم گريان کرد عشق
سينهٔ ريش مرا آخر نمڪدان کرد عشق. (17)

مثنوي در بحر مثنوي:

سيد مير جان محمد شاهه رضوي جي اها فارسي مثنوي آهي جيڪا هن مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي معنوي جي بحر ۾ ۽ ان کان متاثر ٿي ڪري لکي آهي.

مثنوي ساقي نامہ:

مير جان الله شاهه رضوي جي اها مثنوي سندس فيض جي ڳولا ۽ ڏک ڏوڙ متعلق لکيل آهي، هن ۾ مير صاحب ٻڌايو آهي ته ڪيس ڪيئن فيض حاصل ٿيو. ساقي نامہ جا شروعاتي شعر هن طرح آهن.

شبي در خلوت غم بور جايم مڪذر گشت فرجوش صفايم.
شدم ساغر ڪش مئخانہ درد خراب نشئہ پيمانہ درد.
نہ گرد هستي خود پائي درگل تمنا راز شوق عالم دل.
چہ شوق محض جوش اشڪ مجنون بصحرا ميدو دوز رشت جيحون. (18)

Scanned by CamScanner

مثنوي صفت مئخانه:

هيءَ به سيد مير جان الله شاهه رضويءَ جي فارسي مثنوي آهي جنهن جا شروعاتي شعر هن طرح آهن:

چو مئخانه بهار مستي عشق جنون پرواز شور هستي عشق.
تجلي بر تجلي ريز و آنجا هم عاشق ز حوذ برخيز آنجا.
سدا بس جذبه محبوب بيرنگ ڪه صد رنگم زنند برشيشه امرسنگ
چو مئخانه بهار ذوق نامش دم عيسيٰ نسيم طرف بامش. (19)

وصال:

سيد مير جان محمد شاهه عرف جان الله شاهه رضوي اول تاريخ 5 ربيع الاول سن 1167 هجري مطابق 31 ڊسمبر 1753ع ۾ وفات ڪري ويا.[9] سندس ئي سلسلي جي هڪ اهم عارف ۽ صوفي فقير قادر بخش بيدل سندس وفات جي تاريخ پنهنجي هيٺين فارسي شعر ۾ ڏني اهي. فقير بيدل جي انهيءَ شعر مان سيد مير جان الله شاهه رضوي جي باڪمال شخصيت تي چٽي روشني پوي ٿي.

تاريخ وصال صاحبان ڪريمان مير جان الله ڪلان قدس سره

سيد سادات سلوک وصفا خارق عادات عقول وهنا
گل ز گلستان نبي و ولي شمع شبستان شهه ڪربلا
جان محمد رضوي بکهري غوث زمان زبده آلِ عبا
قادري و صوفي مهدي ء دهر صاحب ارشاد ڪثير العطا
مقصد هر بيت ز ديوان او منزل سالک ره دين وهدا
خطئه نا سوت از و بهرور محفل ملکوت ازو پرضيا
جوش بجبروت از جلال اوست يافته لاهوت ز ذاتش بقا

[9] سيد مير جان محمد شاهه رضوي کي پنهنجي رهائش گاهه جي نزديڪ ان جاءِ تي دفن ڪيو ويو جتي سندس نالي درگاهه مير جان الله شاهه قائم آهي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هيو. "وفات حضرت جنت مڪان سيد جان محمد، پنجم ماه ربيع الاول 1167هه" سيد جان محمد شاهه رضوي اول کان پوءِ سندس خاندان جي ٻين بزرگن کي سندس پهلوءَ ۾ دفن ڪيو ويو. درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جي مزار جا ڪتبا 1985ع ۾ محترم دوست شوڪت خواجائي اُتاريا. جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. مزارن جا اهي ڪتبا ان ڪري به اهم آهن جو هنيئر درگاهه جي نئين سر تعمير سبب اهي ڪتبا مزارن تان هٽايا ويا آهن.

Scanned by CamScanner

جُرعۂ فيضش بہ تجير فزود بادہ کش ساغرِ باهوت را
گشت چو پيراستہ در ملک ذات مسند باهوت ازان بادشا
جان طلب از سال عروجش نمود
مرشد وقت و قطب آمدندا. (20)
1167هہ

اولاد:

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول، بہ شاديون ڪيون. پهرين گهر مان ڪيس هڪ فرزند سيد علي حسن عرف الله رکيو شاهہ ۽ هڪ دختر تولد ٿي. ٻي گهر مان ڪيس بہ فرزند سيد شاهہ قلندر رضوي ۽ سيد منور علي شاهہ ۽ هڪ دختر تولد ٿي. مير جان محمد شاهہ رضوي جي ان نياڻيءَ جي شادي سيد محمد شجاع ولد سيد عبداللطيف رضوي سان ٿي جنهن مان بيبيءَ کي سيد سوائل شاهہ رضوي[10] فرزند تولد ٿيو.

سيد الله رکيو شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ رضوي بہ شاديون ڪيون جن مان ڪيس ٽي نياڻيون تولد ٿيون، جڏهن تہ سيد منور علي شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ چار شاديون ڪيون جنهن مان ڪيس ڇهہ فرزند تولد ٿيا. جن جو ذڪر اڳتي ايندو.(21)

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي کانپوءِ سندس فرزند مير قلندر علي شاهہ رضوي گاديءَ تي ويٺو.

---

[10] مير جان محمد شاهہ رضوي جو ڏوهٽو سيد سوائل شاهہ اول (متوفي 1232هہ/1817ع) پڻ سيد محمد مڪي شاهہ رضوي جي اولاد مان هيو ۽ سندن گهراڻو پڻ علمي ۽ روحاني هيو. سندس اولاد مان سندس پڙپوٽو سيد سوائل شاهہ ثاني بن سيد غلام علي (متوفي 1277هہ/1860ع) پڻ پنهنجي دور جو بلند پايہ عالم، اديب، شاعر ۽ ڪتاب ٿي گذريو آهي. سندس والد غلام علي ۽ ڏاڏو سيد فقير علي صوفي بزرگ هئا ۽ قادري طريقو رکندا هئا. رضوي سادات جي قلمي مخطوطات مان سيد سوائل شاهہ اول (مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي ڏوهٽي) جي وفات جي تاريخ ڪنهن شاعر هن ريت وضح ڪئي آهي.

مظهر نور حق سوائل شاهہ
واصل الله آن بقا با الله
سال تاريخ آن حميد صفات
وان المتقين في الجنات.
1232هہ

(وڌيڪ ڏسو: قريشي حامد علي خانائيءَ جو مضمون 'سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' مطبوعا ٽماهي "مهراڻ" 1_1995ع)

Scanned by CamScanner

حوالا:

1. شجره سادات نقوي رضوي بکري (قلمي فارسي)
2. شجره سادات نقوي رضوي بکري (قلمي فارسي)
3. مقالات الشعراء: مير علي شير قانع مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ 1957ع
4. تحفة الاڪرام: مير علي شير قانع، ترجمو مخدوم امير احمد. جلد ٽيون. ڇاپو چوٿون 1994ع
5. 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
6. 'معيار سالڪان طريقت': مير علي شير قانع مان اقتباس مرحوم حسام الدين راشدي
7. 'ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري- جلد 1' گدومل هرجاڻي (مطبوعا 1940ع)
8. 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي (قلمي سنڌي)
9. 'تذڪره لطفي' لطف الله بدوي
10. 'ڳالهيون منهنجي سنڌ جون' شوڪت خواجائي (مطبوعا 1999ع)
11. 'شاهه سچل سامي' محمد ابراهيم جويو.
12. 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' قاضي غلام مهدي
13. 'پنج گنج' سبحان بخش قريشي- (مطبوعا 1976ع)
14. قرآن پاڪ جو فارسي تفسير: مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
15. 'ديوان مير': مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
16. 'تذڪره لطفي': لطف الله بدوي
17. ديوان بيدل: عبدالحسين شاهه موسوي (مطبوعا 1991ع)
18. ديوان مير: مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
19. ديوان مير: مير جان محمد شاهه رضوي اول (قلمي فارسي)
20. سرود نامون (بيدل جو ڪلام) فقير محمد محسن بيڪس (قلمي سنڌي)
21. شجره سادات رضوي/نقوي بکر (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جي ڪلام جو نمونو

الاهی جوشِ طوفان بخش چشم اشکبارم را
سحاب وجله افشان کن رگ ابر بهارم را

بزور نشئه صاف محبت رویم افروزی
بخونِ شعلئہ سرسبز گردان کشت زارم را

خشونتهائی نفسم را بلطف خویش پروازی
چمن پیرای گلزارِ تجلیٰ ساز خارم را

دلم در سینہ از شوق دم تیغ تو میرقصد
ز گل صد بار رنگین تر کنی مشت غبارم را

غلام همت عشقم کہ ہر دم 'میر' گرداند
طرازِ چنگل شهباز کبکِ کوهسارم را

❊

صاحب تسلیم را برهان نمی آید بکار
اہلِ دین را حکمتِ یونان نمی آید بکار

ہرچہ شد افگندنی بار سرود ونشی مکن
جز غمِ عشق از همہ دوران نمی آید بکار

وقت پیری گریہ برحالِ خود از افسرد گیست
دانئہ بوسیده را باران نمی آید بکار

چون جنون سرزد ز دل دست از دو عالم برفشان
سر بہ سودا داده را سامان نمی آید بکار

Scanned by CamScanner

انحرافِ عکس از معکوس در آئینہ نیست
'میر' محوِ دلبران را جان نمی آید بکار

❊

از ذوق لقا دیدهٔ مارا کہ خبر کرد
از جلوه اش این آئینها را کہ خبر کرد

وا کرده بروئی دلم ابواب کرم را
ز افلاس من آن گنج غنارا کہ خبر کرد

بیرون همہ سرسبز و در ونش همہ پُرخون
از حالتِ من برگِ حنارا کہ خبر کرد

راز یکہ بدل از در و دیوار نهفتم
نیک و بدو سلطان و گدارا کہ خبر کرد

در باغ بحر شاخ سر اسمیہ زنده سر
از درد دلم 'میر' صبا را کہ خبر کرد

❊

بزلفِ کافری او نقد ایمان دادم و رفتم
بمز گانِ کجش تصدیق برهان دادم و رفتم

جنون سرمایہ ام سودو زیانِ خود نمیدانم
دل و جان رونمائی حسن جانان دادم و رفتم

نباشد دیده در راهِ چمن بیتاب دیدارش
کہ حسنش را قرار صد گلستان دادم و رفتم

سر از مژگان خونخوارش سلامت کی برد عاشق
کہ فتوایش بصد خونِ مسلمان دادم و رفتم

Scanned by CamScanner

نمودم نفس را آیات وحدت 'میر' در کثرت
برهمن تفسیر قرآن دادم و رفتم

❊

در ثنائی عشق پیچیدن نمی آید زمن
با ترازو کوه سنجیدن نمی آید زمن

عاشقم بر بود و نابودم نباشد التفات
از بلائی دوست نالیدن نمی آید زمن

هرچه بادا باد جان درپیش جانان میکشم
سرز زخمِ دوست در دیدن نمی آید زمن

مصر در دل یار را از گریه نتوانم فگند
سنگ با ناخن خراشیدن نمی آید زمن

'میر' از دل میکشم بیرون هوائی غیر را
خرقهٔ سالوس پوشیدن نمی آید زمن

❊

زیر گردون با اجل منقاد باید زیستن
رشتهٔ برپا در کفِ صیاد باید زیستن

زندگی چون مرگ میباشد مقدر چاره نیست
شاد باید نیستن، ناشاد باید زیستن

سعی در تلقین پیران عشرتِ کامل دهد
سر خوش از پیمانهٔ ارشاد باید زیستن

'میر' ز آشوب بلائی زندگی گر بیدلی
چند روزی هرچه باد آباد باید زیستن

❊

Scanned by CamScanner

حجاب من ز پیش روئی خود بردار ای ساقی
مکش آئینه جانها درین زنگار ای ساقی

نهان در زیر دامن شمع محفل کی توان کردن
بر آور شیشه را از خانهٔ خمار ای ساقی

ز حفظِ خوشیتن تنگم شراب آرزو دار
که آیم برسر بازار بی دستار ای ساقی

جمال دختر از دلربائیها نمی داند
مرا از خودستان با جذبهٔ دلدار ای ساقی

در این وادی به پس واماندگان چون 'میر' میمانم
توصل کن مرابا کاروان سالار ای ساقی

❊

Scanned by CamScanner

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي جيڪو عام طرح 'شاهہ قلندر' جي نالي سان مشهور آهي، مير جان محمد شاهہ رضوي اول جو وچون فرزند هيو. 'شجره سادات نقوي/ رضوي بکر' ۾ هن طرح آيل آهي:

و از خانہ خورد عارف رباني مير جان الله قدس سره بيبي کہ از قاضيان شصر سکر بود، از دو پسر شد صريک عارف باالله قطب الاقطاب صاحب تلقين و ارشاد حضرت سيد قلندر علي و سيد منور علي و يک بيبي 'زوجہ محمد شجاع' ولد سيد عبداللطيف۔(1)

سيد مير قلندر علي شاهہ جو جنم جيئن تہ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جهڙي اعليٰ پائي جي عالم، متشرع ۽ عارف جي گهر ۾ ٿيو تنهنڪري پاڻ بہ ڄمندي ڄام بڻيو ۽ ساڳئي ئي واٽ جو طالب ٿي ڪري وڏو عالم، فاضل ۽ عارف بڻجي ويو. مير قلندر علي شاهہ رضوي کي فيض پنهنجي والد بزرگوار کان ئي مليو. پاڻ پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ انهيءَ ئي حق جي واٽ جو پرچارڪ بڻيو ۽ انهيءَ ئي فڪر کي ڦهلائيندو رهيو جيڪو فڪر ۽ فلسفو شهيد شاهہ عنايت کانپوءِ سندس والد مير جان محمد شاهہ رضوي ڇڏي ويو.

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي بہ پنهنجي روحاني ۽ علمي شخصيت سان گڏوگڏ فارسي ٻوليءَ جو صاحبِ ديوان شاعر بڻيو. تنهن کانسواءِ سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ بہ سندس ڪلام نظر مان گذريو آهي.

اهو مير قلندر علي شاهہ رضوي جي باڪمال شخصيت جو ئي اثر هو جو سندس همعصر ۽ سنڌ جي برک محقق مير علي شير قانع پنهنجي تصنيف 'تحفة لڪرام' ۾ سندس هيٺيون مختصر ذڪر ڪيو آهي:

Scanned by CamScanner

"مير قلندر علي: ڪيترائي دفعا شاهپور ۾ ڏٺو ويو آهي. هو فقيريءَ کان واقف ۽ سلوڪ جي رستي تي قائم آهي."(2)

سيد مير قلندر علي شاهه جي متعلق، مير علي شير قانع جو لکيل اهو بيان انڪري به وڏي اهميت رکي ٿو جو اهو تذڪرو مير قلندر علي شاهه رضوي جي پنهنجي حياتيءَ ۾ لکيو ويو آهي. ٻي پاسي اها به خبر پوي ٿي ته مير قلندر علي شاهه، مير علي شير قانع جو همعصر هيو ۽ ساڻس ملاقاتي پڻ ٿيو هو. ان مان اها به خبر پوي ٿي ته مير قلندر علي شاهه سير ُسفر به ڪندو هيو جو ڪيس ڪيترائي ڀيرا مير علي شير قانع شاهپور ۾ ڏٺو هيو.

تحفة الڪرام ڪانسواءِ ڪنهن ٻي تذڪري ۾ مير قلندر علي شاهه رضوي جو ڪو تفصيلي احوال ڪونه ٿو ملي. قاضي غلام مهدي پنهنجي قلمي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ سيد مير قلندر علي شاهه جو مفصل بيان ڏنو آهي، پر اهو به عام روايتن ۽ سندن ڪرامتن ۽ طالبن جي احوال سان ڀريل آهي، جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو. "شاهه قلندر علي رضوي، وڏي ڪماليت وارو ولي الله هيو. هڪڙي ڏينهن مير قلندر علي شاهه رضوي روهڙيءَ کان ڪنڊرن جي ڳوٺ پنهنجن باغن ۽ زمين جي ڪم لاءِ پنڌ پئي ويو، ڪو به وهٽ ڪونه هو. اچا ڪوٺ کان ٻاهر نڪتا ته هڪ اُٺ مئو پيو هو. پاڻ جڏهن ناڪيلي ٿاهي اُٺ ۾ وجهي هڪليائون ته اٺ اٿيو ۽ هلڻ لڳو تان جو جڏهن پاڻ ڪنڊرن کان موٽيا ۽ ساڳي جاءِ وٽ آيا جتي اُٺ پيو هيو ته اُٺ جو مالڪ به اچي اتي نڪتو ۽ اُٺ ڪي سڃاڻي عرض ڪيائين ته قبلا هي اُٺ منهنجو آهي، مان هن ڪي اڌ مئو ڇڏي ويو هوس، هاڻي ان جي سماءَ تي آيو آهيان ته مئو يا بچو. مير قلندر علي فرمايو ته ناڪيل واري مُهار به تنهنجي آهي؟ جت چيو نه. پاڻ اُٺ ويهاري مهار ڪڍي ورتائون ته اٺ يڪدم ڪري پيو ۽ مري ويو."(3)

ٻيو واقعو آهي ته جمن نالي شخص پنجاب جو ويٺل هو اتي خدا پاڪ جي راهه لاءِ ڪنهن ولي الله جو طالب ٿيو. اتفاق الاهي جڏهن روحاني طور تي چوٿين منزل جي حد ۾ آيو ته سندس مرشد بيمار ٿي پيو ۽ حياتي پوري ڏسڻ ۾ آيس. طالب جمن عرض ڪيس ته قبلا مون کي پنهنجي پوري منزل تي ڪير پهچائيندو ۽ مون کي ڪنهن جي آسري تي ڇڏي ٿا وڃو؟ مرشد جواب ڏنس ته باقي ٽي منزلون تنهنجون روهڙيءَ ۾ شاهه قلندر علي وٽ

Scanned by CamScanner

پوريون ٿينديون، اوڏانهين وڃ! آخر سندس مرشد وفات فرمائي. جمن فقير پنجاب مان منزل بمنزل اچي روهڙيءَ پهتو ۽ پڇا ڪندو ڏينهن جو شاهه قلندر علي سان ملڻ لاءِ سندس ڪوٽ ۾ آيو. ان مهل شاهه قلندر علي رضوي چوپڙ راند ويٺي ڪيڏي. جمن فقير اچي ويٺو مگر دل ۾ خيال ڪيائين، "مار هيترو پنڌ ڪيو اٿم، ڏسُ ته اهڙي ماڻهوءَ جو مليو آهي جو چوپڙ ويٺو ڪيڏي ۽ وري اٿين نه ٿو پڇي ته ڪير آهين ۽ ڪاٿئون ٿو اچين! شايد ولي الله نه آهي جو منهنجي حال جي خبر نه پيس، اجايو پنڌ ڪيم." جمن فقير ہن ويلن جو بکايل هو ۽ وري هيو به خدا پاڪ وٽ رسيدو سو بک ٽارڻ لاءِ بهشتي ميوو ڏاک چني کائڻ لڳو جا ڪنهن ڪين پئي ڏٺي. شاهه قلندر علي ڏارو هٿ ۾ ڪري اٿلي فرمايو ته "اٺارنهن پورا ۽ ڏاکون به يارن کان چوري هيڪل پيون کائجن." انهيءَ چوڻ سان جمن فقير جو اکيون کليون ۽ اٿي اچي سندس پيرن تي ڪريو. پاڻ جو ڏارو اٿلي فرمايائون ته اٺارنهن پورا، سي پيا به اٺارنهن، تنهنڪري ہيو ڏارو اٿلائڻ لاءِ ڪٽي، جيئن ئي جمن فقير پيرين پيس تيئن ئي ٽي دفعا ڏاري سوڌو هٿ پٺيءَ تي هنيائونس جيئن پٺي ٿڦبي آهي. ٽن دفعن هٿ هڻڻ سان هن جون باقي رهيل منزلون حل ٿي ويون ۽ جمن فقير پورو ڪامل ولي ٿي پيو.(4)

ان کان سواءِ سيد قلندر علي شاهه رضوي جا پيا به ڪيترائي مريد ۽ طالب هئا جن سيد قلندر علي شاهه کان فيض پرايو. چاڪاڻ ته پاڻ وقت جو هڪ ڪامل عارف ۽ وڏو فياض هيو، تنهن ڪري سندس طالبن جو حلقو به وسيع هيو. مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجي تاليف 'پنج گنج' ۾ ڄاڻايو آهي ته فقير قادر بخش بيدل جو ڏاڏو غلام فريد پنهنجي پاءُ غلام لطيف سان گڏ سيد مير قلندر علي شاهه جو مريد ٿيو هيو ۽ اهي ٻئي پاڻ مير سيد جان الله شاهه جي فرزند صوفي قلندر علي شاهه جي خدمت ۾ رهندا هئا.(5)

مياں باقر علي شاهه رضويءَ جو احوال:

سيد مياں باقر علي شاهه، سيد مير قلندر علي شاهه رضويءَ جو وڏو طالب ۽ نهايت ئي ڪامل عارف ٿي گذريو آهي. مياں باقر علي شاهه جو احوال قاضي غلام مهدي، 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ هن طرح ڏنو آهي:

"ميان باقر علي شاهه ويٺل بارگاهه ملڪ بڪار ۾ سيد نور محمد شاهه ويٺل صالح پٽ ہئي اچي سندس (مير قلندر علي رضويءَ جا) مريد ٿيا ۽ خدا پاڪ جي واٽ پڇي وڃي ڳوٺ مجاهدا ڪرڻ لڳا. ڏينهن جو ہئي پنهنجي ڳوٺ گذاريندا ها ۽ رات جو ہئي گڏ هڪ پٽ تي ويهي مراقبه ڪندا هئا. ساري رات مراقبو ڪري فجر جو ورې اچي ڳوٺ رهندا هئا. ڪيتري مدت ٻنهي ائين گذاري، هڪ ڏينهن ميان نور محمد شاهه، باقر علي شاهه کي چيو ته منهنجو مراقبو کليو آهي ۽ مون کي تجليات خدائي پسڻ ۾ اچن ٿيون. باقر علي شاهه کي اچي خيال ٿيو ته مرشد به هڪ ورتوسين، مجاهدو به ٻنهي هڪ مهل گڏجي ڪيوسين. نور محمد شاهه جو مطلب پورو ٿيو منهنجو نه ٿيو. سو اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي. جڏهن سيد نور محمد شاهه کان موڪلائي پنهنجي گهر ڏانهن هليو ته باقر علي شاهه کي دڳ تي هڪ کوهه نظر آيو. خيال ڪيائين ته ان ۾ ٽپو ڏئي مران. هيڏانهن وري ميان جان الله شاهه رضويءَ جي اڳيان روهڙيءَ ۾ سيد قلندر علي شاهه ويٺو هيو تنهن کي مير صاحب چيو ته 'ابا شاهه قلندر علي!' ته ايتري ۾ پاڻ فرمايائون ته بندي ڏنو آهي. پاڻ اهو چئي وٺي ٻانهون ڊگهيريائون ۽ ميان باقر علي شاهه کي جو اڌ کوهه تائين هليو ويو هيو وٺي ڪڍي روهڙي ۾ اڳيئون ويهاريائين ۽ ميان باقر علي شاهه کي فيض ڏنائون جو وڏو ڪامل ولي ٿي پيو." (6)

سيد مير قلندر علي رضويءَ جي نظر فيض سان سندس طالب سيد باقر علي شاهه بارگاهه وارو تمام وڏو عارف ۽ ڪامل بزرگ بڻجي ويو ۽ پاڻ به ڪيترن ئي طالبن کي فيض رسايو هئائون. انهن مان احمد سلطان ۽ سيد عبدالنبي شاهه گهٽو مشهور ٿيا.

سيد ميان باقر علي شاهه جو مدفن پنهنجي اصلي خانداني قبرستان ڳوٺ بارگاهه ۾ آهي، جتي هينئر سندس تربت انتهائي زبون حالت ۾ آهي ۽

Scanned by CamScanner

متس ڪوبہ ڪتبو وغيره لڳل ناهي. ٻي پاسي چونڊڪو (ضلع خيرپور) جي نزديڪ هڪ وڏو مقبرو ۽ درگاهہ پڻ انهيءَ ئي سيد باقر علي شاهہ ڏانهن منسوب آهي، ۽ عام چيو پيو وڃي تہ سائين باقرعلي شاهہ جا هَڏ بارگاهہ ۾ ۽ سَڏ چونڊڪو واري درگاهہ ۾ آهن.

سيد مير قلندر علي شاهہ جي شاعري:

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي هڪ وڏي عارف ۽ عالم هئڻ سان گڏوگڏ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ جو باڪمال شاعر پڻ ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد بزرگوار سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول جيان سيد مير قلندر علي شاهہ پڻ فارسي ٻوليءَ جو ’صاحب ديوان‘ شاعر ٿيو سندس فارسي ڪلام ۾ تخلص ’بهلول‘ استعمال ٿيل آهي جڏهن تہ پاڻ پنهنجي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ۾ ’قلندر‘ تخلص استعمال ڪيو اٿائين. سيد قلندر علي شاهہ جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام تمام ٿورو ملي سگهيو آهي، جڏهن تہ سندس فارسي شعر جو مڪمل ’ديوان بهلول‘ سندس پوين وٽ اڄ بہ محفوظ آهي جو راقم الحروف پڻ بخوبي ڏٺو آهي.

مير قلندر علي شاهہ رضويءَ جي ’ديوان بهلول‘ جو موجوده قلمي نسخو ڪل 199 صفحن تي مشتمل آهي. ’ديوان بهلول‘ جي پهرين غزل جي مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي:

مطلع:

شبنمی از بحر عشق دوست کل شد خاک ما
مخزن اسرار شد خاک کل نمناک ما۔

مقطع:

جرم کر بسیار شد بھلول بخشنده است او
چون شفیع ما است فردا سید لولاک ما۔ (7)

’ديوان بهلول‘ جي آخري غزل جي مطلع ۽ مقطع هن طرح آهي.

مطلع:

اگر امروز راه حق بینی
قیامت در صفت مردان و بینی

Scanned by CamScanner

مقطع:

صفا ڪُن دل ز چرڪ شرڪ بهلول

ڪہ تا در دل جمالِ دوست بيني۔ (8)

’ديوان بهلول‘ جو موجوده قلمي نسخو نهايت خوبصورت اکرن ۾ روهڙيءَ جي هڪ فقير محمد اڪرم سن 1216هجريءَ ۾ لکيو آهي ۽ نسخي جي آخر ۾ هن طرح رقم طراز آهي:

تمت بالخير ديوان بهلول

بدست خط فقير محمد اڪرم

تحرير بتاريخ صست ششم مَاه ذوالحج سن 1216ھ (9)

سيد مير قلندر علي شاهہ رضويءَ جي شاعريءَ جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو جو سنڌ جي برک صوفي شاعر ۽ عارف فقير قادر بخش بيدل پڻ پنهنجي تصنيف ’سندالموحدين‘ ۾ بين عارفن جي ڪلام سان گڏ سيد قلندر علي شاهہ جي سحرفيءَ جا بہ بند پڻ شامل ڪيا آهن جيڪي هن سِري هيٺ آهن:

من ڪلام موحد ڪامل اڪمل

مولانا قلندر علي رضوي قدس سره

ت: تفڪر ڪيجو وڃين لهين سار اندر دي

هڪو هرڪو هڪو ڳولين ڇوڙين خيال دگر دي

فاينما تولوَ فثم وجہ الله هي هر وچ هردي

ح: حجاب نہ رهسي ڪوئي جي تون صدقون ڪرين يقينا

ذات صفات هڪو ڪر ڄاڻين ڇوڙ خيال ڪمينا

جي صدقون سر صدقي ڪيجي تہ ملدا دوست شبينا (10)

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي پنهنجن مرشدن سان بيحد عقيدت جو اظهار بہ ڪيو آهي. پاڻ پنهنجي هڪ سرائڪي سحرفيءَ جي آخر ۾ پنهنجي پير مغان شهيد شاهہ عنايت ۽ سندس فرزند شاهہ سلام الله، ان ڪان سواءِ پنهنجي والد بزرگوار سيد جلن محمد شاهہ رضوي جو ذڪر ڪندي انهن سان وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. پاڻ هن طرح فرمائي ٿو:

حضرت هادي شاهہ عنايت نوري الله دي درگاهہ حضوري
طئي ڪيتس راهہ طلب دي پوري، ايهو شاهہ مُهيندا

هادي شاهہ سلام الله سونهارا در تجل وچ ماري نغارا
توڙ ڪيتس چا مطلب سارا، تون سڻ عرض اِهيندا

جان محمد شاهہ بکر والا، جهين دستون ديئا پيالا
قلندر پي ٿيا متوالا، سڻ ڪر سڏ اُهين دا.

وصال:

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي پنهنجي والد بزرگوار سيد مير جان محمد شاهہ رضوي جي وفات کان ويهہ ورهيہ پوءِ تاريخ 17 جمادي الثاني 1187هجريءَ مطابق 5 سيپٽمبر 1773ع تي رحلت فرمائي. فقير قادر بخش بيدل سندس وفات جي تاريخ پنهنجي هيٺئين فارسي شعر ۾ بيان ڪئي آهي. فقير بيدل پاران سيد قلندر علي شاهہ جي شخصيت ۽ ڪماليت تي لکيل اهو شعر سندس علم ۽ عرفان تي چٽي روشني وجهي ٿو.

شاهہ قلندر علي ڪہ ارشاوش
بحر مواج ورشک جيحون ھی
در مقامات از مشائخ دھر
آن قلندر سرشت افزون ھی
درج توحيد و کان معنیٰ را
سخن او چو در مکنون ھی
آفتابش باستوا چو رسيد
گفت ہاتف کہ ذات بيچون ھی (11)
1187ھ

اولاد:

سيد مير قلندر علي شاهہ جي شادي پنهنجي چاچي سيد احمد عرف سيد عيدل شاهہ بن سيد ابراهيم جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان ڪيس هڪ فرزند سيد جمن شاهہ اول ۽ هڪ نياڻي تولد ٿي.

Scanned by CamScanner

سيد جمن شاهہ بن سيد قلندر علي شاهہ بہ پنهنجي وقت جو هڪ ڪامل بزرگ ۽ عارف ٿي گذريو آهي جنهن لاءِ ”شجره سادات نقوي رضوي بکري“ ۾ ”صاحب رموز سبحاني سيد جمن شاهہ صوفي القادري“ جا الفاظ لکيل آهن.

سيد جمن شاهہ بن سيد قلندر علي شاهہ پنهنجي چاچي سيد علي حسن عرف سيد الهرکيو شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ جي نياڻي سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٽي نياڻيون تولد ٿيون، البت ڪيس پٽ جي اولاد نہ ٿي. (12)

سيد جمن شاهہ اول 8 محرم الحرام 1191هجريءَ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل هو:

وفات حضرت غفران جنت مڪان سيد جمن شاهہ خلف قلندر علي شاهہ تاريخ محرم هشم 1191هہ.

حوالا:

1. 'شجره سادات نقوي/رضوي بکر' (قلمي فارسي)
2. 'تحفة الڪرام' مير علي شير قانع. ترجمو مخدوم امير احمد جلد ٽيون ڇاپو چوٿون 1994ع
3. انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
4. انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
5. 'پنج گنج' ترجمو: سبحان بخش قريشي مطبوعا 1976ع
6. انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
7. 'ديوان بهلول' (مير قلندر علي شاهہ) قلمي فارسي
8. 'ديوان بهلول' (مير قلندر علي شاهہ) قلمي فارسي
9. 'ديوان بهلول' (مير قلندر علي شاهہ) قلمي فارسي
10. 'ديوان بيدل' (عبدالحسين شاهہ موسوي) ڇاپو 1991ع
11. 'سرود نامو' (بيدل جو ڪلام) فقير محمد محسن بيڪس قلمي سنڌي
12. شجره سادات نقوي/رضوي بکر (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد مير قلندر علي شاهہ رضوي
جي ڪلام جو نمونو

اگر امروز راه حق بيني
قيامت در صف مردان ديني

اگر در بنده بودن صادق آي
محب خاص رب العالميني

زهفتا دو ملت برگزيدت
که شرع دين احمد را اميني

اگر توفيق بخشند كرد كارم
كنم از خرمن تو خوش چيني

صفا كن دل ز چرک شرک بهلول
که تا در دل جمال دوست بيني

[سِحرفي حضرت شاهہ قلندر رضوي]

الف: الله ڪر چاڻ سِوئِي غير نہ ڄاڻج ڪوئي
فاذڪروني اذڪرڪم جا اپنا آپ ڪيتوئي
طالب تي مطلوب هڪو ٿيا ڳيا حجاب سوئي.

ب: بهار هوئي دل ميڏي جند ڇُٽي غير جنجالون
ڪر نہ اڪيلي اڪيلي هوئي آپ ڳيا مين نالون
جان يار جاني نال هڪو هويس تان پيم خبر وصالون.

ت: تفڪر ڪيجي، وچ هي لهين سار اندر دي
هڪ هرڪو هڪو ڳولين، ڇوڙ خيال ڊِگر دي
فاينما تولوفثم وجہ الله، هوئي صورت هر وچ هردي.

Scanned by CamScanner

ث: ثابت دل رکن جيکي ملندا يار تناهان
دل ڪيتيس ورلي ورلي هڪ ڪناهان
سرت نصيرا ڇوڙي جنهان، سي ڇوڙ چلي جسم اڳاهان.

ج: جنت حور قصور تي ڪوثر عاشق مول نہ پاون
وحدت دي وچ غوطا کائن دلبر وچ سماون
عشق معشوق تي عاشق هڪو هرکو سڏاون.

ح: حجاب نهين هي ڪوئي صدقون ڪرين يقينا
ذات صفات هڪو ڪر ڄاڻين ڇوڙين چاڙ ڪمينا
جي صدقون سر صدقو ڪيتس تان ملندا يار شبينا

خ: خوشحال هوئي شهہ سيتي مليم يار پيارا
ويکڻ نال ڳيم سڏ ساري ڪيتم نور نظارا
اندر ٻاهر نور ڏسيندا سڀ سون نور نيارا.

د: دل اُتي دلبر ڀُل گئي سُڌ ساري
هجر وصال کنون دل ڇُٽي ٻُڌ گئي هڪ واري
هويا نينهن نياوڻ اوکا يار ڪريسين ياري.

ذ: ذات صفات هڪو چا ڪيتس سن تو عشق آولي
اندر ٻاهہ برهہ دي ٻَڇيس آپ مريندا جَلي
ڦوڪي بالي تي مئن ڪالي ڏجي سَر سُولي.

ر: رقيب رفيق هويا ڏس ڏِتا مرشد سائين
من عرف نفسہ فقد عرف رَبہ تون ڪيئن ڳولين جائين
هير رانجهو سڀ اندر وَسُدا تون ٿر ڳر سمجهہ اڻاهين.

س: سرو سمن گل سيوتي عشق ڏقيري لائي
هار سينگار رابيل چنبيلي وچ خيرون خبر نہ ڪائي
هر شي دي وچ مقصود اساڏا آپ ڪڙا رنگ لائي.

ش: شراب پيون پر وتيان، تيون مست ڪلالُون
سِرُ ڏيون تي ڏسڪن ناهين، مشڪن ڪڙي وصالون
جي نفس مويا تان برحق هويا گيا حرام حلالون.

Scanned by CamScanner

ص: صبح هويا تون سُتا رهين، مول نہ جاڳين پورا
غفلت ڪرڪي عمر وڃائين سڻ ڪر هووين ڏورا
ڏينهن نہ ڪيتن راتيان سوئين ڪيون ڪر لنگهين ٿورا.

ض: ضرب ڪيجي دل اُتي هڪو واري
مول نہ ڇوڙين تنهن ڪون ٻاهر نيهي ڪر پين چاري
آس اوڇر آ، يار ڪريسين ياري.

ط: طالب هو ڪر آپ وڃاوين ڏس مرشد دا نت ڪمائين
جي مئن مئي تان جند ڇُٽي جو رهيا سو پاوين
جي لڏائي تان مُول نہ ڇوڙين، جي تون اس گهر آوين.

ظ: ظالم آکيس وچ قرآن دي، ڏوجها آکيس جاهل
جي چاهين يار محبت والا بنهين نہ ٿين ڳر ڪاهل
رب ڪريم پناهہ ڪريسين هردم هورهين تون سائل.

ع: عابد تي عبادت ڪرين جان جان رب سُڃاڻين
"وَاعۡبُد ربک حتي تاتيک اليقين"، جان جيوين تان تاڻين
ڪريم رحيم غفور الاهي، تان آسين تيڏي پاڻين.

غ: غافل هوڪي عمر وڃينسين، اِٿ وَلِ آوڻ ناهين
"في دنيا اعمافهو في الآخرت" تون ڪرين راتاهين
وَتڪلم ايديهم وتشهد ارجلهم پرسن انگ گواهي.

ف: فڪر عبادت ذڪرون جاڳان جي تون دل جڳاوين
تفڪر ساعت خيرُ من عبادت الثقلين سڻ فرمايا سائين
ڪُلي جُزوي سڀ هڪو ڄاڻين جي تون ٿُرين اڳاهين.

ق: قادر قدرت دا سائين جسم جهان جهيندا
ڏيکين پالين سڀ وچ جالين، لهين تون انت تهيندا
وهو معڪم شهہُ شامل هويا، ڳول نہ ڳلا گهيندا.

ڪ: ڪريم هَئي رب هادي جو تيڏا غير ڇُڙيسين
سَترونَ ربڪُم ڪفاترون القمر سهجون جاءِ جُڙيسين
ڏوهين جهان ڇُٽي سائين، جيڪا مُنهن مريسين.

Scanned by CamScanner

ل: لڳا نينهن اندر ميڏي، ڪس نيتس سُڌ ساري
عشق اولي ماري جهلي بن ٻاجهہ نہ تيڏي تاري
ٿي هادي همراهہ اساڏا تان پڇي توڙ ويچاري.

م: محبت ماهي نال جو لڳي، غير نہ وچ سَماوڻا
العشق نار يَحرقُ ماسوي المحبوب ايهو مچ مچاوڻا
انا الحق سنيالي سائين، جي تون اس گهر آوڻا.

ن: نگهہ ڪر پال اسان تون توبن ڪوڻ مُهيندا
جو تيڏي نائين وڃائي هادي، تون لهين سنيال تهيندا
سي سوداگر سودا ڪيون هارن، تون هين شاهہ جهيندا.

و: وفي انفسڪم افلاتبصرون، سُڻ ڪر ايهو ڏسُ
اپنا کوج کوج ڪر تون هي ڪار ڪهين ڪون رَسُ
سي قبول عبادت تيڏي، جي دل تيڏي وَس.

هہ: همراهہ هميشہ ساڏا دلبر دلِ دي اُتي
آپ ڪنون جي ٻاهر ڳولين رهن هميشہ ڪُتي
جي تون ڳولين اوهو ڳولي عُمر وڃاءِ نہ ستي.

ل: لا الہ نفس دا ڪلما تون غيرون آپ ڇُڙاوين
اِني آنا الله لا اِلہ اِلا انَا تون اندر دل دي ڳاوڻ ڳاوين
اَول اپنا آپ وڃاوين، تان تون شهہ نون پاوين.

الف: الله فرمايا سائين ڪُل شي وچ شهہُ وَسُدا
نحن اقرب اليهہ من حبل الوريد ايڏو ڏس تيڏي وچ وسدا
من اونهين وچ اوهو من وچ هڪ هُو ئي تان رَسُدا.

ي: ياري ڪر يار اساڏا تون همراهہ هميشہ
تون هئن اول تون هئن آخر تون هئن ايشان اوشان
جي قلندر محبت تيڏي وچ نت نت هو وي جو شان.

Scanned by CamScanner

ڪافي

پريم نگر وچ پينگهان پئيان
برهہ جهوٽي مئن جهُوٽي
هڪ جهوٽي ميڏا غير وڃايا
ڏوجهي جهوٽي مئن ڇُوٽي
مئن تي رانجهن دي رمز ازل دي
جي مران تان مئن ڇُوٽي
حُسن سونهاري ديان فوجان چڙهيان
ويک قلندر مئن لُوٽي.

ڪافي

تجهہ مين دوست سمايا وو
جاگ جاگ من ننڊ نہ ڪيجي.
ايک ترنگ ٻہ رنگ پيارا بيچون نام دهرايا.
بي پرواهہ دليندا مالڪ هادي الله ملايا.
تن مين من مين رچ مچ رهيو لنو لنو وچ سمايا.
ڪهي قلندر تن من اندر جس ڍونڍهيا تس پايا.

❉

Scanned by CamScanner

سيد مير جان الله شاهہ ثاني
عرف
مير جان الله شاهہ "عاشق"

سيد مير قلندر علي شاهہ رضويءَ کان پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ سيد مير منور علي شاهہ بن سيد جان محمد شاهہ رضوي اول گاديءَ تي ويٺو. سيد منور علي شاهہ رضوي بہ فقيري شخصيت جو مالڪ ۽ عارف هيو. گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ بہ سندس مفصل احوال ملي نہ سگهيو آهي ۽ نہ ڪنهن ڪتاب ۾ سندس ڪو تذڪرو ملي ٿو. هي بزرگ تاريخ 29 مئي 1785ع مطابق 25 رجب المرجب سن 1199هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو.

سيد منور علي شاهہ رضوي چار شاديون ڪيون ۽ کيس ڇهہ فرزند ۽ هڪ نياڻي تولد ٿي. سيد منور علي شاهہ جي ڇهن فرزندن جا نالا هي آهن. سيد فتح علي شاهہ، سيد مظهر علي شاهہ، سيد عسڪر علي شاهہ، سيد جان الله شاهہ ثاني، سيد پريل شاهہ ۽ سيد علي محمد شاهہ.(1)

سيد منور علي شاهہ کانپوءِ سندس وڏو فرزند سيد فتح علي شاهہ سجاده نشين ٿيو سيد جان الله شاهہ ثاني عرف جان الله شاهہ "عاشق" سندس ننڍو ڀاءُ هيو. جنهن جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي اسين اڳتي لکنداسون. اچو تہ پهريائين کيس روحاني فيض ملڻ متعلق ڪجهہ ڄاڻ حاصل ڪريون.

فيض/امانت جو ملڻ:

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ سيد فتح علي شاهہ بن سيد منور علي شاهہ جيڪو پنهنجي ڏاڏي سيد مير جان الله شاهہ اول جي گاديءَ تي هيو ان وٽ روحاني امانت ۽ فيض نہ هيو ۽ هينئر اهو وقت اچي ويو جنهن لاءِ سيد مير جان محمد شاهہ رضوي اول پنهنجي خاص مريد غلام رسول وٽجاري کي وصيت ڪئي هئي تہ تنهنجو مريد غلام محمد ٿيندو ۽ ان جو مريد وري سيد عبدالوهاب پاڳناڙيءَ وارو ٿيندو. ان وقت اسان جي گادي نشين وٽ امانت ڪانہ هوندي، تنهن ڪري تون غلام محمد کي ۽ غلام محمد وري عبدالوهاب شاهہ

Scanned by CamScanner

ڪي چوي تہ هو ان وقت ٻاڳناڙيءَ کان اچي اسان جي جانشين ڪي اسانجي امانت/ روحاني فيض ڏئي ويجي، ۽ اهو وقت سيد فتح علي شاهہ رضوي جي ڏينهن ۾ آيو. مير جان الله شاهہ رضوي اول ۽ فقير قادر بخش بيدل جي سمورن تذڪرن ۾ اهو بيان آيل آهي تہ مرشدن جي وصيت تي عمل ڪرڻ لاءِ سيد عبدالوهاب شاهہ جيلاني ٻاڳناڙيءَ کان انجام موجب، سيد فتح علي شاهہ رضوي بن سيد منور علي شاهہ ڪي امانت ڏيڻ روهڙيءَ پهتو. "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آهي تہ: "سيد عبدالوهاب شاهہ انهيءَ وصيت بنسبت سارو احوال سيد فتح علي شاهہ رضوي ڪي بيان ڪيو (جوان وقت گادي نشين هيو.) مگر سيد فتح علي شاهہ ڪي اها ڳالهہ ناگوار گذري ۽ فرمايائون تہ "ڇا اسان وٽ فيض ڪونہ آهي جو اوهان ڏيڻ آيا آهيو!" عبدالوهاب شاهہ فرمايو تہ "قبلا اوهان اسان جا مرشد آهيو اسان ڪي پاڻ اوهان جي دروازي تان فيض مليل آهي. اسان ڪي ڇا مجال آهي جو اوهان ڪي فيض ڏيون." ائين چئي، رخصت وٺي سيد عبدالوهاب شاهہ محافي ۾ (جو پاڻ اڪثر محافي ۾ سواري ڪندا هئا) روانو ٿيو. سيد فتح علي شاهہ رضوي جي ننڍي ڀاءُ سيد مير جان الله شاهہ ثانيءَ جو اها ڳالهہ ٻڌي، تنهن ڊوڙي وڃي سيد عبدالوهاب شاهہ جي محافي ڪي ڪلهو ڏنو. مير جان الله شاهہ ثاني اڃان ڪلهو ڏنو ئي مس تہ سيد عبدالوهاب شاهہ فرمايو تہ "محافو جهليو جو مرشد جي اولاد مان ڪنهن اچي ڪلهو ڏنو آهي." پوءِ سيد عبدالوهاب شاهہ محافو رڪائي سيد جان الله شاهہ ثانيءَ ڪي ڀاڪر پائي فرمايو "جاني ميڏيدا ڪوئي نهي ثاني."(2)

ان موقعي تي سيد عبدالوهاب شاهہ (جيڪو پاڻ بہ شاعر هيو) پنهنجي مرشد جي شهزادي سيد جان الله شاهہ ثاني جي لاءِ پوري ڪافي چئي جا هتي پيش ڪجي ٿي.[11]

---

[11] سيد عبدالوهاب شاهہ جي اها ڪافي، روهڙيءَ جي هڪ نيڪ مرد مرحوم قاضي علي رضا پنهنجي هڪ قلمي ڪتاب ۾ نقل ڪئي آهي. قاضي علي رضا ولد قاضي علي محمد روهڙي جي قاضي خاندان جو چشم و چراغ هيو. سندس ولادت تاريخ 20 جون 1890ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، تعليمي ماهر عربي، فارسي، سنسڪرت ٻولين جو ڄاڻو ۽ هڪ بزرگ شخصيت هيو. قاضي علي رضا 1908ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان امتيازي پوزيشن ۾ پاس ڪيو. ان بعد پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ جو پهريون مسلمان گريجوئيٽ هو جنهن بي اي ۾ امتيازي پوزيشن حاصل ڪئي. ان بعد قاضي صاحب جهوناڳڙهہ يونيورسٽي مان فارسيءَ ۾ ايم.اي پڻ ڪئي. ايڏي وڏي تعليمي قابليت جي باوجود پاڻ بجاءِ ڪنهن وڏي عهدي وٺڻ جي 'استاد' ٿيڻ پسند ڪيو ۽ ←

Scanned by CamScanner

ملير يار جو جاني نهين جهندا ثاني
لطف ماهي دا مين تي آيا، درد ٿيا درياني
سيد عبد نون آپ وڏايس ڏتس چا شاهاني.

جاني جان جو مليا، ميڏا يار ڪليا
دوست ميڏا مئن وچ آيا، دشمن سڀ جو ٽليا
سيد عبد نون آپ وڪايو وچ ديدار جو مليا.

گهر وچ آيا جاني نهين جهندا ثاني
مئن وچ ميان آپ جو آيا، فاني ٿيا سڀ فاني
سيد عبد نون آپ ڪيتوئي تاڻ جهيندا تاڻي.

يار جو مليا جاني نهين جهندا ثاني
غير ماهي دا مول نہ جڙندا گم ٿيا اين وآني
سيد عبد نون عين ڪيتوئي ٿيا همان دهماني.

الله جو ميڏا جاني نهين جهندا ثاني
غير الله دا مول نہ جڙندا باقي هوئي جو فاني
سيد عبد اڪيون جو ڏنائين هويا جو عين عياني.

سيد عبدالوهاب شاهہ مرشدن جي حڪم ۽ وصيت موجب سندن امان/ روحاني فيض سيد مير جان الله شاهہ ثانيءَ کي پهچائي، پنهنجي نياڻيءَ جو سَڱ جان الله شاهہ ثانيءَ جي فرزند سيد جمن شاهہ ثانيءَ کي ڏنو. جنهن مان سيد علي اڪبر شاهہ رضوي تولد ٿيو. (3)

سيد عبدالوهاب شاهہ ڇهہ مهينا روهڙيءَ ۾ رهيو ۽ پوءِ ياڳناڙيءَ لاءِ روانو ٿيو. هو هڪ وڏو عالم، عارف ۽ ڪامل درويش هوءِ ساڳي وقت فارسي،

← سنڌ مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ وائيس پرنسپال طور ڪم ڪيو. قاضي علي رضا روهڙيءَ ۾ ڪافي علمي ادبي ڪم ڪيو سندس لائبرري شهر جي اهم لائبرري هئي جنهن ۾ اٽڪل 5 هزار ڪتاب هئا. قاضي علي رضا ڪيترن ئي فارسي ڪتابن ۽ مخطوطات جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. قاضي علي رضا سن 1974ع ۾ وفات ڪري ويو. ناميارو اديب ۽ سچل سرمست جي درگاهہ جو طالب قاضي علي اڪبر درازي (م 1981ع) سندس ننڍو ڀاءُ هيو. قاضي علي رضا جو فرزند قاضي غلام دستگير ۽ قاضي غلام مصطفيٰ اجان حال حيات آهن.

سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو باڪمال شاعر پڻ هيو. 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۾ آيل آهي ته سيد عبدالوهاب شاهه سائين وڏي ڪماليت جا صاحب هئا. سندن زبان مبارڪ ته سيف الرحمان هئي. پاڻ اهي ڇهه مهينا هر جمعي ڏينهن روهڙي شهر ۾ پاٽولڪي سمٽيءَ وٽ جا مسجد آهي ان ۾ وعظ ڪندا هئا انهيءَ ڪري اڄ تائين انهيءَ مسجد کي واعظ واري مسجد چوندا آهن.[12] جنهن مهل واعظ ڪندا هئا ته اول چوندا ها "سڻ وي بندا." اهو آواز جنهن جي ٻه ڪن تي پوندو هيو سو بيهي رهندو هيو."(4)

سيد عبدالوهاب شاهه جو ڪافي تذڪرو ۽ سندن ڪرامتن جو بيان "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آيل آهي. سندن روهڙيءَ ۾ رهڻ ڪري ڪيترن ئي حق جي ڳولائن ۽ فقيري خيال رکندڙ شخصيتن ڪانئس فيض حاصل ڪيو. ناميارين صوفي شاعر ۽ عارف فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن ۽ سندس سؤٽ فقير بيگ محمد پڻ عبدالوهاب شاهه جا مريد ٿيا هئا. 'ديوان بيدل' ۾ عبدالحسين شاهه موسوي لکي ٿو ته "هڪ ڏهاڙي فقير محمد محسن ۽ سندس سؤٽ فقير بيگ محمد اچي سندس (عبدالوهاب شاهه جا) مريد ٿيا.

---

[12] واعظ واري مسجد فقير بيدل جي رهڻ واري محلي (پاٽولڪي سمٽي) جي پڇاڙيءَ ۾ اتر طرف کان قائم آهي ۽ شهر جي انتهائي مرڪزي مسجدن مان هڪ آهي. هن وقت مسجد جي نئين سر تعمير ڪرائي وئي آهي، جنهن سان لڳ هڪ مدرسو پڻ قائم ڪيو ويو آهي. واعظ واري مسجد جو هن وقت متولي فقير بيدل جي خاندان جو چشم چراغ ميان عبدالله ثاني بن مرحوم سبحان بخش قريشي آهي. وعظ واري مسجد جي متعلق قاضي علي رضا پنهنجي قلمي ڪتاب (1960ع) ۾ لکي ٿو ته هن وقت انهيءَ واعظ واري مسجد جي عجيب ۽ غريب حالت آهي جو ڏسندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏي، چڱي درمياني ايراضيءَ واري مسجد آهي سندس ڇت ڌرتيءَ کان اٽڪل 15 فوٽ مٿي آهي. منجهس پنج شهتير اٽڪل ٽي چار سؤ پٽيون ڇڇهريءَ سميت ۽ 14 ٿنڀا آهن. ڪجهه ڏينهن ٿيا جو مسجد کي اتفاقاً اچي باهه لڳي، اها مسجد جي هر هڪ شهتير پٽيءَ، ٿنڀي ۽ ڇت ۾ پيل تيلين جي هر هڪ ڪاني کي وچڙي وئي ۽ عجب ته هيءُ آهي، ايترن ڪانئين مان ڪنهن ٻه هڪ جي اندر باهه جو اثر اڌ انچ يا چوٿين انچ کان وڌيڪ پيدا ٿي نه سگهيو. يعني هر هڪ ڪاني ۽ ڪانيءَ جو فقط ٻاهريون حصو يا ڪليل پاسو اڌ انچ يا پاءُ انچ جيترو سڙي ڪوئلا ٿي ويو مگر اندران ڪاني سچي سلامت رهي ۽ جي هينئر وڃي ڏسبو ته نظر ايندو ته مسجد جي عمارت جي هر هڪ ڪاني گويا ڪوئلن جي نهيل آهي. ڪوئلن جي ٿنين مان ڪوئلن جا شهتير ۽ انهن تي ڪوئلن جو پٽيون جن جي مٿان ڪوئلن جون تيليون پيل آهن ۽ انهن کي اڌ انچ يا پاءُ انچ جيترو اندر کوٽبو ته سموري ڪاني صحيح سلامت نظر ايندي. اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته سچو تصرف انهيءَ بزرگ ولي الله سيد عبدالوهاب شاهه جو هو جو مسجد سان اهڙي معجزي ۽ ڪرامت جهڙي حالت ٿي."

Scanned by CamScanner

ہٹي ڳڌجي شهر جي ٻاهران هڪ ٽڪريءَ تي مرشد جو ڏسيل ذڪر پچائيندا ها. فقير محمد محسن تي ايترو اثر ٿيو جو ٿوري ئي عرصي اندر سندس قلب ڪلي پيو."[13]

"انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ به لکيل آهي ته "فقير محمد محسن وڏو ويٺل روهڙيءَ جو به سندس مريد هيو. انهيءَ شاهه عبدالوهاب سائينءَ کي عرض ڪيو ته مون کي دعا ڪريو ته پُٽ ٿئي. پاڻ فرمايائون ته اوهان کي پٽ ٿيندو جو صاحب شريعت طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو ٿيندو. جڏهن شاهه صاحب ڇهه مهينا روهڙيءَ ۾ رهي ياڳناڙي روانو ٿيو تڏهن فقير محمد محسن جي ٻانهن مير جان الله شاهه ثانيءَ جي حوالي ڪري سندس خليفو مقرر ڪري اُسهيا."(6) سيد عبدالوهاب شاهه جي ئي دعا سان فقير محمد محسن (متوفي 1259 هه) کي فقير قادر بخش بيدل جهڙو رند، سالڪ ۽ عالم فرزند عطا ٿيو.

شخصيت ۽ شاعري:

سيد مير جان محمد شاهه رضوي اول ۽ سيد قلندر علي شاهه رضوي ڪانپوءِ انهيءَ سلسلي ۽ خاندان ۾ پنهنجي باڪمال شخصيت ۽ شاعريءَ جي حوالي سان سيد مير جان الله شاهه ثاني جو نالو اچي ٿو. هو هڪ وڏي عالم، فاضل ۽ عارف ڪانسواءِ فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو جو وڏو شاعر پڻ هيو. فارسي شاعريءَ ۾ سندس تخلص "عاشق" هيو ۽ هي به جان محمد

---

[13] فقير قادر بخش بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن (متوفي 1259هه) ۽ ان جو سؤٽ فقير بيگ محمد (متوفي 1272هه) آخري عمر تائين سيد مير جان الله شاهه ثاني جي خدمت ۾ رهيا ۽ سيد مير جان الله شاهه ثاني جي وفات (1255هه) ڪان پوءِ به هنن پنهنجي مرشد جي درگاهه تي گذاريو. ٻنهي بزرگن جون مزارون به پنهنجي مرشد سيد جان الله شاهه ثانيءَ جي مزار جي پيرانديءَ ڪان آهن، جن تي هيٺيان ڪتبا لڳل آهن، جيڪي 1976ع ۾ مرحوم سُبحان بخش قريشي لڳرايا هئا.

786
فقير محمد محسن
بن محمد فريد بن عبدالقادر قريشي
صديقي ملتاني
والد فقير عبدالقادر عرف قادر بخش
تخلص بيدل
تاريخ رحلت 1259 هجري

786
فقير بيگ محمد
بن غلام لطيف بن عبدالقادر قريشي
صديقي ملتاني
والد فقير عبدالله قدس سره ۽ خليفه
مير جان الله شاهه وچون تاريخ رحلت
1272 هجري

وڌيڪ ڏسو راقم الحروف جو ڪتاب 'بيدل جو اردو ڪلام' مطبوعا 1997ع

Scanned by CamScanner

شاهه رضوي اول ۽ سيد قلندر علي شاهه رضوي جيان فارسي ٻوليءَ جو صاحب ديوان شاعر ٿيو. 'ديوان عاشق' سندس فارسي تصنيف آهي.

سيد مير جان الله شاهه ثاني جي شخصيت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سندس متعلق "شجره سادات نقوي/رضوي بکري" ۾ هيٺيان القاب لکيا ويا آهن.

"عارف رباني ڪاشف سرسبحاني سر حلقه اهل صفا و
سرچشمه حقيقت و معرفت شاهه مير جان الله قدس سره"(7)

سيد مير جان الله شاهه ثاني، جنهن کي مير جان الله شاهه وچون پڻ چوندا آهن، سيد عبدالوهاب شاهه کان پنهنجي ڏاڏي مير جان محمد شاهه رضوي اول جي امانت/ روحاني فيض حاصل ڪيو ۽ سندس ئي روحاني ۽ فڪري سلسلي جو وارث ۽ رهبر ٿيو. مختلف تذڪرن ۾ سيد مير جان الله شاهه ثانيءَ جو بيان به تمام ٿورو آيل آهي. "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" ۾ آيل آهي ته مير جان الله شاهه وچون (ثاني) وڏو ڪامل، سخي، عارف، صابر ولي الله ٿي گذريو آهي. سندس هزارها مريد هئا. شاهه شجاع خراسان جو بادشاهه به سندي مريد هيو. مير جان الله شاهه ثانيءَ جي اها عادت هوندي هئي ته روز رات جو ماڻهو موڪلي سڄي شهر روهڙيءَ جي مسجدن، مسافرخانن ۽ مڪانن تي ماني پهچرائيندا هئا، بلڪ ساري شهر جي سار سنڀال لهندا هئا ته ڪو به ماڻهو بک ته نه سمهيو آهي. فقير قربان علي ويٺل ٽنڊي محمد حسن خان جو جيڪو درازن جي خانقاهه جو مريد هيو سو چڱو ڪامل فقير هو ۽ اول عمر ۾ مٿس عشق خدائي جو جوش هوندو هوس انڪري گهمندو وتندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن خيال کان روهڙيءَ جي ٻاهران نون قبين وٽ هڪ جبل جي چُڙ ۾ فجر جو اچي ويٺو ۽ سارو ڏينهن ويٺو رهيو. رات جو هڪ ماڻهو اچي سَڏ ڪيس ته "قربان فقير ٻاهر اچ." فقير حيرت ۾ اچي ويو ته مون کي هتي ويهندو ڪنهن به نه ڏٺو آهي سو هي شخص ڪيئن ٿو سڏ ڪري! آخر فقير نڪري آيو ڇا ڏسي ته هڪ ماڻهو به ٻاڪون ٻوڙ مانيءَ جا کنيون بيٺو آهي ۽ فقير کي چيائين ته سائين جان الله شاهه صاحب توکي هي ماني موڪلي آهي. فقير قربان علي چيو ته منهنجي خبر ڪيئن پيئي. هن وراڻيو ته "مون کي خبر ناهي، بس سائينءَ جن پاڻ فرمايو ته فلاڻي هنڌ فقير قربان ويٺو اٿئي جنهن ڏينهن جو به ماني نه کاڌي

Scanned by CamScanner

آهي ان ڪي وچي ۾ ويلن جي ماني ڏئي اچ.“ اها ڳالھ قربان علي، فقير قادر بخش بيدل سان ڪئي هئي جو تمام گهرا دوست ٿي ويا هئا.(8)

مير جان الله شاھ ثانيءَ معلق اهو بہ لکيو ويو آهي تہ جنهن کٽ تي پاڻ سمهندا هئا ان تي ڪنڊا ۽ ڪانڌيرا وجهرائي ڇڏيندا ها ۽ مٿان وري سيج وڇرائي ڇڏيندا هئا. عام خلق جي خيال ۾ هو تہ مير صاحب جن سيج بندن تي سمهن ٿا پر پاڻ ساري رات ڪنڊن تي گذاريندا هئا يعني پاڻ کي ڏکيو رکندا هئا. مير جان الله شاھ ثاني هميشہ کٽ جا پير اتر اوڀر جي ڪنڊ تي ڪندا هئا. ان جو سبب طالب پڇندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ ”ابا فقير دهليءَ جي دروازن کي پير ڏنيون سمهيو پيو آهي. فقير جي مُئي ڪانپوءِ اهي حاڪم ملڪ ۾ ايندا جي نہ لانگ مڃيندا ۽ نہ ٻانگ مڃيندا. ٿيو بہ ائين جو سندن وفات ڪانپوءِ جلد ئي ملڪ انگريزن، مير صاحبن کان ورتو.“(9)

ڪوٽ مير جان الله شاھ:

روهڙي شهر ۾ رضوي ساداتن جا ٻہ ڪوٽ گهڻو مشهور آهن، هڪ ڪوٽ مير يعقوب علي شاھ رضوي ۽ ٻيو ڪوٽ مير جان الله شاھ رضوي. پهرين کي ’وڏو ڪوٽ‘ ۽ ٻئين کي ’ننڍو ڪوٽ‘ پڻ چيو ويندو آهي. لکڻ ۾ اچي ٿو تہ ”ڪوٽ مير جان الله شاھ“ سيد مير جان الله شاھ ثاني ٺهرايو هيو.[14] (10) مير جان الله شاھ ثاني جا وڏا بہ اصل پنهنجين حويلين ۾ رهندا ... جن کي پڻ ”ڪوٽ“ سڏيو ويندو هو ۽ اهڙو ذڪر اسان اڳ ۾ بہ ڪري چڪا آهيون تہ مير جان محمد شاھ رضوي اول ۽ سيد قلندر علي شاھ بہ پنهنجي ”ڪوٽ“ ۾ رهندا هئا. بعد ۾ سيد مير جان الله شاھ ثاني ان ڪوٽ جي نئين سر تعمير ڪرائي هوندي ۽ ان جي پس گردائي وڌائي هوندي. ’جانشاهي‘ خاندان جي سيد غلام رسول شاھ رضوي بن سيد غلام شاھ راقم الحروف کي ٻڌايو تہ ڪوٽ مير جان الله شاھ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنج دروازا هوندا هئا، جن مان هينئر صرف ٻن دروازن جا نشان موجود آهن. هڪ اهم دروازو جيڪو ڪوٽ مير جان الله شاھ جي اترئين پاسي عام رستي تي هيو تنهن جي مٿئين چوڪاٺ تي ڪافي سال اڳ ڪتبو وغيره بہ لڳل هو.(11)

---

[14] قريشي حامد علي خانائي لکيو آهي تہ ”سيد جان الله شاھ پنهنجي رهڻ واري حويليءَ جي چوڌرد هڪ ڪوٽ ڏياريو هو جو روهڙيءَ شهر جي ڏکڻ اولھ طرف ٽڪريءَ تي آهي ۽ اڄ بہ ننڍي ڪوٽ جي نالي سان سڏبو آهي.“ (ڏسو: خانائي صاحب جو مضمون ”سيد حيدر شاھ حقاني رضوي“ مطبوعا ٽماهي ”مهراڻ“، ڄام شورو 1995ع)

هن وقت 'ڪوٽ مير جان الله شاهہ' جي تعمير پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود ناهي، البت ڪوٽ جا ڪجهہ نشان ۽ هڪ دروازو پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود آهي جنهن جي تصوير هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. ڪوٽ مير جان الله شاهہ جو اهو مکيہ دروازو ڪوٽ جي اترئين پاسي کلي ٿو ۽ پنهنجي ڏيک ۾ اصلي تعمير ڏيکاري رهيو آهي. ڪوٽ مير جان الله شاهہ رضوي جا ڪجهہ قديم نشان، دڙا، پٽيون ۽ ساداتن جي اڳوڻين حويلين جا نشان ۽ ڪي آثار اڃان موجود آهن جن جو تصويرون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.[15]

باغ راحت العاشقين:

سيد مير جان الله شاهہ ثاني عرف مير جان الله شاهہ 'عاشق' کي وڻن، ٻوٽن، پکين، پرندن ۽ فطرتي نظارن سان بيحد لڳاءُ هيو انڪري پاڻ پنهنجي 'ڪوٽ مير جان الله شاهہ' جي اندر هڪ باغ پڻ پوکايو هئائون، جنهن جو نالو انتهائي خوبصورت رکيائون. باغ جو نالو هيو باغ 'راحت العاشقين' يعني عاشقن ۽ جمالياتي ذوق رکندڙ اهل دل فقيرن ۽ طالبن جي راحت ۽ تسڪين جي جاءِ. باغ جي نگراني سيد مير جان الله شاهہ ثاني پاڻ ڪندا هئا. جڏهن تہ ان جو سنڀاليندڙ سندن خاص طالب ۽ خليفو ۽ فقير بيدل جو والد بزرگوار فقير محمد محسن هوندو هيو. عجيب ڳالهہ آهي تہ مير جان الله شاهہ ثاني جي وفات کانپوءِ اهو باغ بلڪل اجڙي ويو. 'انيس المساڪين' ۾ آهي تہ "پاڻ (مير صاحب) ڪوٽ ۾ اندر باغ تڪر رکايو هئائون. انهيءَ باغ جو ڪم هلائيندڙ خليفو محمد محسن هو. ان ٿوري باغ ۾ سڀ جنس جا ميوا جيڪي روهڙيءَ جي باغن ۾ آهن، ان ۾ موجود هوندا هئا. هر موسم ۾ اهو باغ ڀريل هوندو هو. خليفي محمد محسن کي سندن حڪم هو تہ جيڪو بہ شهر جو ماڻهو باغ ۾ اندر اچي ان کي جهڙي موسم هجي اهو ميوو بنا قيمت ڏيندو وڃ. توڙي جو اهو ماڻهو سؤ گهمر و اچي. رب ڪريم جي قدرت سان سندس تصرف اهڙو هيو جو هميشہ جيڪو اچي سو ميوو وٺيون ويندو هيو. باغ بلڪل آباد هيو ۽ منجهس هڪ کوهہ بہ هيو ۽ بلڪل عجيب

---

[15] هينئر اهي آثار ۽ ڪوٽ جو دروازو پڻ ڊهي چڪا آهن. تصويرن لاءِ ڏسو تذڪره جانشاهي مطبوعہ 2001ع

Scanned by CamScanner

نظاري وارو باغ هيو. جڏهن پاڻ هن جهان مان موڪلائڻ لڳا تڏهن فقيرن عرض ڪيو تہ ’قبلا باغ ڪيئن ٿيندو‘ پاڻ فرمايائون تہ ابا ٻار رات جو راند ڪندا آهن. گدرن جو واڙيون ٿاهي پوءِ جڏهن راند بس ڪندا آهن ۽ گهر هلندا آهن تہ لت هڻي اهي واڙيون ڊاهي وجهندا آهن. سو فقير بہ هي باغ راند وانگر ڊاهيون ويندو. قادر جي قدرت سان اڄ انهيءَ هنڌ بہ چار ڪجيون ٻنان ڦر نشان لاءِ آهن نہ تہ سڀ ٽڪر پيو ڏسجي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪهڙ، ڪرڙ آهن نہ تہ وڻ جو نالو بہ ڪونهي.“(11)

هينئر ڪوٽ مير جان الله شاهہ جي قديم آثارن ۾ درگاهہ مير جان الله شاهہ جي اوپر ۾ انهيءَ باغ واري هنڌ تي باغ جو ڪو بہ نشان موجود ناهي ۽ نہ ئي ڪجين جا وڻ يا ڪهڙ ئي آهن. هن وقت اتي گند ۽ مٽيءَ جو ڍير آهي ۽ اهو ٽُڪر ماڙيءَ جي نالي سان مشهور آهي. اها جاءِ ڪوٽ مير جان الله شاهہ ۽ ڪوٽ مير مراد علي شاهہ (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) جي وچ ۾ آهي.

وصال:

سيد مير جان الله شاهہ ثاني عرف مير جان الله شاهہ عاشق، تاريخ 25 مئي 1839ع مطابق 6 ربيع الاول سن 1255 هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وڏي خليفي فقير محمد محسن جي فرزند ۽ سندس ئي سلسلي جي اهم شاعر فقير قادر بخش بيدل سندس وفات تي هيٺيون فارسي شعر چيو جنهن مان سندس تاريخ وفات پڻ نڪري ٿي.

جناب شاهہ جان الله صوفي مکمل مرشد و پير طريقت
بهنگام تکلم طالبان را خبر ميداد ز اسرار حقيقت
چودر وحدت وجودي کب کشوري بديدي سالک انوار زينت
عيان مي بود درهر مستفيدش از و آثار جذبات محبت
بسلسلہ قادري مي ساخت مسرور وليء دوران بہ تزيت ممکنت
چو عزم سير ملک لامکان کرد جلوس آورد بر تخت هويت

پئي سال وصالش هاتفي گفت
ولي تاجور اقليم وحدت (12)
1255هہ

فقير بيدل انهيءَ شعر ۾ هڪ طرف ڪيس پنهنجو مرشد ۽ پير طريقت سڏيو آهي تہ ٻي پاسي سندس شخصيت، علم، عرفان ۽ مرتبي کي پڻ واضح ڪيو آهي.

اولاد:

سيد مير جان الله شاهہ ثاني بن سيد منور علي شاهہ رضويءَ جي شادي سيد جمن شاهہ اول بن سيد قلندر علي شاهہ جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان کيس چار فرزند تولد ٿيا. جن جا نالا هي آهن سيد جمن شاهہ ثاني، سيد محمد حسن شاهہ، سيد الهرکيو شاه ثاني ۽ سيد مدد علي شاهہ.

سيد جمن شاهہ ثاني، سيد عبدالوهاب ۾ پاڳناڙيءَ واري جو نياڻو هيو جو ان کان اڳ بہ ان جو ذڪر ٿي چڪو آهي تہ سيد عبدالوهاب شاهہ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد جان الله شاهہ جي فرزند سيد جمن شاهہ کي ڏنو جنهن مان سيد علي اڪبر شاهہ اول فرزند تولد ٿيو.[16]

---

[16] قريشي حامد علي خانائي پنهنجي مضمون 'سيد حيدر شاهہ حقاني رضوي' (مطبوعا مهراڻ 1990ع) ۾ غلطيءَ وچان لکيو آهي تہ "سيد عبدالوهاب شاهہ پنهنجي مرشد جي روحاني امانت سيد جان الله شاهہ کي ڏني ۽ پنهنجي نيڪ سيرت نياڻي جو پڻ ساڻس عقد ڪرايائين." اها وضاحت ڪرڻ هتي تمام ضروري آهي تہ سيد عبدالوهاب شاهہ پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ سيد جان الله شاهہ کي نہ پر سندس فرزند سيد جمن شاهہ ثاني کي ڏنو هيو. شايد خانائي صاحب 'شجره سادات رضوي/نقوي بکر' ۾ جانشاهي خاندان جو مطالعو نہ ڪيو آهي. ٻي پاسي قاضي غلام مهدي جي قلمي تصنيف 'انيس المساڪين عرف راحت السالڪين' ۽ گدومل هرجاڻي جي ڪتاب "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" مطبوعا 1940ع ۾ ۽ پڻ اها ڳالهہ لکيل آهي تہ سيد عبدالوهاب شاهہ سيد جان الله شاهہ رضوي جي پٽ سيد جمن شاهہ کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنو جنهن مان سيد علي اڪبر شاهہ اول تولد ٿيو.
(بحوالہ "انيس المساڪين عرف راحت السالڪين" (قلمي سنڌي) قاضي غلام مهدي هيو نقل 1917ع "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" گدومل هرجاڻي مطبوعا 1940ع)
سيد جمن شاهہ بن سيد جان الله شاهہ ثانيءَ جو مٿئين تذڪري کان سواءِ ڪوبہ احوال ڪٿي ملي نہ سگهيو آهي، ايتري قدر جو سندس وفات جي تاريخ جي بہ خبر پئجي نہ سگهي آهي، ٻي پاسي مختلف تذڪرن ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ سيد جان الله شاهہ ثاني کانپوءِ سيد علي اڪبر شاهہ اول گاديءَ تي ويٺو. "بحوالا تذڪره شعراء سکر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مطبوعا 1965ع) ان ڳالهہ مان اهو گمان غالب ٿئي ٿو تہ شايد سيد جمن شاهہ ثاني پنهنجي والد بزرگوار سيد جان الله شاهہ ثاني جي حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو هوندو ۽ سيد جان الله شاهہ ثاني جڏهن وفات ڪئي تہ سندن پوٽي سيد علي اڪبر شاهہ اول کي گاديءَ تي ويهاريو ويو هوندو.

Scanned by CamScanner

حوالا:

1. شجره سادات نقوي/رضوي بکر (قلمي فارسي)
2. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
3. ’ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري‘ گدومل هرجاڻي- مطبوعا 1940ع
4. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
5. ’ديوان بيدل‘ مؤلف عبدالحسين شاھه موسوي مطبوعا 1991ع
6. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
7. ’شجره سادات نقوي/رضوي بکر‘ قلمي فارسي
8. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
9. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
10. احوال سيد جان الله شاھه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا.
11. احوال سيد جان الله شاھه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا.
12. ’ديوان بيدل‘ (عبدالحسين شاھه موسوي) مطبوعا 1991ع
13. ’انيس المساڪين عرف راحت السالڪين‘ (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
14. احوال سيد جان الله شاھه ثاني- قاضي علي رضا (قلمي سنڌي)
15. ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري (گدومل هرجاڻي) مطبوعا 1940ع
16. شجره سادات رضوي/نقوي بکري (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد مير جان الله شاهہ ثاني "عاشق" جو ڪلام

سخنی به یار جانان گفتم نه گفته بودم
حال دل پریشان گفتم نه گفته بودم

الفت چه یار کرده دلرا به غمزه برده
رمزی ز چشم افشان گفتم نه گفته بودم

در محفلش رسیدم خود بیخودی بریدم
خبرہم درخشان گفتم نه گفته بودم

پیرم جو ذکر داوه سر برفلک نہاوه
این شان شاه شاهان گفتم نه گفته بودم

درجهد پا در آمد جوشی ز دل برآمد
پیمود دل بیابان گفتم نه گفته بودم

شیدای کوی جانان در وست جام مستان
مشرب شراب خواران گفتم نه گفته بودم

عاشق خواص گشته غیر از دلش بنسته
این موج بحر عرفان گفتم نه گفته بودم

❁

الاهی موج طوفان بخش اشک وید گریان را
سحاب آ سابر افشان کن مدامم چشم گریان را

تلطف خویش قائم کن، برای دردمندان عشق
زابر رحمتت سرسبز گردان جان بریان را

Scanned by CamScanner

خزان را ره مداه در دل به مشتاقان دیدارت
بهاری کن زغنچه گل به پوشان جسم عریان را

نقاب از روی خود بردار بنما جلوه حسنت
معطر کن دماغ من زبوی عشق سریان را

زبیرحمی به سائل دیدن آئین کرم نبود
بده ساغر زمی احمر بنوشان دیده تریان را

عجائب عشق صمت داد، عاشق رادرین منزل
بزیر حکم خود آورد، جن وانس و پریان را

❊

از کوی یار مفتون رفتم نه رفته بودم
با دل فگار محزون رفتم نه رفته بودم

عقدهٔ دلم چو واشد اظهار دلربا شد
در غم گسار مجنون رفتم نه رفته بودم

جام شراب خوردم در عشق گوی بردم
سرشار یار گلگون رفتم نه رفته بودم

در جستجوی بودم لیلیٰ رسید زودم
دیوانه وار مجنون رفتم نه رفته بودم.

بارش ز نور باران چون ابر نو بهاران
باگلعزار محزون رفتم نه رفته بودم

از جذبه جان ز بوده غنچه دلم کشوده
از اختیار بیرون رفتم نه رفته بودم

Scanned by CamScanner

با دوست هم قرینم مالک همه خزینم
هجری ز یار بیچون رفتم نه رفته بودم

در مجلس عشاقان عاشق ز جام رندان
مست و خمار مشحون رفتم نه رفته بودم

ذوقی زدرد هجران دیدم نه دیده بودم
در وصل جان سوز ان دیدم نه دیه بودم

دیروز یار دیدم پی سجده سر خمیدم
چون کبک سر خرامان دیدم نه دیده بودم

تشریف شاه ذیشان در ماریه بیابان
ظلمی چنین بدوران دیدم نه دیده بودم

آب فرات بسته بی آب نان کشته
صبر و رضای شاهان دیدم نه دیده بودم

از کربلا روانه سجاد پا برهنه
آل عبا به زندان دیدم نه دیده بودم

موسیٰ بگفت ارنی بشنید لن ترانی
در جلوه بیخود از جان دیدم نه دیده بودم

هر جای جلوه جانان چون شمع شد درخشان
بر عرض ماه تابان دیدم نه دیده بودم

امداد شد ز ساقی میخانه عشاقی
لذت خمار مستان دیدم نه دیده بودم

راز نهفته دلبر اظهار شد ز رهبر
اسرار سر پنهان دیدم نه دیده بودم

Scanned by CamScanner

عاشق نہ عشق خستہ در دام یار بستہ
زنجیر زلف پیچان دیدم نہ دیدہ بودم

❊

بيرنگ چال برھ جي آهي، رند پروڙي ڪوڪو پيڙ
1. چال چلت آءَ برھ جي اوکي، بار ڪٺي ڪو سُرت سُمير
2. پانيڙ باھ برھ جي باري، تنهن ۾ گهڙي ڪو مردُ چڱير.
3. بيخود جان جسم کي گنوائي، سُوجهي سِريءَ جو لهي ڪو سير
4. عاشق مام محبت واري، بن ڪاهوڙي لهندو ڪير.

❊

ڪافيون

برھ اچانڪ ڪڙيان، پينر سورن ڏيلُ ڏڪايو.
1. مام الف جي يار سٽائي، ٻي ڏي، مول نہ وڙيان وڙيان
2. آتش برھ جي جوش جڳايو تنهن ۾ بيخود پڙيان پڙيان
3. نوڪ نظر نينن جي بيشڪ، بيوس آ مئن چڙهيان چڙهيان
4. عاشق بحر محيط دي اندر نيهن دي ذوقئون گهڙيان گهڙيان.

روپ ڪنيات

واھ واھ برھ اُئي برسات، پُل ڳئي ڪثرت دي مصلحات.
1. روزي نفل نمازئون فارغ، وچ وحدت وصلات.
2. رنگ بيرنگي رنگ رلايا، وهم جَلا خطرات.
3. عشق اويڙي مچ مچايا، وسري ڪل ڪلمات.
4. عشق ديان عاشق موجان ماڻ، اکيان دي عرفات.
5. نيهن نسنگي ثابت ڪيتا، 'موتوا' دا درجات.
6. 'عاشق' وحدت ڪثرت اندر اظهر ذات صفات.

Scanned by CamScanner

*

باري برھ آفات آهي آهي، ڪو رند اڇي ان چؤگان ۾

1. حُسين حلاجي نوبت ماري، دنيا عقبيٰ همه وساري،
ڪُڏ ڪُڏ چڙھيو ڦاهي ڦاهي.

2. ’شمس‘ قمر جو نعرو ماري، بيخوديءَ جو ڏارو ڏاري،
کل ڪلائيئين ٿاهي ٿاهي.

3. شاھ عنايت صوفي سالڪ، سر ڏيڻ کان ڪيائين نالڪ،
نوڪ نيزي چڙھيو ڪاهي ڪاهي.

4. شاھ بلاول سرڙو سنياهي، وچ گهاڻي جي پاڻ پيڙائي،
’ناهين‘ تنهن وٽ ناهي ناهي.

5. عاشق رمز عشاقن خاصي، رهج انهن جو هردم پياسي
ريءَ محبت ٻيو ڇاهي ڇاهي.

روپ ڪلياڻ

ڪير ويهي تو ڪير بيهي تون ڪيهو سندس اُهڃاڻ.

1. صورت ۾ تي سندس اُتارو ڏس پروڙي پاڻ.

2. فاسجدو آدم فن فائق جو صحيون ايءَ سجاڻ.

3. ’الانسان سري وانا سِره‘، ايهو پريڻ‌ءَ جو پرياڻ.

4. ’ونحن اقرب‘ ناطق نڪتو جاڻ اهو تون جاڻ.

5. ڳولينڌڙ جو تون نہ تو ڳولين، سوئي توئي ساڻ.

6. ’عاشق‘ ريءَ توحيد الله جي، ٻيو سيئي ٻُھ ياڻ.

*

Scanned by CamScanner

ڪليڻ

وحدت ڪثرت، ڪثرت وحدت

اهو اصول اصل جو نشان.

1. ڪثرت وحدت جو ٿي مظهر ماڳ سندس لامڪان.
2. خلق لآدم عليٰ صورتہ، فائق جو فرمان.
3. وفي انفسڪم سمجھ اشارو ذاتي سِر عيان.
4. ٻولي قولي ثابت ڪر تون، ڪامل قرب قران.
5. عاشق سر وڃ سر سُڃاڻي، ڄاڻي سڀ جهان.

جوڳ

عشق وارن سان ناهي بات، دين ڪفر کي ڇڏي ڏنائون

1. لا اِلہ ۾ گم جو ٿيڙا، الا الله ڪيائون اثبات
   ديد ۾ دلبر صحيح ڏٺائون.
2. چڙھ چڙھ آون لذت پاون، صورت سڀ صفات
   خيال خوديءَ جو گم ڪيائون.
3. درد مندن کي درد وڇولي، گڏين گورڪنات
   پورب جو وڃي پنڌ پڇيائون.
4. جانشاھ عاشق اڳي لنگھي ٿيا، پرھ ڦٽي پريات
   دم انا الحق جو سڏ سَڏيائون.

جوڳ

تن مارن لئہ سڪندي، عمر وڃايم ويھي،
عمر وڃايم ويھي، پسان پنھوارن پيھي.

1. ڦوڳ ڦلاريا سڦرا، ڪرڙ ڪڪوريا ڪي ڪي،
   ڏڻ چاريان منجھ ويھي، گڏجي پنھوان پيڪي،
   اتم اميدان سرتيون مارو ملندم سيئي.

Scanned by CamScanner

2. سڪ مارن جي جيڏيون جيءَ ۾ ڪيون هن جهوڪان
درد مندن جي دل ۾ برھ لايون هن موڪان
ڏي موڪل چام عمر رمز مارن دل ريهي.

3. وچ ڪانگل ڏي خبران ڏورين ڏوتيئڙن کي
ساري سنياري چئج منڙن ماروئڙن کي
قيدن ڪوٽن مان ڇُٽي ڏيھ ڏسان وچي ڏيهي.

4. ناز حسن دلبر دي چشمان ڏين ٽيون چوڪان
جانشاھ عاشق جي سر نيهن لايون هن نوڪان
برھ بهاران لڳيون دوست لڏم وچ ديهي.

آسا

برہین بادل وسکارا ہے، بجلی چمک چمکارا ہے

1- آتش عشق بھر بھرکارا ہے، دل وے اندر ہُل ہلکارا ہے

2- جلوی چمک چمکارا ہے، آکاش گل گلکارا ہے

3- بارش برہ گھن گھنکارا ہے، تابش حُسن بھل بھلکارا ہے

4- منہن مہتاب دا ظاہر نظارا ہے، الف کنون ہُل ہلکارا ہے

5- جان شاہ عاشق نیہن نروارا ہے، دم دم انا الحق دا للکارا ہے

آسا

اسين ناهيون يار ناهيون
پنهنجو پاڻ سُڃاڻون.

1. پريم نگر وچ آگم ٿيوسي، بيرنگي رنگ ٿا لايون.
2. هم تم هويا تم هم هويا وي، آپ وچ آپ سمايون.
3. جام برھ دا پُر ڪر پيتوسي، گيت اناالحق ڳايون.
4. بيخودي دا باب پڙهيوسي، راھ عدم دا پڇايون.
5. جان شاھ عاشق سائين يار جو مليا، ويٺا برهين بوند وسايون.

Scanned by CamScanner

آسا

ائين ناهين يار ناهين
جيئن تون پاڻ تو پائين

1. پاڻ پائڻ آهي ڪم زنانو چو تو وقت وڃائين.
2. پر گهٽ ۾ ويهي پاڻ کي ڏس تون، چو تو پاڻ ڇپائين.
3. دنيا فاني ڪنهن سان نہ رهندي، چو تو تودا خيال جا ناهين.
4. جان شاهہ عاشق تياڳ ڪيوسي، وينو رنگپور ۾ رنگ رچائين.

آسا

چنڊول چوڏهينءَ رات
آيل هاڙهي آيا مون پرين.

1. اڪڙيئين ننڊ ناهہ ڪا، پرهہ ڦُٽي پريات.
2. ويٺي ساريان هوت کي، جاڳڻ ساري رات.
3. وحده لاشريڪ لہ، ٻولي ٻي ناهي وات.
4. جان شاهہ عاشق کي سڪ پرين جي وصل وصال جي تاتہ

آسا

چو تا ڏڪايو مون پَٽُ الا،
آءُ پنهنجا ڦوڳ ڦلهاريا نہ متيان.

1. ڪاڄ ڪنڊون تنهنجا ڇا ڪنديس ميان،
پاند پپون مارن وٽ الا.
2. ٻن ڏيان گلم غاليچا طول وهاٽا،
لوئي لنگين نہ لَتِ الا.
3. جيئن هٽ باغ باغيچا بنگلا ميان،
ڪرڙ ڪکوريا هٽ گهٽ گهٽ الا.
4. چڏ تون عمر مارن ملنديس ميان،
قيد ڪشالا ڪٽ الا.

Scanned by CamScanner

5. سرتيون جان شاهہ عاشق چوي الا،
سِرَ جو سانگو ست الا.

پيروي

واري پُل گئي سانون تدبير
ڏي ڪا من ڪي ڏير

1. فرق فراق جي نيون آهہ نهوڙي، ڏي ڪا ساهہ سُڏير.
2. دلبر ٻاجهون دلڙي ديواني، درد ڪئي دلگير.
3. دنيا عقبيٰ چوڙ ڪرا هُڻ، خاص ٿيو سي فقير.
4. بحرُ بيرنگي وچ گم هويوسي، وِسريا خيال سرير.
5. آتش عشق جي مچ مچايا، برهہ وڏي تڪبير.
6. جان شاهہ عاشق سر ڏنوسي، اصل هُئي تقدير.

پيروي

اسين صوفي رند مشارب هون
گهي مشرق گهي مغارب هون

1. ڪڏان اندر هون ڪڏان ٻاهر هون
ڪڏان باطن هون ڪڏان ظاهر هون
ڪڏان طيب هون ڪڏان طاهر هون
ڪڏان عجمي هون ڪڏان عارب هون.

2. ڪتان حاضر هون، ڪتان غائب هون
ڪتان ميخور هون ڪتان تائب هون
ڪتان نيهن نواب دي نائب هون
ڪتان جام وصال دي شارب هون.

3. ڪتان بت خاني وچ آزر هون
ڪتان آتش عشق ري ناظر هون
ڪتان يوسف بن وچ بازر هون
ڪتان نال زليخا اقارب هون.

Scanned by CamScanner

4. اسان شهہ شهباز قلندر هون
اسان دين ڏرم جي منبر هون
اسان هر طالب دي رهبر هون
اسان مالڪ مشرق مغارب هون.

5. ڪڏان بيخود هوڪي مست رهون
ڪڏان جام شراب الست پيون
ڪڏان قالوبليٰ دل خست گهُون
ڪڏان حاجي حرم يثارب هون.

6. ڪٿان درد فراق دي گهائل هون
ڪٿان جان شاهہ عاشق دي مائل هون
ڪٿان وصل وصال دي سائل هون
اسين اقرب سخن مقارب هون.

ڌناسري

آڻ مليم اڄ رات سرتيون
هاڙهي ۾ هيڪليءَ سان.

1. رنگ پنهل دي رنگ رچايا، رنگپور دي وچ ناچ نچايا
اڳتي هلڻ جي ڪر تات سرتيون.

2. ديدان دي وچ ديدان اڙيان، فوجان حُسن ديان سر پر چڙهيان
آڻ مليم گرگيات سرتيون.

3. دام زلف وچ قيد ڪيائون، باهہ باهہ وچ سڙ ڏنائون
ٻُڌي لاهوتين جي لات سرتيون.

4. جان شاهہ عاشق ڪي عشق ڏنائون، ڪالهہ پرين جي ڳالهہ ڪيائون
باهوتين جي بات، سرتيون.

ڌناسري

دردن جي ڪا رات سرتيون
شال نہ اچي ڪنهن تي.

1. شاهہ شهان دا ڪرم جو هويا، شام صبح سپ هڪو ٿيڙا
وئي ٻلي دن رات سرتيون.

Scanned by CamScanner

2. سامين جو اچي سنگ ڪيائون، پُل صراط تون لنگهه ڪيائون
ڪري وڏائون ڪُل گهات سرتيون.
3. احمد صمد سان 'ميم' رَليائون، ترڪ، هندو سڀ هڪ ڪيائون
معلوم ڪري تہ صفات سرتيون
4. جان شاهہ عاشق ڪي درد ڏنائون، برهہ وارن سان سنگ ڪيائون
سامي ڏنائون ساٿ سرتيون.

ڌناسري

برهين واري بانگ سرتيون
صبح سڻايائون مُئيءَ کي.

1. ويسان، هرگز مول نہ رهسان، مارن جي تم تات سرتيون.
2. مال مارن جو آءُ وڃي چاريندس، سانگين سان ڪري سانگ سرتيون.
3. لڪي مڪاءِ ڪالهہ مُئيءَ کي، ڪانگل هٿ ڪا ڪانگ سرتيون.
4. جان شاهہ عاشق وارن سان، لنگهي ويو سڀ لانگهہ سرتيون.

ڌناسري

رمزن واري راهہ عشق سُڻائي مُئيءَ کي

برهين باهہ عشق وارن ڪاڻ،
مُڪي آهي پاڻ الله

ڪانہ ڏٺيسين ڪا ٿهين
برهہ واري ڪا بات

سڪ پرين جي آءِ مچ مچايا
شل نہ ڪندو گمراهہ

جان شاهہ عاشق سان حامي ٿيڙو
مرشد شاهن شاهہ.

Scanned by CamScanner

بلاول

رمز لائي تو دلدار
من مستانه هويا ولي يار

1. مُلان قاضي سڀ وچ هڪو پنڊت جوشي ہيو ناهي ڪو
مجب متا منتار.

2. شاهه حسن دا سير ڪيتوسي، رنگپور دي وچ صحيح ڏٺوسي
جوشئون جلويدار.

3. غير دوئي دا گم جو هويا، غين دا نقطا يڪدم ڏويا
عين علي اظهار.

4. جان شاهه عاشق گهر وچ پاتا شاهه حسن دا صحيح سُڃاتا
نيهن تيا نروار.

بسنت

من سيلاني ويکڻ آيا
واهه واهه حسن هر هرڪاري دا.

1. اُپريا چنڊ تيان روشنيان، لٽڙا فڪر انداري دا.
2. چوڏهان طبقين جي وچ ظاهر ڏٺوسي، نور منور پياري دا.
3. بارش برهه دي بوند وسايا، ڪليا بسنت بهاري دا.
4. گهٽ گهٽ ري وچ پيدا ٿيڙا، جلوا نور پياري دا.
5. جانشاهه عاشق بي سر جو آيا، وسيا ميگهه ملهاري دا.

سورٺ

ہڏي انحد جي ٽڪار
درد 'تِن تار' لڳي.

1. رڳ رڳ دي وچ يار سمايا، جوشئون جلويدار
چمڪ چمڪار لڳي.

Scanned by CamScanner

2. من موهن ۾ دوست ڏٺائون، عشق لائي پٽڪار
برهه گهنگهار لڳي.

3. باغ باغيچا بنگلا ميان، گل ڦل جي گلزار
چمن جي چوڌار لڳي.

4. جانشاهه عاشق سان تي ڪرم الاهي، مليو دوست جو ديدار
حسن دربار لڳي.

جوڳ

ڀڏي عشق وارن جي بات
جوڳين اتي وجي جيءَ جلايا.

1. من موهن جي تار بجايئون، ساز سرندا سڀ پيچي چڏيائون
دل جي اندر مهر مهتاب، انحد مُرليءَ سان سُر مِلايا.

2. ملڪوت جبروت جو سير ڪيائون، لاهوت باهوت ۾ پاڻ ڏٺائون
نفي ڪيائون اثبات، سامين وجي اُتي جرس هَلايا.

3. راتيان ڏينهان راند روئڻ جي، دلبر ڪارڻ سڪ ملڻ جي
آڻ مليس گر گيات، درد مندن وجي خيال رَلايا.

4. جان شاهه عاشق تي ڪرم الاهي جنهن کي منصب مليو آهي شاهي
لنگهي ويو ذات صفات، شوق وارن اُتي جام پلايا.

جوڳ

ڏسي آتم جو ڏن ڏيان
عاشقن جتي اچي شور مچايا.

1. اوديا اوندهه گئي اکين کون، جنت دوزخ ويو پسڻ کون،
صورت سڀ سبحان، دردمندن وجي دود دُکايا.

2. مايا موهه کي ڇڏي ڏٺائون، الست بربڪم جي ڳالهه ٻڌائون،
مشتاقن جو اهو مڪان، رَنگپور دي وچ ناچ نچايا.

3. ونحن اقرب قول ڪيائون، وفي انفسڪم جي رمز چيائون،
تن من اندر آهي نشان، آدم بن بن کي نام ڏرايا.

4. بار برهه جو سر تي آيو جانشاهه عاشق تي خوش چايو
رهبر تيس گُر گيان رڳ رڳ دي وچ يار سمايا.

Scanned by CamScanner

جوڳ

تلڪ مٿا تي لاڪي، سامي بن بن آيا.

1. رنگ رنگ دي وچ يار بيرنگي، ڪٿ نصراني ڪٿ آهي رنگي،
گهٽ گهٽ وچ سمايا.

2. تُرڪ هندو سڀ هڪو صورت، ڪرشن ديوتا سڀ هڪو مورت،
پورب پنڌ پُڄايا.

3. رنگپور دي وچ ڪيل ڪلايا، موسيٰ فرعون دا ميل ملايا.
جوڳي مٿي آءِ جان جلايا.

4. جانشاه عاشق تي رحم فرمايائين، خيالُ ڏٺي دا گم ڪيائين،
ستگر ساٿ ملايا.

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاھ رضوي اول

سيد جمن شاھ ولد سيد مير جان الله شاھ ثاني ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاھ رضوي اول مسندنشين ٿيو. سيد علي اڪبر شاھ رضوي اول، شاھ شاهان سيد عبدالوهاب شاھ پاڳناڙيءَ واري جو ڏوهٽو هيو. "شجره سادات نقوي/ رضوي بکر" ۾ هن طرح لکيل آهي.

"و از خانہ جناب مير جمن شاھ عليہ رحمة بيبي بنت سلطان العارفين قطب رباني غوث صمداني مولوي المعنوي سيد السادات حضرت سيد عبدالوهاب جيلاني الصوفي القادري و تولد شد سيد السادات حضرت سيد مير علي اڪبر شاھ زادالله."(1)

سيد علي اڪبر شاھ رضوي اول جي زندگيءَ جو مفصل احوال ڪنهن بہ تذڪري ۾ آيل ناهي ۽ نہ ئي سندس ڪو ڪلام ئي ملي سگهيو آهي، جنهن مان خبر پئجي سگهي تہ پاڻ شاعر بہ هئا. البت پاڻ جيئن تہ هڪ روحاني ۽ علمي خاندان جا چشم چراغ هئا ۽ سندن سلسلي جا وارث هئا، تنهن ڪري پاڻ بہ پنهنجي وقت جا وڏا صوفي ۽ قادري سلسلي جا صاحب سجادھ هئا.

سيد علي اڪبر شاھ رضوي اول، حضرت فقير قادر بخش بيدل جا همعصر هئا. جڏهن سيد علي اڪبر شاھ اول وفات ڪئي تڏهن فقير بيدل انهن لاءِ فارسي شعر چيو جنهن مان سيد علي اڪبر شاھ رضوي جي شخصيت جي خبر پوي ٿي.

چون علي اڪبر شہ والا گهر صوفي و رضوي نجيب نامور
صاحب سجاده سلک قادري شجر حسنين رانيکو ثمر
ره برون جستہ ز قالب عنصري در هواي لامکان بکشاد پر. (2)

سيد علي اڪبر شاھ رضوي جي شروعاتي وحيءَ ۾ بيمار ٿيڻ ۽ صحتياب ٿيڻ وارو بيان مختلف تذڪرن ۾ آيل آهي جو هتي پيش ڪجي ٿو. انوقت سندس ڏاڏو مير جان الله شاھ رضوي ثاني پڻ حال حيات هيو.

Scanned by CamScanner

مير جان الله شاهه ثانيءَ جي حياتيءَ ۾ هڪڙو ڀيرو سيد علي اڪبر شاهه بيمار ٿي پيو جو اڃان نوجوان هيو ۽ بارگاه الاهي ۾ سندس جيڪا حياتي هئي سا مير جان الله شاهه ثانيءَ کي ٻوري ٿيل ڏسڻ ۾ آئي تنهن ڪري پاڻ نهايت مايوس ۽ مغموم حالت ۾ اندران نڪري ٻاهر اوطاق ۾ اچي ويٺا. سندس خليفي محمد محسن (فقير بيدل جي والد) انهيءَ مايوسيءَ ۽ دلگيريءَ جو سبب پڇيو پاڻ فرمايائون ته صاحبزادو سخت بيمار آهي ۽ سندس حياتيءَ جي اميد نه آهي. خليفه موصوف عرض ڪيو ته قبلا مان رات جو الله جو ليکو جاچيندس ۽ فجر سائين جن کي احوال عرض ڪندس. ٻئي ڏينهن صبح جو خليفو محمد محسن اچي عرض ڪيو ته قبلا رات جو الله تعاليٰ جو سارو دفتر جاچيم ته صاحبزادي جي عمر ٻوري ٿيل هئي، وري ڏٺم ته ٻندي جي عمر ٻارنهن ورهيه باقي آهي تنهن ڪري مان هڪڙو سال ڪڍهن ڪڍهن بيماريءَ جو ڪڍي جدا ڪيم باقي يارهن سال صفا صحت جا صاحبزادي جي نالي لکيم جا قبول پوي. مير جان الله شاهه ٿي دفعا پنهنجي خليفي کان تصديق ڪئي ته تو دل و جان سان اهو ڪيو آهي ۽ جڏهن هن قبوليو ۽ اهڙي تسلي ڏني تڏهن مير صاحب فرمايو ته چڱو. پوءِ خليفي عرض ڪيو ته قبلا ٻندو موڪل ٿو گهري ته گهر وڃي سمهي ته جيئن صاحبزادو چڱو ڀلو ٿئي. پوءِ خليفي کي موڪل ڏنائين جو گهر ويو ۽ هڪ هنڌ ڪٿوليءَ تي سمهي جان بحق تسليم ڪيائين ۽ سيد علي اڪبر شاهه رضوي يارهن ورهيه سانده حيات هو جو ڪڏهن اک ۾ به سور نه پيس." [17] (3)

وصال:

سيد علي اڪبر شاهه رضوي اول بن سيد جمن شاهه ثاني سن 1270هجريءَ مطابق 54-1853ع ۾ وفات ڪئي. سندس وصال تي فقير قادر بخش بيدل جيڪو فارسي شعر چيو سو هتي پيش ڪجي ٿو:

---

[17] مٿي بيان ڪيل سيد علي اڪبر شاهه رضوي اول جي بيمار ٿيڻ ۽ صحتياب ٿيڻ وارو واقعو مختلف تذڪرن ۾ جيئن جو تيئن بيان ڪيو ويو آهي، پر ان واقعي متعلق به هڪ اهم سوال اڀري ٿو. اسان ڏسنداسون ته سيد علي اڪبر شاهه اول سن 1270هه ۾ وفات ڪري ويو آهي، جيڪڏهن کين صحت جا ملندڙ يارهن سال ان مان گهٽائجن ٿا ته پوءِ اهو واقعو سن 1259هه جو بيهي ٿو ۽ ٻي پاسي اهو واقعو سيد جان الله شاهه رضوي ثاني جي حياتيءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي، هاڻي ڏسنداسون ته سيد جان الله شاهه ثاني جي وفات جو سن آهي 1255هه. هينئر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ـ اهو واقعو سيد جان الله شاهه رضوي ثانيءَ جي ڏينهن ۾ ڪيئن پيش ٿيو؟

Scanned by CamScanner

چون علي اڪبر شہ والا گهر صوفي و رضوي نجيب و نامور
صاحب سجاده سلک قادري شجره حسنين رانيکو ثمر
ره برون جستہ ز قالب عنصري در هواي لامکان بکشاد پر
تافت برديوار نور از آفتاب باز قرصِ آفتابش شد مقر
گفت تاريخ وصالش هاتفي
قدولق عندالمليک المقتدر(4)
1270هہ

سيد علي اڪبر شاهہ رضوي جي لاءِ سندس مريد آندل فقير بہ فارسي ۾ شعر چيو آهي جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو. آندل فقير ان جي شروعات مير جان الله شاهہ جي ذڪر سان ڪئي آهي:

مرا پير دانست جان الله شاهہ بحکمت حکيم است عالم پناهہ
کہ در رشتہ اولياي کرام کز و سلسلہ صوفيان شد نظام

چون کہ برتار کش بود تاج گران کريم الطبع برکهان و مهمان
شده کاسہ نوشان ز کوثر بسير فرامان بهدان چوشيران دلير

قدم همچو مردان بر آورد راست رموزات اونس جان رسرارت
بمطلب رسان بود هرطالبان همہ عاشقان را مراد رسان

از و هر کہ پہ رسيد منزل رسيد بہ وسعت قدر خويش او برچشيد
در آفاق مستانش او رقص جا ست کہ از عرش تازير تحت الثراست

هميشہ بقلزم محيطي لدن شاورکنان ظالبان را چو فن
چوگر ديد بي راضي ازين جهان دل بگلانيد از اين و آن

وصيت باولاخود کر درود ولي عهدرا از هم هر فزود
نصيبي بهرکس جدا کرده داد بحصئہ مطابق نوشتہ نهار

چنين بود دانا حکمت حکيم بعلم رموزات يزوان عليم
تصور بفکر الهي ثمرد کہ برمسند خويش بائست کرد

زاولاد خود ديد روشن ضمير بعمر جوان و بہ تدبير پير
بنيسره ز فرخ وجود آن شهي نواسہ ز جيلان شاهنشهي

Scanned by CamScanner

نجيب است طرفين چونور عين | زنور علي شرف از جا نبين
ڪ نامش علي شاه اڪبر ڪبير | هميشہ برآن سايہ پيران پير

کزان تاج و دستار مسند شهي | مدار الهمام وکلاه مهي
قرعہ بود بائست برفال او | زهر علم دانا رست احوال او

ولي و وليعهد صاحب ڪماز | زهي شير شهزاده فرخنده فال
جوان و جوان بخت هوشش گران | درون سينہ اش علم مرشد نهان

چنان کرد آباد مسند ولي | ڪ هرکس بقدر ستوده جلي
ثنايش جهان کرد ورد زبان | ستايش باوياد هر دوجهان

زهي شاهزاده است فرخ نهاد | بہ اين خاندان پاک آباد و باد
الاهي بحق محمد رسول | کن آباد اين خاندان بتول

بہ پشت پناهي يک ارجمند | بعمر گرامي بہ بخت بلند
ڪ نامش نهاده شود جانشاه | بقدر مريدان پشت پناهہ

خدايا بلندي بہ اين خاندان | يمين است مطلوب ڪ غورم رسان
هم طالبان سالک راهہ حق | بمطلب رسيدند از نہ طبق

نمانده است محروم کس از رموز | هم کس ز شاهي شهان پرفيوض
غلام غلامان آندل فقير | مدام است سائل بدرگاهہ پير. (5)

اولاد:

سيد علي اڪبر شاهہ رضوي اول بہ شاديون ڪيون. پهرين شادي سيد مظهر علي شاهہ ولد سيد منور علي شاهہ جي نياڻيءَ سان جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي ۽ ٽي فرزند سيد امام علي شاهہ، سيد الله بخش شاهہ ۽ سيد مير جان الله شاهہ ثالث تولد ٿيا. ٻي گهر مان ڪيس چار فرزند تولد ٿيا سيد احمد شاهہ، سيد محمد شاهہ، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ. وڏن فرزندن مان سيد امام علي شاهہ ۽ سيد الله بخش شاهہ صغير سن فوت ٿي ويا. تنهن ڪري سندس گاديءَ تي سندس ٽيون نمبر فرزند سيد مير جان الله شاهہ ثالث ويٺو. (6)

Scanned by CamScanner

حوالا:

1. 'شجره سادات رضوي/نقوي بکر' (قلمي فارسي)
2. ديوان بيدل (عبدالحسين شاهہ موسوي) مطبوعا 1991ع
3. ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري (گدومل هرجاڻي) مطبوعا 1940ع
4. انيس المساڪين عرف راحت السالڪين (قاضي غلام مهدي) قلمي سنڌي
5. احوال سيد علي اڪبر شاهہ اول (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا
6. پچ گنج: سبحان بخش قريشي- مطبوعا 1976ع
7. ديوان بيدل (عبدالحسين شاهہ موسوي) مطبوعا 1991ع
8. احوال سيد علي اڪبر شاهہ اول (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا
9. شجره سادات رضوي/نقوي بکري (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد مير مراد علي شاهه رضوي

سيد مير مراد علي شاهه رضوي به 'جانشاهي' خاندان جو چشم چراغ هيو. سيد مير مراد علي شاهه، سيد مير جان الله شاهه ثانيءَ جو پوٽو سيد مير جمن شاه ثانيءَ جو فرزند ۽ سيد علي اڪبر شاهه اول جو ننڍو ڀاءُ هيو. 'شجره سادات رضوي/ نقوي بکر' ۾ آيل آهي ته پاڻ به شاهه شاهان سيد عبدالوهاب شاهه ڀاڳناڙيءَ واري جو ڏوهٽو هيو. شجري ۾ هن طرح آيل آهي.

"و از خانه جناب سيد مير جمن شاه عليه رحمته بيبي خاتون بنت سلطان العارفين قطب رباني غوث صمداني مولوي المعنوي سيد السادات حضرت سيد عبدالوهاب جيلاني الصوفي القادري و حضرت مير علي اڪبر شاه زاد و سيد عبداللطيف و سيد نصيرالدين و سيد مراد علي."(1)

مٿين شجري ۾ سيد جمن شاهه جي فرزندن ۾ چوٿون نمبر فرزند سيد مراد علي شاهه ڄاڻايل آهي.

مير جان الله شاهه رضوي جي متعلق اها خبر پئجي نه سگهي آهي ته هو شاعر هيو يا نه، ڇاڪاڻ ته سندس ڪلام اسان کي ملي نه سگهيو آهي. البت پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم فاضل ۽ عارف شخص ٿي گذريو آهي. سيد مير مراد علي شاهه رضوي جو به مفصل احوال ڪنهن تذڪري ۾ ملي نه سگهيو آهي، سواءِ سنڌ جي ناميارِي اديب مولانا دين محمد وفائي جي تصنيف "تذڪره مشاهير سنڌ" جي.

مولانا دين محمد وفائي پنهنجي تاليف "تذڪره مشاهير سنڌ" جي ٻئي جلد ۾ سيد مير مراد علي شاهه جو جيڪو تذڪرو ڪيو آهي سو هتي پيش ڪجي ٿو.

سيد مراد علي ولد سيد جمن شاهه (متوفي 1191هه) ولد مير جان محمد رضوي بکري معروف به جان الله شاهه شاعر صوفي مريد شاهه عنايت الله شهيد 1130هه. مراد علي شاهه روهڙيءَ ۾ رهندو هيو ۽ مير علي مراد خان ٽالپور جو همعصر ۽ علمي مصاحب هيو. هو عربي، فارسي زبان جو وڏو ماهر

Scanned by CamScanner

۾ ڇاڻو هيو. هن جي عربي داني ۾ قابليت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو جو هن سيدنا حضرت علي رضہ جي خطبات 'نهج البلاغہ' جو فارسي ترجمو ڪيو آهي. ترجمي جي شروع ۾ ڄاڻايو اٿس تہ مونکي ڪتابن جي مطالعي ڪانپوءِ دل ۾ حيدري مذهب جي محبت پيدا ٿي ۽ هي ترجمو انهيءَ اشتياق پوري ڪرڻ لاءِ لکان ٿو. ترجمي کي مير مراد علي خان جي نالي معنون ڪيو اٿس. ترجمي تي شرح ۾ سمجهاڻي طور حاشيہ بہ لڳل آهي جنهن ۾ لغت جي مشڪل الفاظن جو حل ٽيندو وڃي ٿو. ترجمو 4, 5 رمضان المبارڪ 1207هہ ۾ شروع ڪري 21 صفر 1208هہ ۾ ختم ڪيو اٿس. سيد صاحب وڏو زميندار ۽ جاگيردار هيو. هن دنيا مان سن 1320هہ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو." (2)

مولانا دين محمد وفائي, سيد مراد علي شاهہ جي حوالي سان ڪافي بنيادي ۽ اهم ڄاڻ ڏني آهي تہ هو ڪيتري پائي جو عالم فاضل هيو جو 'نهج البلاغہ' جو فارسي ترجمو ڪيائين. هن وقت سيد مراد علي شاهہ جي پنهنجي خاندان جو ڪو بہ فرد حال حيات ناهي تنهن ڪري خبر نہ ٿي پوي تہ مير مراد علي شاهہ جي نهج البلاغہ جي ڪيل ترجمي جو نسخو ڪٿي آهي. مولانا دين محمد وفائيءَ جي لکڻ مان خبر پوي ٿي تہ مولانا صاحب مذڪوره 'نهج البلاغہ' جي فارسي ترجمي جو اصل نسخو ضرور ڏٺو هوندو ۽ وٽس ان جو نقل موجود هوندو. ٻي پاسي تذڪري ۾ مولانا دين محمد وفائي اهم غلطي بہ ڪري ويو آهي. هن صاحب سيد مراد علي شاهہ جي والد صاحب جمن شاهہ جي وفات جو سن 1191هہ ڄاڻايو آهي, جيڪو غلط آهي. اهو سن سيد جمن شاهہ اول ولد سيد قلندر علي شاهہ جي وفات جو آهي. ڇاڪاڻ تہ سيد مير مراد علي شاهہ جي ڏاڏي سيد مير جان الله شاهہ ثاني خود سن 1255هہ ۾ وفات ڪئي آهي, تنهن ڪري سيد مراد علي شاهہ جي والد سيد جمن شاهہ جي وفات تيرهين صدي هجري ۾ ٿي سگهي ٿي نہ ڪي ٻارهين صديءَ ۾, جيئن مولانا صاحب لکي ويو آهي. ٻي پاسي مولانا دين محمد وفائي, سيد مراد علي شاهہ کي مير جان الله شاهہ رضوي اول جيڪو شاهہ عنايت جو مريد هيو جو پوٽو ڄاڻايو آهي جڏهن تہ سيد مراد علي شاهہ مير جان الله اول جو پڙ پوٽو ۽ مير جان الله شاهہ ثانيءَ جو پوٽو هيو.

Scanned by CamScanner

سيد مير مراد علي شاهه رضوي روهڙيءَ ۾ پنهنجي نالي تي پنهنجي خاندان لاءِ هڪ الڳ ’ڪوٽ‘ پڻ تعمير ڪرايو هو جيڪو ڪوٽ مير مراد علي شاهه رضوي جي نالي سان مشهور آهي. قريشي حامد علي خانائي لکيو آهي ته سيد جان الله شاهه جي اولاد مان سيد علي مراد شاهه انگريزن جي گهڻي مدد ڪئي، انهيءَ ڪري انگريزن کيس 24 اپريل 1868ع تي جاگير ڏني هئي. هن ننڍي ڪوٽ تي هڪ ٻيو ڪوٽ پڻ اڏايو هو جو پوءِ ڪوٽ مير مراد علي خان جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين آهي ۽ سندس نالي سڏيو اچي ٿو.(3)

مولانا دين محمد وفائي، مير مراد علي شاهه جي وفات جو سن 1320هه ڄاڻايو آهي جيڪو پڻ صحيح معلوم نه ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته سندس وڏو ڀاءُ ۽ درگاهه جو گادي نشين سيد علي اڪبر شاهه اول جو سن وفات 1270هه آهي، تنهن ڪري پڪ ناهي ته سيد مراد علي شاهه پنهنجي ڀاءُ جي وفات کان 50 سالن تائين حال حيات رهيو هجي. ان ڪري هن وڏي ڄمار ماڻي ٻه تيرهين صديءَ هجريءَ جي آخر ۾ وفات ڪئي هوندي.

حوالا:

1. شجره سادات رضوي/نقوي بکر (قلمي فارسي)
2. تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون (مولانا دين محمد وفائي) مطبوعا 1985ع
3. مضمون ’سيد مير حيدر شاهه حقاني رضوي‘ قريشي حامد علي خانائي مطبوعا 1990ع، ٽماهي ”مهراڻ“، ڄام شورو.

Scanned by CamScanner

سيد مير جان الله شاهہ ثالث

سيد مير علي اڪبر شاهہ رضوي اول ڪانپوءِ سندس فرزند سيد مير جان الله شاهہ ثالث گاديءَ تي ويٺو. مير جان الله شاهہ ثالث پڻ پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم فاضل شخص هيو جنهن ڪانسواءِ پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ جو وڏو شاعر هو. مير جان الله شاهہ ثالث جو ڪلام تہ اسان کي ڪافي تعداد ۾ ملي سگهيو آهي البت سندس زندگيءَ جو احوال اڻپورو آهي. ايتري قدر جو سندس وفات جي تاريخ بہ صحيح معلوم نہ ٿي سگهي آهي. 'جانشاهي' خاندان جي هن درويش ۽ فقير صوفي شاعر جو جيڪو احوال ملي سگهيو آهي سو هتي پيش ڪجي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي تاليف 'ڪافيون جلد 1' ۾ لکي ٿو تہ "جان الله شاهہ ثالث ولد علي اڪبر شاهہ اول جي اولاد مان هو. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ سجاده نشين ٿيو. ڪانئس اڳ مير جان الله شاهہ اول توڙي مير جان الله شاهہ ثاني 'عاشق' ٻئي شاعر هئا. هي بہ وڏو عالم فاضل شخص هو. 20 صدي جي شروعات ۾ وفات ڪيائين."(1) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي مذڪوره تاليف ۾ مير جان الله شاهہ ثالث جون ڏهہ ڪافيون پڻ شامل ڪيون آهن. جن لاءِ پاڻ لکي ٿو تہ 'جان شاهہ جون ڪافيون 1297هہ/1880ع جي لکيل بياض ۾ شامل آهن. يعني تہ جان شاهہ ان وقت حال حيات هو يا اڳ گذاريائين."(2)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي بہ پنهنجي تاليف "تذڪرا شعرا سکر" ۾ جان الله شاهہ ثالث جو ذڪر ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ مير جان الله شاهہ ثالث وڏو عالم ۽ فاضل هو. ڪيترائي هندو مسلمان سندس مريد هئا. 20 صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ وفات ڪيائين. سنڌي، سرائڪي، پارسي، اردو جو بلند شاعر ٿي گذاريو آهي. سندس شعر جو بياض محترمي مڪرمي جناب عطا حسين شاهہ صاحب شفقت فرمائي ڏيکاريو جتان سندس ڪجهہ ڪلام نقل ڪيو ويو. سندس بيت، ڪافيون، سحرفيون نهايت پختہ ۽ برجستہ آهن. سندس ڪلام ۾ تصوف جا مسئلا سمجهايل آهن تہ حسن عشق جو ذڪر بہ رنگين ۽ دلڪش نوع ۾ ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ سندس ڪلام ۾ ويدانيت جي واٽ بہ آيل آهي جنهن ڪري هندي ۽ سنسڪرت جا الفاظ بہ استعمال ڪيا ويا آهن."(3)

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مير جان الله شاهہ ثالث جي شاعريءَ تي مختصر پر جامع راءِ ڏني آهي. هن صاحب مير جان الله شاهہ ثالث جي ڪلام کي غور ۽ دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي. سيد مير جان الله شاهہ ثالث، ناميار صوفي ۽ عالم فقير قادر بخش بيدل جو شاگرد پڻ رهيو آهي. مير جان الله شاهہ رضوي اول جي خاندان جي ان شهزادي فقير بيدل جهڙي مفڪر ۽ جيد عالم جي فڪري ۽ روحاني مدرسي مان باقاعده تعليم حاصل ڪئي هئي. موسوي عبدالحسين شاهہ پنهنجي تصنيف 'ديوان بيدل' ۾ لکيو آهي تہ "سندس (بيدل جي) بصيرت ايتري هئي جو چون ٿا تہ ميان جان الله شاهہ ٽئين (ثالث) کي هڪ سال محرم جي نائين تاريخ سبق ويني ڏنائين. دستور موجب ڪربلا جي تعزيہ جي ڪڇڻ وقت سيني روهڙيءَ جي سادات کي ڪونڻ لاءِ ماڻهو ويندو هيو. ماڻهن جو بہ ڪافي هجوم هوندو هيو. تنهن ڪري سيني سادات کي قاصد جو انتظار رهندو هيو. شاهہ صاحب کي بہ اهو انتظار هو جنهن ڪري پڙهڻ سان چت نہ ٿي لاتائين. فقير صاحب اهو حال ڏسي فرمايائين تہ 'توهان اطمينان ڪريو جڏهن امام جي تعزيہ ڪڻڻ جو وقت ٿيو تڏهن آءٌ از خود اوهان کي خبر ڏيندس.' جهٽ نہ گذري تہ فقير صاحب ادب ۽ احترام وچان اٿي بيٺو ۽ صلواة پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ چيائين تہ هينئر شهزادن جي سواري وجي ٿي، تياري ڪريو. شاهہ صاحب تڪڙو تڪڙو ويو ۽ تعزيہ ڪڍڻ جي عين وقت تي پهتو."(3)

اولاد:

سيد مير جان الله شاهہ ثالث بہ شاديون ڪيون. پهرين شادي خيرپور جي سيد مير جعفر علي شاهہ بن امام علي شاهہ جي نياڻي سان ڪيائون جنهن مان کيس هڪ فرزند سيد علي اڪبر شاهہ ثاني تولد ٿيو. مير جان الله شاهہ ثالث ٻي شادي مير مدد علي شاهہ ساڪن ڀاڳ جي نياڻي سان ڪئي جنهن مان کيس هڪ فرزند سيد صيف علي شاهہ تولد ٿيو جيڪو صغير سن وفات ڪري ويو.(4) سيد مير جان الله شاهہ ثالث ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاهہ ثاني سجاده نشين ٿيو.

حوالا:

1. ڪانئيون جلد 1، (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مطبوعا 1985ع)
2. تذڪره شعراء سکر، (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي۔ 1965ع)
3. ديوان بيدل (عبدالحسين شاهہ موسوي۔ مطبوعا 1991ع)
4. شجره سادات رضوي/نقوي بکر (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد مير جان الله شاهہ ثالث جو ڪلام

من آن مرغیم لاهوتی که هاهوتی شگون دارم
رموز عشق نمیدانم که سیر از حد برون درم

بداں در هجر دیوانه ام، که در باهوت حیرانم
که در ملکوت تابانم، خمار خم درون دارم

کنم پرواز در جنت به بخشم تاج غلمان را
روم بر عرش برکرسی، فلک رابیستون دارم

بیا در منزل جانان، رهاکن عقده دلها
خودی را خود بسوز انم، نشان بی نمون دارم

منم در عشق مدهوشم شهید خنجر نازم
در آن وقتی بقر بانی ذبیح سرنگون دارم

بیا ای سید جانان برو در کوی معشوقان
صنم را در بغل گیری که هجری از فزون دارم

❊

نمود عشق راه وصال محمدی
دیدیم چشم دوست جمال محمدی

حمد نبی ثنای علی کروم بصدق دل
داوند جام نو ز زلال محمدی

در دشت عشق کرب و بلا قوم کوفیاں
کشتند بیگناه هلال محمدی

Scanned by CamScanner

چون بگذری ز وشت بگو کربلا حسین
صلواة بر محمد و آل محمدی

برخاست نوحۂ حشراز خمها حسین
مہ شاه شد شہید مثال محمدی

از وست ناز دلبر چشیدم نوک عشق
لذت بداد در دل کمال محمدی

جانشاه ز عشق شاه حسن برد نزد شاه
نوشاند جام وحدت ز کلال محمدی

❊

پیدا شد است نور ز ذات محمدی
مخلوط شد به ذات صفات محمدی

چون ذکر لا اله شد اثبات از نفی
درجۂ عظیم شد درجات محمدی

خوردیم جام وحدت از وست ساقی کوثر
آب حیات شد ز حیات محمدی

چون ذکر روح راطی کردم بلطف شاه
ویدم به لوح ثبت آیات محمدی

پیر مغان ز راه کرم ذکر حق به داد
کلمات حق شنید ز کلمات محمدی

جانشاه ز وست پار گرفتیم جام عشق
پس یافتم نجات، نجات محمدی

Scanned by CamScanner

روپ آسا

یار پردیسی آیا غمزے سے
مجھے مار کے سُک چین لے گیا۔

آنکھوں میں کجل ڈال کے، بالوں میں تلک لگا کے
ہس رس کی رمز رلا کے، کر بین لے گیا۔

جلوا حسن دا وکائکے، ترچھی نظر سے ملائکے
محبت سے سینا سلائکے، کونین لے گیا۔

فوجاں حُسن دیاں چڑہا کے، سر پر عُشاقاں دی آئکے
دم صبر چین آرام کے، دن رین لے گیا۔

دیا ساقی جام شراب کا، ہویا تن کا حال کباب سا
پیوں نال زلال وصال کا، غم ثقلین لے گیا۔

مرشد سائیں سچ فرمائکے، جان شاہ کو صحیح سمجھا کے
شعہ حُسن دا شعلا وِکائکے دل عین لے گیا۔

❋

اُٿي جوڳي جاڳ، ننڊ نماڻن کي نيون آهہ نهوڙي،

1. ويندیس رهندس ڪينڪي، هي آهي مانجهاندي جو ماڳ.
2. پينر ياڳي آئيو بيراڳن کي بيراڳ.
3. ڏونگر ڏوري آئيو دردمندن جو آهي لاڳ.
4. اديون جان شاهہ تي آئيو سامين جو بہ سُهاڳ.

Scanned by CamScanner

بروو

اسين هردم عشق ۾ آهيون، وينا آتم سور تا ڳايون

1. ح حرف حقيقت صحي ڪيوسي، ميم معرفت وچ سمجھ ڏنوسي
جي آهيون سي آهيون.
2. ق قلب وچ دوست ڏنوسي، لام لا اِلہ دا سبق پڙهيوسي
دونهان درد دکايون.
3. غ غير دوئي دا ڪيڍ ڏتوسي، و وحدت وچ گم تيو سي
آهيان دي وچ ناهيون.
4. ش شاه شاهان دا ڪرم جو هويا، جانشاه آپ وڃايا ڪي پايا
برهين بوند وسايون.

جوڳ

وڃي سانگين کي ڏجو ميان
مُئيءَ جو ڪو ڏک جو ڏوراپو.

1. مارن ٻاجهون نانهن ڪو هن کي جيءَ جو جياپو.
2. قسمت قيد اُتي ڪيو جاتي سڱ نہ سياپو.
3. ڪوڳڙِ چونديا ڪانڌ سان، شل تي منهنجو ميلاپو.
4. جان شاه محبن مليو لاهي لوڪ لاڳاپو.

ڪوهياري

دونهان درد دکائي ويا
آيل ڙي مئيءَ جو هوت وٺي ويا

1. جمندي مون سور پرائيا، چاڪ ڏکيءَ جا چڪائي ويا.
2. تنبيون ٻڌي چيلهہ سان، جوڳي جيءَ جلائي ويا.
3. ڏونگر ڏوري آئيو وات ونڊر جي پچائي ويا.
4. جانشاه ساڌ سنگت سان، انحد بين بجائي ويا.

Scanned by CamScanner

ڪوهياري

ڪيچ ڏٺي ٿيندا، شامل دردمندن سان

1. صوفي سير سجو ڪري، جوڳي ٿي جلندا.
2. بوندان برهه وسائيون، رمز وٺي رلندا.
3. ڏسي منهن محبوب جو، عاشق ٿي هلندا.
4. جانشاهه ساڌ سنگت ٿي، محبن سان ملندا.

ڪوهياري

ڏاڍي جوڳين جي ذات، سڱ ڇني ويا الا ڪاپڙي

1. لاهوتي لوءِ لڏي ويا، اٿي آڌي رات.
2. ڪو نه اچي ٿو ڪاڏهون، ماريو مارن جي مات.
3. ساري رات سار سڄڻ جي، پرهه ڦٽي پريات.
4. جانشاهه جي سر وسي ٿي، بوند برهه برسات.

ڪوهياري

ڪرهل ڪيچ قطاري ويا
آيل ڙي مئيءَ سان ڪو ڏمر ڪري ويا.

1. ڇمندي ئي صندوق لوڙهيائون، سٽڙي سور جڳائي ويا.
2. هاڙهي ۾ جا هيڪلي، مٺ مُئيءَ کي رلائي ويا.
3. ڪرهل ڪيچئون آئيا، بار برهه جو وسائي ويا.
4. جانشاهه کي سڪ جا، محبت مچ مچائي ويا.

Scanned by CamScanner

ڪونسيو

پلا ڪهڙي ڳالهين رانجهن چاڪ سڏايا وي.

1. ونجهلي وڄيندا آيا اٿاهين, سانون ڪا رمز رلايا وي

2. لاڪي رمزان ڪڙندا اٿاهين, ٻيلي سوڌمر مچايا وي

3. شاهه شاهان دا چاڪ سڏايس, ڪيسا سو ڇپن ڇپايا وي

4. مالڪ ملڪ دا شاهه حسن دا, جانشاهه سو بن آيا وي.

ڀهاڙي

يار پيارل سر اسا ڏي پريت پيارو ڪيو

1. دل ۾ دلبر تنهنجون جايون, عاشقن رمزان لايون
مينهن محبت جا وسايون, نيهن نظارو ٿيو.

2. بحر وحدت جو ويڪيوسي, بيخودي مسڪن ڪيوسي
سوز اناالحق ڳايوسي, نور نيارو رهيو.

3. پرت جو پيالو پياريو نحن اقرب کي ڏيکاريو
روح رمزن سان رلايو حسن هلڪارو ڪيو.

4. عشق جا آڙاهه ٻرن ٿا, سوري اچي اتي سر ڏين ٿا
صوفي سر نيزي رکن ٿا, پير پياري ڇيو.

5. شمس جي کلڙي لهرايو صنعان کي زنار پارايو.
جانشاهه جو جيءُ جياريو وصل جو وارو ورايو.

حسيني

عشق پڙهايو مون اچي برهين وارو باب.

1. رهبر راهه رسائيو وسريو سارو ڪتاب.

2. تن من اندر بين بجن ٿا, پل ڳيو آهي رباب.

3. ستگر صحي ڏيکاريو من اندر مهتاب.

4. جانشاهه لنگهي اڳي ٿيو ناهي ڪو ڏوهه ثواب.

Scanned by CamScanner

حسيني

گام پري هلي گرنار پسو
ويکو دسئون دوار.

1. لاهوتي لوءِ لڏي ويا پورب تي هسوار.
2. سانگي سانگ ڪري ويا پٽن پاسي پنهوار.
3. ڪانہ ہڏي سين ڪا ٽين، ڪنهن تڙ تند تنوار.
4. مارو ملڪ ملير ويا، نانگا تي نروار.
5. سامين سِر وسن ٿا، نوراني انوار.
6. جانشاهہ سر نيزي رکيو هام پري هموار.

ڪنياٽ

مئن عشق دا ڪيتا واپار
ٻاڌو هووي سودا ليوي.

1. ساڌ سنگت بن پچن نہ پاوي، سنت ساڌو مل شبد ڪماوي
ماري انحد دا للڪار جام برهہ ذا ڪوئي آءِ پيوي.
2. هرگن رام نام گن گاوي، ستگر سرت سبحان گهر پاوي
ٿيوي نہ دم هڪ ڏار، عشق ڪي آڳي ڪوئي سر ديوي.
3. بيخود هوڪي ڇوڙ ڏي ڏنڏا، ڪاٽ ديوي سڀ جم ڪا ڦندا
نامي نيهن ٿيوي نروار، گوءِ عشق دي ڪوئي آءِ ليوي.
4. عاشق هوڪي عشق ڪمايا، بار برهہ دا سر جانشاهہ چايا
مليم رانجهن يار، ملڻ ماهي دا سدا شل هووي.

حسيني

نيهن نوايو ناز سان، صوفي بيپرواهہ
1. صوفي صاف صفا ٿيو انا الحق چئي ٿيو الله
2. مشتاقن سمجهي ڏٺو رمزن وارو راهہ.
3. نفيءَ مان اثبات ٿيو تابان حسن سندو ماهہ.
4. جانشاهہ جسم جمال ڪيو مرشد شاهن شاهہ.

Scanned by CamScanner

ڪليان

منگي عشق نہ تو پوشاڪي الا
منگي عشق نہ تو پوشاڪي.

1. ڪل عالم کي عقل ڏنائون، برهہ ڇڏيائون باقي
2. هر دوجهان ۾ آهي اسان جو حسن حسين ۽ ساٿي.
3. لذت عشرت هر ڪنهن چائي، برهہ چايو هن خاڪي.
4. هر دم سائين نال اساڏي، نت نت آهي اوطاقي.
5. جانشاهہ حامي پنهنجو آهي، حوض ڪوثر جو ساقي.

ڪنيات

نشا پيتم نينهن نواب ڪنون
جند ڇٽ پئي ڏوهہ ثواب ڪنون.

1. ونحن اقرب تي اثباتي، معلوم هويا ڪل ذات صفاتي.
پر پر پيتم جام لنگهہ ڳيوسي خيال خراب ڪنون.
2. وفي انفسڪم جي سمجهہ ڏنائون، هر جاءِ هاديءَ جي رمز ڏسيائون
مرشد دا هي اهو ڪلام، ڇُٽ ڳيوسي غير حساب ڪنون.
3. خيال خودي دا گم هي سارا، وڳا نوبت نيهن نقارا
عشق ڪيتا آءِ سلام بي خود ٿيو سي خودي دي جواب ڪنون.
4. مرشد سائين حڪم فرمايا، جانشاهہ چم اکين سر چايا
برهہ هويا هي مدام، لدم جام شراب ڪنون.

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني

سيد مير جان الله شاهہ ثالث ڪانپوءِ سندس فرزند سيد علي اڪبر شاهہ رضوي ثاني سجاده نشين ٿيو. سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي شخصيت پنهنجي خاندان ۾ هڪ نرالي ۽ انوکي هئي. سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي ڏينهن ۾ مير جان الله شاهہ رضوي اول جي گاديءَ ۽ درگاهہ کي تمام گهڻو عروج مليو. سيد علي اڪبر شاهہ ثاني سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جي وڏي شاعر هئڻ سان گڏ وڏو عالم، فاضل شخص هيو. تنهن کان سواءِ پاڻ راڳ جو تمام ماهر ۽ قدردان پڻ هيو. سيد مير علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو احوال بہ ڪجهہ تذڪرن ۾ مختصر آيل آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 'تذڪره شعراء سکر' ۾ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو تذڪرو ڪندي لکي ٿو تہ:

"روهڙيءَ جي نقوي سيدن مان هيو ۽ مير جان الله شاهہ ثالث جو فرزند هيو. پيءَ کانپوءِ سجاده نشين ٿيو. حشمت سان گذاريندو هيو. ڪيترائي هندو مسلمان سندس مريد هئا. حيدرآباد جي عاملن جو تہ منجهس وڏو اعتقاد هو. هُو کيس 'رام جو اوتار' ڪري پوڄيندا هئا. سنڌي سرائڪي، فارسي ۽ اردو جو سٺو شاعر هيو. سندس اڪثر ڪافيون وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي آهن. يعني هر هڪ بند فقط هڪ مصرع جو آهي. البتہ ڪيتريون ئي ڪافيون ڏيڍيون بہ آهن ۽ هر هڪ بند ۾ ٻٽو قافيو آهي."(1)

سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي شاعري ڪافي تعداد ۾ ملي ٿي خاص ڳالهہ اها آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ هڪ نہ پر ڇهہ مختلف 'تخلص' استعمال ڪيا اٿائين. جيڪي هن طرح آهن:

علي اڪبر، ساقي، بي تسڪين، لالا، فائق ۽ عشرت. قريشي حامد علي خانائي پنهنجي هڪ مضمون 'سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' جي هاشيي ۾ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو جيڪو تذڪرو ڪيو آهي سو هتي پيش ڪجي ٿو. "سيد علي اڪبر شاهہ فائق روهڙي جي رضوي سادات جي جانشاهي شاخ جو چشم چراغ هو. سندس والد جو نالو سيد جان الله شاهہ رضوي هو. سيد علي اڪبر شاهہ عربي، فارسي ۽ ديني علمن جو جامع هو. هندي

سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جو پڻ ڄاڻو هو. سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪندو هو. ايڏي وڏي پائي جو شاعر هوندي ضرور پنهنجو ديوان مرتب ڪيو هوندائين ليڪن زماني جي حادثن ۽ انقلابن جي ڪري سندس اهو علمي خزانو تباهه ۽ برباد ٿي ويو. پاڻ علم موسيقيءَ کان ٻـ چڱي طرح واقف هو. پنهنجي سؤٽ سيد محب علي شاهه 'بيوس' بن احمد شاهه جانشاهيءَ کان پڪي راڳ جي مڪمل سکيا ورتي هئائين. سندس ستار اڄ بـ سندس پوين وٽ محفوظ آهي."(2)

شجره سادات رضوي/نقوي بکري جي ترتيب

سيد علي اڪبر شاهه ثاني پاڻ بکر جي سمورن رضوي ساداتن جو فارسي ٻوليءَ ۾ شجرو مرتب ڪيو هئائون، جنهن جو نالو "شجره سادات رضوي/نقوي بکري" آهي. شجري جي ان نسخي جو تعارف قريشي حامد علي خانائي پنهنجي مضمون 'سنڌ جي تاريخ جا ماخذ' ۾ هن طرح ڏنو آهي:

تازو اسان جي نظر مان 'شجره سادات رضوي/نقوي بکري' جي نالي سان هيءُ نسخو گذريو آهي. هي نسخو علي اڪبر شاهه 'فائق' جانشاهي جو مرتب ڪيل آهي. هيءُ قلمي نسخو فل اسڪيپ سائيز جي 140 صفحن تي مشتمل آهي.[18] جيتوڻيڪ هن تذڪري ۾ مؤلف پنهنجي خاندان جو احوال تفصيل سان بيان ڪيو اهي ليڪن منجهس ڪيترين ئي جاين تي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان پڻ ڪافي مواد ملي ٿو. رضوي ساداتن جي متعلق تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪيل غلطين جو ازالو بـ هن نسخي جي ذريعي ٿئي ٿو. هيءُ تذڪرو سنڌ جي تاريخ جو هڪ املهه سرمايو آهي. هيءُ قلمي نسخو سيد غلام رسول شاهه جانشاهي ساڪن روهڙي جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.(3)

[18] راقم الحروف شجره سادات نقوي/رضوي بکر جي مذڪوره قلمي نسخي جو بخوبي جائزو ورتو آهي. اهو شجرو سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي هڪ اهم ڪاوش آهي. خانائي صاحب انهيءَ شجري جا ڪل 140 صفحا ڄاڻايا آهن، جڏهن تـ مذڪوره شجرو فل اسڪيپ پنن جي ڪل 231 صفحن تي مشتمل آهي. شايد خانائي صاحب پاڻ ان شجري جو مطالعو نـ ڪيو آهي. سيد علي اڪبر شاهه ثاني شجري جي شروع ۾ يا آخر ۾ ڪٿي بـ پنهنجو نالو تحرير نـ ڪيو آهي ۽ نـ ئي اهو لکيو اٿائين تـ اهو شجرو هن ڪهڙي تاريخ ۽ سال ۾ تحرير ڪيو.

نهج شريف:

هي بہ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي تصنيف آهي جنهن جو ذڪر پڻ ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي مذڪوره مضمون ۾ ڪيو آهي تہ "شجره سادات رضوي/نقوي بکري جي آخر ۾ سندس هڪ ٻيو تاليف ڪيل رسالو نهج شريف پڻ قلمي صورت ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي." (4) [19]

سيد علي اڪبر شاهہ ثاني جي ڏينهن ۾ ڪيترائي هندو مسلمان ۽ سک سندس عقيدت مند بڻيا ۽ سندس مريد ٿيا. جن ۾ پنهنجي دور جا وڏا اڪابر، امير ۽ ڪامورا پڻ شامل هئا. هتي اهڙين شخصيتن جا نالا پيش ڪجن ٿا.

1. ديوان وزير مل لعلواڻي سب جج حيدرآباد
2. ديوان عيدن مل لعلواڻي هيڊماسٽر هاءِ اسڪول سکر روهڙي
3. ديوان هيرانند واڌو مل هيڊماسٽر هاءِ اسڪول سکر وينل روهڙي
4. ديوان نرملداس[20] (1) اورنيٽر ٽرانسليٽر آف ڪمشنر ان سنڌ ڪراچي

---

[19] راقم الحروف پاڻ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جي انهيءَ قلمي ڪتاب کي بخوبي ڏٺو آهي. فل اسڪيپ جي ڪل 67 صفحن تي مشتمل اها تصنيف شاهہ صاحب جي خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل آهي جنهن ۾ ڪاري ۽ ڳاڙهي مس استعمال ٿيل آهي.
پورو ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. شاهہ صاحب هن نسخي ۾ ڪٿي بہ پنهنجو نالو ۽ تاريخ تحرير نہ ڪئي آهي.
نهج شريف، شجره سادات رضوي/نقوي بکر جي اختتام کانپوءِ صفحي 232 کان شروع ٿي ۽ صفحي 298 تي ختم ٿئي ٿي.

[20] ديوان نرملداس، روهڙيءَ جي هندو طبقي مان هڪ وڏو عالم شاعر ۽ صوفي منش شخص ٿي گذريو آهي. سندس ابتدائي زندگيءَ جو احوال پوري طرح دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. البت معتبر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت زبانن جو وڏو ودوان هو. ديوان صاحب سرڪاري طرح مشرقي ٻولين جو ترجمان طور مقرر ٿيل هو. پاڻ سنڌي نثر جو وڏو ليکڪ هو. سنڌي ساهت سوسائٽي جي برپا ٿيڻ وقت ڪي رسالا پڻ لکيا هئائين. کيس شعر و شاعريءَ جو بہ ڏاڍو شوق هوندو هيو. سندس ڪلام هن وقت تائين گهڻ دستياب ٿي سگهيو آهي. (ڊاڪٽر اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر جلد ٻيو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ڄامشورو 1984ع) ديوان صاحب روهڙيءَ جي جانشاهي خاندان جو طالب هيو. درگاهہ سان ايتري تہ محبت ۽ عقيدت رکندو هيو جو پاڻ رهندو ئي درگاهہ تي هيو. مير جان الله شاهہ رضوي (متوفي 6 ربيع الاول 1167ھ) جي فارسي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو هئائين. ديوان صاحب جي باري ۾ روهڙيءَ جي راوِن کان هڪ مشهور واقعي جي ڄاڻ ملي ٿي. سن 1924ع ۾ روهڙيءَ ۾ هڪ شيعا سني مناظرو ٿيو ← جنهن ۾ مولوي سعدالله خيرپوري ۽ ميان موجود علي شاهہ لُقندر (بخاري شاهہ جو مجاور) اهل سنت پاران هئا ۽ ٻئي پاسي ڊيري غازي خان جو منشي واحد بخش هيو. ٻنهي ڌرين متفق ٿي، ديوان نرملداس کي مصنف طور مقرر ڪيو. اهو مناظرو اڪبري جامع مسجد ۾ ٿيو هيو. انهيءَ واقعي مان ديوان صاحب جي علمي حيثيت ۽ سندس انصاف پروريءَ جو ثبوت ملي ٿو. روهڙيءَ شهر ۾ اڃان بہ ڪي وڏي ڄمار وارا حال حيات آهن جن جو چوڻ آهي تہ هنن ديوان صاحب کان قرآن پاڪ ناظره

Scanned by CamScanner

5. ديوان گوبند ڪش وزير مل لعلواڻي سب جج روهڙي ويٺل حيدرآباد
6. ديوان همت سنگهه وزير لعلواڻي انڪم ٽيڪس انسپيڪٽر سکر
7. ديوان هزاري مل ايگزيڪيوٽو انجنيئر
8. ڀائي سکو سنگهه سک ويٺل امرتسر (5) [21]

وصال:

سيد علي اڪبر شاهه ثاني ولد سيد جان الله شاهه ثالث 26 شوال 1341هه مطابق 17 جولاءِ 1923ع تي وفات ڪري ويو. وفات وقت سندس

پڙهيو هيو. ڪوٽائي سادات مان سيد نظر محمد شاهه هڪ پيرسن شخص آهي، هن پڻ ديوان صاحب وٽ قرآن پاڪ پڙهيو هيو.

(ڏسو: قريشي حامد علي خانائي جو ڪتاب تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي مطبوعا 1998ع صفحو 156_157)

'ديوان نرملداس' سيد علي اڪبر شاهه ثاني جو مريد هيو ۽ اتي روهڙيءَ ۾ سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي مريدن کي عربي فارسي ۽ قرآن جي تعليم ڏيندو هيو. ديوان نرملداس جيڪو 'ديوان مير' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ان جو هن نالو "روحاني تجلات" رکيو هيو. راقم الحروف کي فقير بيدل جي خاندان جي چشم و چراغ ميان عبداللطيف قريشي ٻڌايو ته سندس والد مرحوم سبحان بخش قريشي پڻ ديوان نرملداس وٽان قرآن پاڪ پڙهيو هيو. ديوان نرملداس جو فرزند سوڀراج فاني پڻ پنهنجي وقت جو اڪابر، شاعر ۽ ڪامورو ٿي گذريو آهي. سندس نياڻي ۽ ديوان نرملداس جي پوٽي شريمتي 'پارو' هن وقت پنهنجي ڪٽنب سان آمريڪا جي رياست نيو جرسي ۾ رهائش پذير آهي. پاڻ پنهنجي پتي شري گل سان گڏجي سال ٻن جي وقفي دوران آمريڪا مان خاص طور تي کهي پنهنجي ڏاڏي ديوان نرملداس جي مرشد سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي عقيدت ۾ روهڙي ايندي آهي ۽ درگاهه جان الله شاهه رضوي تي ٽڪندي آهي. شريمتي 'پارو' هن وقت پيرسن آهي، هوءَ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ بلند اخلاق جي مالڪ آهي. شعر و شاعري سان گڏ ڪيس راڳ جي پڻ ڄاڻ آهي. هوءَ پاڻ به ڳائيندي آهي ۽ سندس آواز پرسوز ۽ درد انگيز آهي. شريمتي پارو پنهنجي پتي شري گل سان گڏ ٻه چار سال اڳ راقم الحروف جي غريب خاني تي پڻ پير گهمايا هئا. [21]

سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي انهن هندو ۽ سک مريدن جي فهرست مرحوم قاضي علي رضا پنهنجي قلمي ڪتاب ۾ ڏني آهي، جنهن ۾ هن هڪ مريد ڀائي سکو سنگهه جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو پڻ لکيو اٿائين ته ڀائي سکو سنگهه جي قبر سادات جي مقام ۾ آهي. هينئر ڏسبو ته درگاهه مير جان الله شاهه جي مقام ۾ 'سکو سنگهه' جي قبر جو ڪو به نشان موجود ناهي. جانشاهي خاندان جي ڊاڪٽر جان علي شاهه راقم الحروف کي ٻڌايو ته درگاهه جي اُتر ۾ ٽي سکن جون قبرون هيون جن مان هڪ ڀائي سکو سنگهه جي هئي. اهي قبرون هينئر موجود ناهن ۽ ڊهي گم ٿي ويون آهن. ٻه چار سال اڳ راقم الحروف محترم اياز گل سان گڏجي جڏهن درگاهه مير جان الله شاهه جي مقام ۾ 'مدن فقير' جي قبر تي ويو ته ان قبر تي ڪاشيءَ جو قديم ڪتبو لڳل هيو جو اکڙي ٻاهر اچي ويو هيو اسان ڏٺوسون ته ان ڪاشيءَ جي ڪتبي تي هڪ پاسي 'ڀائي مدن فقير' اُڪريل هو ته ٻي پاسي 'ڀائي سکو سنگهه' اڪريل هيو. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اها قبر مدن فقير جي چئجي يا سکو سنگهه جي؟ يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڀائي سکو سنگهه مدن فقير جي قبر جو ڪتبو لڳرايو هجي ۽ يادگيري طور ان جي پٺيان پنهنجو نالو لکايو هجائين!

Scanned by CamScanner

عمر اٽڪل 55 سال هئي. سندس وفات جي تاريخ هيٺين ڪتبي مان ملي ٿي، اهو ڪتبو سندس مزار تي لڳل هو. تازو مزارن ۽ درگاهه جي نئين سر تعمير سبب اهو ڪتبو اتان هٽايو ويو آهي.

آن عشق مجسم علي اڪبر شاهه
از حضرت جان شاهه آن نور الله
محسن چو رفت برون آسوده نفس مطئمن (6)
26 شوال 1341هه

اولاد:

سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي پهرين شادي سيد مير قلندر علي شاهه ولد سيد مير نور حسين شاهه جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس چار فرزند تولد ٿيا. سيد غلام شبير شاهه، سيد غوث بخش شاهه، سيد شاهه بخش شاهه عرف سيد جان الله شاهه چوٿون ۽ سيد شير علي شاهه. انهن مان سيد غلام شبير شاهه ۽ سيد غوث بخش شاهه صغير سن فوت ٿي ويا. (7)

سيد علي اڪبر شاهه ثاني ٻي شادي سيد امام بخش شاهه جي نياڻيءَ سان ڪئي جنهن مان کيس اولاد نه ٿي.

سيد علي اڪبر شاهه ثانيءَ کان پوءِ سندس فرزند سيد جان الله شاهه چهارم گاديءَ تي ويٺو.

حوالا:

1. تذڪره شعراء سکر (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) مطبوعا ـ 1965ع
2. مضمون سنڌ جي تاريخ جا ماخذ (قريشي حامد علي خانائي) مطبوعا مهراڻ ڄامشورو 1990ع
3. مضمون سنڌ جي تاريخ جا ماخذ (قريشي حامد علي خانائي) مطبوعا مهراڻ ڄامشورو 1990ع
4. مضمون سنڌ جي تاريخ جا ماخذ (قريشي حامد علي خانائي) مطبوعا مهراڻ ڄامشورو 1990ع
5. احوال: سيد علي اڪبر شاهه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا
6. احوال: سيد علي اڪبر شاهه ثاني (قلمي سنڌي) قاضي علي رضا
7. شجره سادات رضوي/نقوي بکر (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو ڪلام

(ڪافيون) تخلص "ساقي"

راڳ هنس

منهنجو من موهن ڏاڍو موهيو آ
ڪرم ڪري اچي ڏيو تہ ورائي

1. بار برهہ جو برسر آيو سر تي ويو تہ سهائي.
2. رڳ رڳ اندر رمز رلايو روح ۾ ويو تہ رهائي.
3. بوند برهہ جي رسڻ راڳي، جيءَ ۾ ويو تہ جُڪائي.
4. هن ساقي تي رحم جو ڪيڙو دلڙي مرشد توڪي چاهي.

راڳ جوڳ

مون کي محب مليو منٺار جنهن دل موهي

1. ڳليان ڍونڊي يار لڌوسين، ستگر جي آڌار.
2. لا اِلہ جو سبق پڙهيوسين، الا الله ۾ ٿيو اسرار.
3. جنهن جي ڪارڻ هيس ديواني، سو محب مليو دلدار.
4. ساقي توسان حامي ٿيندو مرشد منصبدار.

راڳ جهنگلو

تنهنجي برهہ لائي بيراني الا
تون تہ ڪرم ڪري اچ جاني الا

1. هر صورت ۾ تون آهين سهڻو سڀ صورت ۾ تون من موهڻو
يوسف ناهي تو ثاني الا.
2. عشق تنهنجي اچي دونهون دکايو روز ميثاق کان ٿيو اهو رايو
جيءَ جلي ٿيو فاني الا

Scanned by CamScanner

3. ساعت ساعت توکي ساريون، دم دم وينا راھہ نهاريون
هر هر تنهنجي حيراني الا.

4. هن ساقيءَ سان ڪرم ڪيائين، جام صراحي دست ڏنائين
مرشد ڪئي مهرباني الا.

ڪافيون: تخلص "بي تسڪين"

راڳ سورٺ

پسي شاھہ حسن جو شان، عقل حيران لڳي

1. بي نيازين تنهنجي موهيو ڪيو اٿن مستان، برھہ بيران لڳي
2. ساقي جام ڪوثر جو ڏيندو مولا ٿي مهربان، ڪرم احسان لڳي
3. بي تسڪين جي جندڙي آهي، تنهين تون قربان، جنهين جي تان لڳي

پهاڙي

جيڪا سورن تنهنجي منجهہ ٿي سڙي
تنهن کي ڏي دلاسو مهر ڪري

1. ڏکيا ڏينهن لنگهن ٿا توري، تو ٻاجهون دل ڪين ٺري
2. ڦريون ناتو نيهن جو لاتو پوءِ ڪيو پنهنجو پاڻ پري
3. بي تسڪين سوالي تنهنجو راتيان ڏيهان وينو رڙي

تخلص: فائق

سورٺ

تن ديدن جي دستور ڪيو مخمور اسان

1. چاھہ سڄڻ جي چت کي چوري، سوري ڏنا هن سور
نسنگ ناسور اسان

2. رمز رهاڻيون چٽڪن جيءَ ۾، پور پون پرپور
مارن مذڪور اسان

Scanned by CamScanner

3. چشمن چالا پروئن پالا، گهاوَ هٽڙ منجهه گهور ڪرن چڪچور اسان.
4. فائق فرق فراق جا پيڙا، اهڙا ڪرين چو ڪلور مَچڏ مهجور اسان.

❋

تنهن ڏاگهن سندا ڏس الا، روزئون روز پچائيان.

1. گهوري گهڙيءَ ۾ چوري چڏي وئين، ڪانهي جيئڻ جي ڪا چس الا ويئي وقت نيائيان.
2. ڏيئي ڏولائو نيڻ پيرو ڪيئي، وسري ويا سيئي رس الا پيئي پور پچائيان.
3. اگر غم جاني وي دم دم دل تي، وسي ڪن وڏا وس الا سورن سات سمائيان.
4. فائق فڪرني وي دائم تنهنجو ڳولي ڳوليون ڳليون گس الا منجهس هار بنائيان.

غزل

محب منتار محبت سان گرفتار ڪيئي
يا وجهي تار گره دار مون ناچار ڪيئي.

در در هائي نہ سندءِ سرد دلين
گرم سان ڪرم جي انعام جو اقرار ڪيئي.

درد جو داد آ تنهن کي آهي جنهين تنهنجو قدر
بيقدر يار سان چو درد جو اظهار ڪيئي.

خم بخم زلف وڏا ڪلف ڪڙا ڳولي ڳچي
نانگ جي سانگ هئي برهہ جو بيمار ڪيئي.

ڪبڪ رفتار چوان يا ڪِ روشن هار چوان
جنهن عجب ڪوڙ پريءَ لوڙ سان مسمار ڪيئي

ناز جي باز جو نخچير پکي دل جو ڪرين
اي ستمگار چو اهڙو ستم اختيار ڪيئي

فرق فائق سان رکيئي فوق جو آفاق چڙهي
دور فانيءَ تي نہ ڪجهہ غور جو ويچار ڪيئي

تخلص لالا
مثنوي اردو در مدح حضرت مرشد

پلادے ساقیا ایک جام احمر، جو کھل جاوے زبان در وصف رہبر
اگر تعریف اس کی کہہ سناؤں، کلک جنگل فلک کاغذ بناؤں
کہوں کیا میں ثنا اس لالور کی، میں کیا ہوں عقل ہے میری کدہر کی
ہوا در دو جہاں نام اس کا مشہور، مثل تابندہ شمس و قمر و النور
کہوں تو صیف کیا شاہ شاہاں، جو ہی ہے خالق ارض آسماں کا
ملک جن و پری در زیر اسکی، مکاں تا لامکاں مخلوق اوس کی
ہے محرم راز وہ علم لدن کا، ہوا اس پر ختم سرکن فکن کا
آیا اس پر اسی کے تاج شاہی، ملا منصب اُسی کا شاہنشاہی
کیا شہہ عشق نے گھر اس کا آباد، کیا خیمہ وہاں جا اپنا استاد
کہاں تک ہو اس شہہ کی تعریف، اسی شاہنشاہ والا کی توصیف
یہ لالا ادنیٰ بندہ اس کے در کا، نہ ہی لائق اسی کے بندہ زر کا

Scanned by CamScanner

غزل

اس کو کہوں جو رکھتا ہو افسان نئے نئے
دلبر جو مجھکو دے گیا ارماں نئے نئے

افسوس ہے مجھے جو نہ دلبر نے پوچھا حال
جس کیلئے دکھے ہیں ہجران نئے نئے

بیمار میں، تڑپتا ہوں کوئی نہیں مسیح
گرہین جہاں میں کتنِ درماں نئے نئے

گردش فلک نے کر دیا ہے دربدر مجھے
کیا کیا رکھائے صحن بیاباں نئے نئے

لالا کی جان قربان اسی شمع روی پر
گرہیں ہزار لاکھ شمعداں نئے نئے

❁

بلبلوں نے قرار چھوڑ دیا
جب گلوں نے بہار چھوڑ دیا

وہ پری جب خرام کرنے لگے
مُردوں نے بھی مزار چھوڑ دیا

چاہ میں زلف پریشاں کی تیرے
ہم نے اپنا دیار چھوڑ دیا

کہنے پر اس رقیب بد دل کے
یار نے ہم سے پیار چھوڑ دیا

کب گرفتار ہو دل آزاد
جب تو نے سینگار چھوڑ دیا

❁

Scanned by CamScanner

میرا گھر کہاں انکے آنے کے قابل
بلاؤں میں ہون گر بُلانے کے قابل

کہا دل کا سودا کروگی تو بولی
چلو تم نہیں دل لگانے کے قابل

ہم اپنے رنج و غم کی داستانیں
سنائیں اگر ہوں سنانے کے قابل

نہ مانو تو کیوں کر مناؤں میں تجھکو
نہیں ہو جو تیرے منانے کے قابل

رکھوں کا میں دامن کو تر تیرے غم میں
رلاؤ جو سمجھو رُلانے کے قابل

میرے حال پر کچھ تو کھا ترس ظالم
میں ہوں کیا فقط دل دکھانے کے قابل

مٹا جاتا ہے تیری فرقت میں فائق
ہاں شیدا تیرا ہوں مٹانے کے قابل

❊

دور سے آیا ہوں ساقی سنکے مئخانے کو آج
کیا فقط محفل میں ہی ٹھہرا ترسانے کو آج

یا شہنشاہ نجف تیرے سخا کی دھوم ہے
جام مئے کوثر پلادو تا اٹھوں جانے کو آج

ساقی کوثر شہا مئخانہ میں اس دور سے
اس لئے آیا تھا کیا خالی چلے جانے کو آج

منتظر میں بھی کھڑا ہوں کچھ توجہ ہو اگر
بندہ ہوں عاصی ولی آیا ہوں بخشانِ کو آج

یا علی المرتضیٰ شیر خدا مشکل کُشا
در پہ تیرے لاکھوں آئے مدعا پانے کو آج

ہر سوالی در گہہ عالی سے ہو جاتا ہے سیر
خم مئے کوثر عطا ہو اپنے مستانے کو آج

تب ادا فائق سے ہو آقا کی تعریف و ثنا
خود خدا یا مصطفیٰ جب آئیں سمجھانے کو آج

❊

دلبرا شام و سحر یاد تو ام حیران کرو
خواب و خور محو تقاضہ لقا ہجران کرو

الفت کا گُل مشکین تو بیجرم و خطا
درشب تار اسیرم بہ سیہ زندان کرو

آ ہواز رشک سیۂ چشم تو ای حور مثل
شد بہ ویرانہ وطن دور ز شہرستان کرو

گفتن ای یار برین زاری من رحمت نیست
گفت این شور فغان تو مراخندان کرو

آرزو کرو من ز آن لب لعلش بوسہ
دار حسرت بہ گل ولہ الہ دلش سوز ان کرو

Scanned by CamScanner

سيد محب علي شاهہ بيوس

سنڌ جي برک مؤرخ پير حسام الدين شاهہ راشدي، روهڙيءَ جي رند شاعر ۽ عالم فقير قادر بخش بيدل جي سوانح عمريءَ ۾ هڪ هنڌ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي تہ 'فقير بيدل کي هڪ فرزند فقير بيڪس هيو جو وڏو شاعر بڻيو ۽ پيءُ جيان مجازي مام ۾ وڏو عاشق بڻيو هن شادي تہ ضرور ڪئي پر افسوس جو بيڪس مان وري 'بيوس' پيدا ڪونہ ٿيو.'(1) پير صاحب جي اِها ڳالهہ درست آهي تہ بيدل ۽ بيڪس جي خاندان مان ڪو 'بيوس' پيدا ڪونہ ٿيو پر پير صاحب کي شايد اها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ انهيءَ ئي دور ۾ روهڙي شهر ۾ بيدل ۽ بيڪس جي شاعريءَ جي اثر سان ئي 'بيوس' پيدا ٿي چڪو هيو ۽ اهو بہ بيدل ۽ بيڪس جي پير مغان سيد مير جان الله شاهہ رضوي جي خاندان مان، جيڪو اڳتي هلي سيد محب علي شاهہ بيوس جي نالي سان مشهور ٿيو.

سيد محب علي شاهہ 'بيوس'، جانشاهي خاندان جو چشم و چراغ هيو سندس والد جو نالو سيد احمد شاهہ رضوي هيو. پاڻ سيد علي اڪبر شاهہ اول جو پوٽو جانشاهي خاندان جي ناميارن شاعرن مان سيد جان الله شاهہ ثالث جو پاٽيو ۽ سيد علي اڪبر شاهہ ثانيءَ جو سڳو سؤٽ هيو.

سيد محب علي شاهہ 'بيوس'، جانشاهي خاندان ۾ هڪ انوکي ۽ يگاني شخصيت جو مالڪ هيو. پاڻ عالم، فاضل هئڻ سان گڏ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو باڪمال شاعر هيو. تنهن کانسواءِ سيد محب علي شاهہ بيوس، ڪلاسيڪل راڳ جو وڏو ماهر، ڄاڻو ۽ قدردان پڻ هيو. هو پاڻ بہ وڏو ڪلاسيڪل راڳي هيو ۽ پاڻ 'ستار' جهڙي ڏکئي ساز تي ڳائيندو هيو. کيس ستار وڄائڻ تي مڪمل عبور حاصل هيو.

سنڌيءَ جي مختلف ڪتابن يا تذڪرن ۾ ڪٿي بہ سيد محب علي شاهہ بيوس جو ڪو مفصل احوال ملي نہ سگهيو آهي. البت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي تاليف 'ڪافيون' ۾ 'بيوس رضوي سيد' جي عنوان

Scanned by CamScanner

هيٺ هن شاعر جون پنج ڪافيون ۽ سندس مختصر احوال ڏنو آهي جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو:

"بيوس رضوي سيد هيو شايد نصرپور جي رضوي ساداتن يا روهڙيءَ جي رضوي ساداتن مان هيو سندس ويهه پنجويهه ڪلام نظر مان گذريا آهن، جن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ 'بيوس' سنو شاعر هيو. ڪن ڪافين ۾ 'نوراللہ' ۽ 'نصير' جو نالو آندو اٿس، جنهن مان اهڙو گمان بہ نڪري ٿو تہ شايد هو شاهہ نصير (نوشهروفيروز) جو معتقد هيو. 25_1922ع ڌاري يا ان کان اڳ تي گذريو آهي." (2)

سيد محب علي شاهہ 'بيوس' عربي، فارسي جو ڄاڻو هئڻ سان گڏ هڪ باڪمال شاعر پڻ هيو. سندس شاعريءَ مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ تصوف جي رمزن، اشارن، اصطلاحن کان پڻ واقف هيو. سندس شاعري پڪي، پختي ۽ موسيقيءَ سان ڀرپور آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ هڪ علمي ۽ ادبي خاندان جو چشم چراغ هيو.

سيد محب علي شاهہ 'بيوس' جي شاعريءَ ۽ شخصيت تي سندس ويجهي دور ۾ گذريل، سندس ئي خاندان جي فڪري سلسلي جي شاعرن بيدل ۽ بيڪس جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو وڏو اثر آهي.

موسوي سيد عبدالحسين شاهہ پنهنجي تاليف 'ديوان بيدل' ۾ لکيو آهي تہ:

"سندس (بيدل جي) شاعريءَ جو اهو اثر ٿيو جو روهڙي ۾ چڱا چڱا شاعر پيدا ٿيا جهڙوڪ سيد نوابشاهہ، سيد محب علي شاهہ، فقير علي بخش وغيره." (3)

سيد محب علي شاهہ بيوس خود پنهنجي شاعريءَ ۾ فقير بيدل ۽ فقير بيڪس جو ذڪر ڪيو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي تہ بيوس، بيدل ۽ بيڪس کان گهڻو متاثر هيو جيئن چوي ٿو:

بيوس بلڪل بيدل بيڪس، ڇُن ڇپر ۾ ڇڏج نہ بيوس
آءُ ٻانهي تون سردار تن لڳا نت تنهنجي تاري
تنهن ڏولڻ جو ديدار جيسين پسان تيسين موت نہ ماريہ

سنڌي اساسي شاعريءَ جي حوالي سان فني اعتبار کان سيد محب علي شاهه بيوس جي اها ڪافي ڏاڍي خوبصورت آهي. انهيءَ ڪافيءَ ۾ سيد محب علي شاهه بيوس پنهنجو تخلص به پيرا استعمال ڪيو آهي ۽ تخلص جي هٿي تڪرار سان شعر ۾ موسيقيت پيدا ٿئي ٿي. ٻي پاسي انهيءَ ڪافيءَ ۾ هٿو قافيو پڻ استعمال ٿيل آهي.

سيد محب علي شاهه بيوس جي شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جي انهيءَ امتزاج جو سبب اهو آهي ته پاڻ موسيقيءَ جو وڏو ماهر هيو ۽ پاڻ ڳائيندو هيو. 'بيوس' کي راڳ جو ايترو شوق هيو جو هو ڪلاسيڪل راڳ کي باقاعده سکڻ جي لاءِ روهڙيءَ کان بمبئيءَ تائين ويو هو جتي پورا پندرهن سال اتان جي ڪلاسيڪل راڳين کان باقاعده راڳ جي تربيت حاصل ڪيائين. چوڻ ۾ اچي ٿو ته سندس آواز ايترو ته مٺو ۽ سوز ڀريو هيو ۽ ان ۾ ايترو اثر هيو جو پاڻ جڏهن 'ملهار' راڳ ڳائيندا هئا تڏهن مينهن وسڻ پوندو هيو. ٻي پاسي پاڻ پنهنجي طبيعت ۾ ايترو ته خوددار هيو جو هڪ دفعي سندس اڪيلو فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪنهن ڪيس ۾ جيل اندر ويو جنهن سبب سيد محب علي شاهه ڏاڍو پريشان رهڻ لڳو ۽ ان وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر سان پنهنجي فرزند جي آزاديءَ لاءِ وڃي مليو. ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کيس چيو ته ٻڌو آهي ته اوهان وڏا ڪلاسيڪل راڳي آهيو مون کي راڳ ٻڌايو ته مان اوهان جي فرزند کي آزاد ڪرايان. سيد محب علي شاهه 'بيوس' کي ان ڳالهه تي ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائين ته "سائين منهنجو راڳ سان عشق آهي، مان ڪنهن جي به حڪم تي نه ڳائيندو آهيان ۽ جڏهن دل چوندي آهي تڏهن ڳائيندو آهيان." اهو چئي پاڻ واپس هليا ويا. (4)

سيد محب علي شاهه 'بيوس' جي ڏينهن ۾ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جو گادي نشين سيد علي اڪبر شاهه ثاني هيو جيڪو سندس سڱو سؤٽ هيو. هنن ٻنهي سؤٽن جون پاڻ ۾ علمي، ادبي، فني ڪچهريون ٿينديون هيون. سيد علي اڪبر شاهه ثاني کي به محب علي شاهه بيوس جي ڪري راڳ جو شوق پيدا ٿيو جنهن پڻ سيد محب علي شاهه بيوس کان ڪلاسيڪل راڳ جي تربيت حاصل ڪئي، جنهن جو ذڪر اسان هن کان اڳ ڪري چڪا آهيون.

Scanned by CamScanner

وصال:

سيد محب علي شاهه بيوس جي پنهنجي سؤٽ سيد علي اڪبر شاهه ثانيءَ سان بيحد عقيدت مندي ۽ ويجهڙائپ هئي. سيد علي اڪبر شاهه ثاني 1923ع ۾ جڏهن وفات ڪئي ته ان واقعي جو سيد محب علي ساهه بيوس تي وڏو اثر ٿيو ۽ کيس دلي صدمو رسيو اهو ئي سبب آهي جو سيد محب علي شاهه بيوس، سيد علي اڪبر شاهه ثاني جي وفات کان پوءِ جلد سن 1927ع ۾ وفات ڪري ويو. ان وقت سيد محب علي شاهه بيوس جي عمر اٽڪل سٺ (60) سال هئي.

اولاد:

سيد محب علي شاهه بيوس ولد سيد احمد شاهه رضوي جي شادي روهڙي شهر جي پير بخش مغل جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس هڪ فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهه تولد ٿيو. سيد محب علي شاهه جو اهو اڪيلو فرزند لاولد فوت ٿي ويو.(5)

حوالا:

2. 'ڪافيون' مؤلف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
3. 'ديوان بيدل' مؤلف عبدالحسين شاهه موسوي
4. راوي ڊاڪٽر جان علي شاهه رضوي
5. شجره سادات نقوي/رضوي بکر (قلمي فارسي)

Scanned by CamScanner

سيد محب علي شاهہ بيوس جي ڪلام جو نمونو

دلدار جي ديدار تئون صدقي وڃان سؤ وار
ڏنائين ناز مئون نروار ڪليو گلشن گلزار.

ڪيائين هار ۽ سينگار واسينگ سندن وار
جنسار جلويدار جا بي انت خريدار.

تڪي ناز جي تلوار ڏري دست نيون خونخوار
عشاق بيقرار گهايائين گهوٽ ڪي هزار.

'ارني ارني' جي پڪار موسيٰ ڪئي هربار
سندس نور جي جهلڪار سان ٿيو طور انڌوڪار.

'بيوس' ڪي آڌار منجهہ دلدل هسوار
عطا عشق جو آزار ڪريو سيد الابرار.

❊

تو ڏولڻ جو ديدار جيسين پسان تيسين موت نہ ماري

درد وڇوڙي ڪئي دل ماندي، هيڙس نہ ٿيڙس هوت هيڪاندي
عشق جو لڳو آزار ڳٽني اندر ڪي اها نت ڳاري

آءُ اياڻي نيهن نہ ڄاڻان، محب نہ ڪر تون مُئيءَ سان ماڻان
تو ٻاجهؤن تڪرار روز هنجون نت حب ۾ هاري

آءُ الله لڳ يار پيارا، تون گهاريان ڏکڙا ڏهاڙا
برهہ ڪيس بيمار ساهہ سيد منهنجو سدا توکي ساري

بيوس بلڪل بيدل بيڪس، ڇن ڇپر ۾ ڇڏج نہ بيوس
آءُ ٻانهي تون سردار تن لڳا نت تنهنجي تاري

❊

Scanned by CamScanner

مُک نہ ڇپايا ڪر وي، يار صبح شام

سگهڙا آوين ڦيرا پاوين، تيڏڙي تانگهہ تمام
ايوين نہ ايذايا ڪروي

نال عشاقاندي ڪريندائين ماٽي، مشڪل تيڏڙي مام
سانون سمجهايا ڪروي

فوج حسن دي بلڪل باري، تيڏا سخت حڪام
ايوين نہ الايا ڪروي

دام زلف دي گهتيئي ڏاڍي، ڪس ڳڏئي آرام
مينون نہ منجهايا ڪروي

نور الله سائين آوين ساڏي ويڙهي، ڪرين سو عنايت عام
بيوس نون بلايا ڪروي

❊

مرڪ اسان جو ميٽون موٽ، جهر جهنگ جهانگي ٻڌن نہ ڳوٺ

قوت اسان جو ڪرنگهہ ڪلوڙين، سايون سبز ٿوهن ولڙيون
پٽ جا ميها متيرا سوٽ

ڏُت جا شائق ڏوتي اباڻا، ڪائن لَس لُلر سي راڻا
ويهن واري تي الله جي اوٽ

آڏي اُناڻن اُنن ڳنواريون، پوئين رات پٽ پنهواريون
حق هو جي هونگر چڙهن چوٽ

عمر انهن سان روز ۾ راتيون، ويڙهي تن وسان پايون جهاتيون
قرب تنين جا ڪوڙين ڪوٽ.

بيوس بيشڪ جاٽي نصير، نيٽين وهايان تن لئہ نير
ڪيت بنان نہ منهنجو گهوٽ.

❊

Scanned by CamScanner

ڏيان اکين ۾ توکي جاءِ، پير پرين پاءِ
آءُ مٺا عينن جي اوتاري

اکين سان اکيون وتن رمزان رکيون، سُمهن ساڻ نہ سهاءِ
گهايل نہ گهاءِ ڏيان توکي پنڻن پلنگ پٿاري

رمزارن رلايون روز اول ڪئون، سڪان سجڻ تنهنجي ساءِ
وري واجهاءِ، هجر هنجون آب ويٺي هي هاري

’فاذڪروني اذڪرڪم‘ تہ اتوءِ، صبح تان سخن سندا،
دليون دل لاءِ، لڙهہ تہ لڳيس آءُ تنهنجي لاري

بيوس جو وس چاهي اڳيون تنهنجي، ڳُڻن پريا تون ڳل لاءِ
پيچ پرت پاءِ، ويهہ نہ ولهي ڪي يار وساري

✻

سيد جان الله شاھہ چھارم

سيد جان الله شاھہ رضوي چھارم عرف سيد جھاندار شاھہ سيد علي اڪبر شاھہ رضوي ثانيءَ جو وڏو فرزند ھيو. سيد جان الله شاھہ چھارم سن 1897ع ۾ تولد ٿيو. پاڻ پنھنجي والد بزرگوار سيد علي اڪبر شاھہ ثاني جي وفات (1923ع) کان پوءِ درگاھہ مير جان الله شاھہ رضويءَ جو گادي نشين ٿيو. سيد جان الله شاھہ چھارم جي والد صاحب سيد علي اڪبر شاھہ رضوي ثاني جا جيئن تہ ڪيترائي ھندو عامل ۽ اڪابر مريد ھئا، ان ڪري سيد جان الله شاھہ چھارم کي سيد علي اڪبر شاھہ ثانيءَ جا مريد ديوان گلراج مل ۽ ديوان نرملداس کيس بھتر تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪراچي وٺي ويا، جتي پاڻ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ پڙھيا. پر ميٽرڪ جو امتحان ڏئي نہ سگھيا ۽ واپس موٽي آيا.

سيد جان الله شاھہ چھارم پڻ فقيري خيال ۽ طبيعت جو مالڪ ھيو ۽ گھڻو وقت درگاھہ جي سارسنڀال ۾ گذاريائين. سيد جان الله شاھہ چھارم چار شاديون ڪيون پھرين خيرپور جي سيد امام علي شاھہ جي نياڻيءَ سان، جنھن مان کيس ھڪ فرزند سيد علي اڪبر شاھہ ثالث عرف مريد حسين شاھہ تولد ٿيو ٻي گھر مان کيس ٻہ فرزند سيد احمد علي شاھہ ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاھہ تولد ٿيا. ٽئين گھر مان کيس ٻہ نياڻيون تولد ٿيون ۽ چوٿين گھر مان کيس ھڪ نياڻي تولد ٿي. سيد جان الله شاھہ رضوي چھارم تاريخ 14 جنوري 1967ع تي وفات ڪري ويو. کيس پنھنجي والد بزرگوار سيد علي اڪبر شاھہ ثانيءَ جي پھلو ۾ دفن ڪيو ويو. سيد جان الله شاھہ رضوي چھارم جو فرزند سيد احمد علي شاھہ سن 1399ھہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس ٻيو فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاھہ سن 1405ھہ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وڏو فرزند سيد علي اڪبر شاھہ ثالث عرف سيد مريد حسين شاھہ حالت حيات آھي ۽ ھن وقت درگاھہ مير جان الله شاھہ جو گادي نشين آھي.

Scanned by CamScanner

سيد علي اڪبر شاهه ثالث

عرف

سيد مريد حسين شاهه رضوي

سيد جان الله شاهه رضوي چهارم جو فرزند ۽ سيد علي اڪبر شاهه رضوي ثانيءَ جو پوٽو سيد علي اڪبر شاهه ثالث عرف سيد مريد حسين شاهه رضوي، حال حيات آهي[22] ۽ درگاهه سيد مير جان الله شاهه رضويءَ جو موجوده گادي نشين آهي. سيد علي اڪبر شاهه ثالث عرف سيد مريد حسين شاهه رضوي سن 1929ع ۾ تولد ٿيو پاڻ ٽن ڀائرن ۾ سڀني کان وڏا آهن. سيد مريد حسين شاهه رضوي شروعاتي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪئي ۽ سن 1947_48ع ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون، ان بعد ملازمت اختيار ڪيائون ۽ سيشن جج جا سرشتيدار مقرر ٿيا، جتان 1954_55ع ۾ استعيفيٰ ڏنائون ۽ باقي زندگي سماجي ڪمن ۽ زميداري ۾ صرف ڪرڻ لڳا آهن. سيد مريد حسين شاهه رضوي سياست ۾ ڀ حصو ورتو ۽ 1969ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري 1970ع جي عام ملڪي چونڊن ۾ روهڙي شهر مان سنڌ اسيمبلي جي اميدوار طور حصو پڻ ورتو. ان دؤر ۾ سندس اوطاق شهر جو سياسي مرڪز هئي، هن وقت سيد مريد حسين شاهه رضوي سماجي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندڙ آهي، کيس شعر و شاعريءَ ۽ راڳ وئراڳ جو ٻڌڻ جي حد تائين ڏاڍو شوق آهي. ’تذڪره جانشاهي‘ ڪتاب جي سلسلي ۾ راقم الحروف جو وٽس ڪافي ڀيرا وڃڻ ٿيو پاڻ ڏاڍا ملنسار خوش اخلاق ۽ فقير طبيعت جا مالڪ آهن. سيد مريد حسين شاهه رضوي پنهنجي چاچي سيد شير علي شاهه رضوي جي نياڻيءَ سان 1950ع ۾ شادي ڪئي، جنهن مان کيس ٻه فرزند سيد جواد حسين شاهه ۽ سيد هاشم رضا آهن.

---

[22] سيد مُريد حُسين شاهه رضوي تاريخ 5 جولاءِ 2005ع تي وفات ڪري ويا آهن.

Scanned by CamScanner

ضميمو 1

سد مير جان الله شاهہ ’عاشق‘ جو اضافي ڪلام

ڪافيون
تلنگ

ڪر ڪا مهر محب ملڻ جي لهجانءِ سُڌ سماءِ.

آڏيءَ رات اُٿي ويندين اوڏهن، ونجهلي دا پرلاءِ.
وري آءُ رانجهن سائين.

جهنگ چير وڃي لنگهہ سير سدا، تي ماهيءَ سان پرچاءِ.
وري آءُ رانجهن سائين.

ڪيڙي پيڙي سان مول نہ ويندس، ناحق ڪيو اٽڪاءِ.
وري آءُ رانجهن سائين.

جانشاهہ عاشق ڪي عشق ڏيکاريو برهي وارو لڪاءِ.
وري آءُ رانجهن سائين.

❊

ڪڙ ڪا بات وصل وصال جي، توڪي ساري ساهہ،
وري آءُ سانول سائين.

رمز رلائي وئين منڙو ڦاسائي، اسان جي سڪ صلاح،
وري آءُ سانول سائين.

معافي ٿيڙو قيد وارن تان، جاڻي شاهنشاهہ،
وري آءُ سانول سائين.

چوڏهين طبقين وچ تنهنجو ثاني، آهي جوشئون جل الله،
وري آءُ سانول سائين.

الانسان تي ظاهر آيو جڳ ۾، آهي پاڻ الله،
وري آءُ سانول سائين.

Scanned by CamScanner

ڪاڪ ڪو ماڻي ويل وهاڻي، حامي تڄ همراھ،
وري آءُ سانول سائين.

جانشاھ عاشق ڪي عشق ڏنائون، جا وٽي سا واھ،
وري آءُ سانول سائين.

❊

جو دم آءُ هت هوندس الا، ڪين ڇڏيندس خيال پُنهل جو.

اٿڻ ويهڻ وري آهي سورن جو، ملڻ ٻاجهون نه رهندس الا.

ڇو ٿيون جهليو جيڏيون مُئيءَ ڪي سرتيون، وندر ۾ ٿي مرندس الا.

ڪيچ ڏٺي اڇي ڪرم ڪريم ڪندا، هاڙهي ۾ وجي ملندس الا.

پُنهل ٻاجهون وي پنيور ۾ الا، هرگز آءُ نه ٽڪندس الا.

جانشاھ عاشق هٿئون هوتن جي، پيالو پريت جو پيئدنس الا.

❊

ويکو حسن سچي سرور دا، جنهن دا ازل ڪنون آهيان بردا.

قاضي مُلان رلمل آون، رمز رندان دي مول نه پاون.
توڙي لکين نماز پڙهاون، جٿان پهچ نهين هر هر دا.

صوفي نيزي سر چڙهاون، سهسين ويلي سيس ڪٽاون
پهچي سر نهاني پاون، ويکن سير بيرنگي بحر دا.

ويکڻ سيتي جان جلاون، برهين بسمي نت نت لاون
دل وچ دونهان درد دکاون، ٿيون محرم راز فخر دا

جانشاھ عاشق چوڙ تون سانگي، اڇي لنگھ پرين دي لانگهي،
دلڙي ڪاڻ ماهي دي تانگهي، مين مشتاق انهين دلبر دا.

❊

آسا

واھ گُرو گيت ڳايون، وينا روح ۾ رام ريجهايون.

گهٽ گهٽ دي وچ يار بيرنگي، محبت مچ مچايون.

Scanned by CamScanner

دم دم سان دم اناالحق دا، دونهان درد ڏکايون.
بحر بيرنگي دي وچ گُم هيوسي، بيخودي رنگ لايون.
جانشاهہ عاشق يار اساڏا، جت ويکيون تِت پايون.

پيروي

واري لڳيان دا پيندا دور، جنهان وت لڳيان سيئي ول ڄاڻن.
محبت دا مذڪور.
طعني تهمت سڀ لوڪاندي، سي سانون منظور.
محبت دا مذڪور.
جنت دوزخ مول نہ پاون، ڪيا وت حور قصور.
محبت دا مذڪور.
بار برهہ دا سر تي آيا، ڪيا ڪرون مذڪور.
محبت دا مذڪور.
هڪواري مڙ پال اسانون، تان جڳ ٿيوان مشهور.
محبت دا مذڪور.
جانشاهہ عشق دي اها نشاني، ٿي سُولي تي منصور.
محبت دا مذڪور.

بلاول

آتش عشق دي پڙڪي لڳي، تن من اندر تلخي لڳي.
باهہ برهہ دي آءِ مچ مچايا، دردمندن اُتي دُود ڏکايا،
رهبر تج هيءَ آهہ تڪي.
رمز مارن جي آهہ رنگ رچايا، رنگپور دي وچ ناچ نچايا،
ممتا موهہ ڪون آهہ پڳي.
هجر تساڏي ڪئي آهہ ديواني، ڪرم ڪري تون آ مل جاني،
قيد ڪوڙن ڪون ڄاڻ پڳي.
درد وندن جي سر وڳا نغارا، جانشاهہ عاشق آءِ ماريا نعرا،
چاڪ ڏُکيءَ جا پيڙا چُڪي.

Scanned by CamScanner

ڏناسري

عشق وارن جي بات سرتيون، ڪانہ ٻڌي سين ڪاٿهين.

ممتا موهہ جو موهہ ڇڏيائون، اوديا اوندهہ جي ڳنڍ ڇوڙيائون،
ڏسي منهن مهتاب سرتيون.

من موهن ۾ رام ڏسن ٿا، دل جي اندر دوست پسن ٿا،
لنگهي ويا ذات صفات سرتيون.

ميخاني وچ مست ملنگان، شمع شرابان تي پون پتنگان،
نفي ڪيائون اثبات سرتيون.

راتيان ڏينهان ريت رئڻ جي، جانشاهہ عاشق ڪي محب ملڻ جي،
برهہ وسي برسات سرتيون.

بسنت

نت بسنت ويکڻ آيا، وہ وا گل قل قل هزاري دا.

گل قل ڦُولا هر گل کولا، کُليا بسنت بهاري دا.

نوين نوين رُت آئي بهاران، نيڻ ٿيا نرواري دا.

رمجهمہ بوندان برسن لاڳيان، ويکو حُسن هر هر ڪاري دا.

جانشاهہ عاشق صحي سڃاتو سي، عين علي اظهاري دا.

سورٺ

ڏسي دلبر جو ديدارَ برهہ بازار لڳي.

صوفي سير سهي ڪري، ٿيو نيزي تي هسوار
برهہ بردار لڳي.

جوڳي جوان جلي ڪري، ڪيائون انحق جو للڪار
انهد تن تار لڳي.

الانسان سري انا سره، ٿي آيو اظهار حسن چوڌار لڳي.

جانشاهہ عاشق ڪي نوڪ عشق جي، هٿون جلويدار نسنگ نروار لڳي.

❋

Scanned by CamScanner

ڏسي حُسن تنهنجو دلدار همہ حيران لڳي.

ناز دلبر جي آهي نهوڙيو مرڪڻ تنهنجي منٺار همہ حيران لڳي.

ارض و سما سڀ مينا ٿيڙو ڪُلي گل ڦل جي گلڪار همہ حيران لڳي.

رنگ رنگ ديوچ بيرنگ سمايا، بجلي دا جهلڪار همہ حيران لڳي.

جانشاهہ عاشق تي عشق جو آيو وسيا ميگهہ ملهار همہ حيران لڳي.

جوڳ

مشتاقن ڪي انهي ماڻن سان اکڙيون ڪن چمڪار تڏهن ڳارن ٿيون.

روشن ٿي منهن مهتاب وڇون، درس ڏين ديدار تڏهن ڳارن ٿيون.

انهد ناد سؤ سؤ بين بجاون، جڏهن ٻڌن پٽڪار تڏهن ڳارن ٿيون.

رلمل آون رمز رَلاون، سرس ڪرن سينگار تڏهن ڳارن ٿيون.

بن بن آون سهج سماون، جوشئون جلويدار تڏهن ڳارن ٿيون.

جانشاهہ عاشق سر عشاقان، برهہ لايا گهنگهار تڏهن ڳارن ٿيون.

❊

منهنجو روح رهيو رمزن ۾ منڙو ڪين ٽڪي ماڙين ۾.

مال مارن جو منجهہ ولهڙ، شال ڏسان واڙن ۾.

ٻن ڏيان ڪاج ڪندبون تنهنجا، ڏُڏَ پيان ساڙهن ۾.

پٽ پٽيهر چا ڪندس، هُجان لوئن ڳاڙهن ۾.

مدد ڏيندا مُٺيءَ ڪي مارو شال اڇي چاڙهن ۾.

جانشاهہ عاشق لنگهي اڳي ٿيو هام پري هاڙهن ۾.

❊

چڙهي آهي نيهن جي نظاري، ڪهڙا ٿي پنڌڙا پڇائين،
فاذڪروني اذڪر ڪم ميان، عشق ماريندا هي نقاري
جانشاهه عاشق بي خود هويا، برهه ڪيتا آءِ پساري

✽

آهي موچاري مام مارن جي، ڳُهه ڇاٽان ڪهڙي ڏوهه،
ڇاڪون قيد ڪري ويا.

نال نماٽيءَ ڏاڍ ڪيائون، ڇاڪون ڏٺي اندوهه،
زوريءَ زور ڪري ويا، ڏاڍ ڏاڍايون ڏس سانگين سان.
عمر مارو ڪين ڇڏيندا، جن جي تڳان ٿي توهه،
ڪاڪيون ڪالهه ڪهي ويا، جاڙ جدايون ڏس مارن سان.
جانشاهه عاشق تون معافي ڪيڙو محب مدايون سڀ ڏوهه،
سانگي ساٿ وٺي ويا، دل دلبر سان روز رلائي ويا.

99ہر

تنهنجي درد لائي هي حيراني، تون ڪرم ڪري مل جاني.
سج چنڊ ڪان تون آهين سهڻو هر رنگ دي وچ تون من مُهڻو
ٻيو نہ ڪوئي ثاني.
عشق تساڏي وچ ٿيس ديواني، ڳليان دي وچ قران مستاني،
آوڻ دي ڪر مهرباني.
چوڏهين طبقين دا سير ڪيتوسي، عرش ڪرش ڪنون لنگهه ڳيوسي
رکي سين چال شاهاڻي.
جانشاهه عاشق ڪي عشق الاهي، دم دم وچ دم ماري خدائي،
خيال پلا انساني.

✽

Scanned by CamScanner

نيو تہ مارن ڏي مانڪي وٺي، دلڙي اسان جي ئي آهي ڪٺي.
ڀڪا مارن سان شال وڃي ڪائيندس، نہ تي وٺي هيءَ تنهنجي ٻني.
سڪ مارن جي ڇُور ڪيو آهي، رمز سانگين جي سان وئي آهي لٽي.
مدد مرشد سان ملڪ مارن جو ڏسان قيدن مون وڃي تہ ڇُٽي.
جانشاهہ عاشق ڪي سار مارن جي، شال ڏوتيئڙن سان پرهہ ڦُٽي.

❊

اڇي عشق ڏسي ڪوئي لائي ڏاڍو بار بَديون سِر چائي.
رنگ رنگ دي وچ يار بيرنگي، گهٽ گهٽ وچ سمائي.
جنهن ڪي پيڙو دام زلف جو سو پورب پنڌ پُڄائي.
جنهن ڪي لڳڙو نيهن نظر جو سو پيير پريت وچ پائي.
منصور جهڙا ڪيئي سُوليءَ تي، اڇي چوهئون يار چڙهائي.
سر صوفيءَ جو نيزي اوپر، ڳلي ڳلي ڦيرائي.
بار برهہ جا مچ ٻرن ٿا، سر بردار چڙهائي.
جانشاهہ عاشق هنيو آهي نعرو آتم سور تو ڳائي.

❊

راهون راهہ ڏسن ٿا وي يار، سنگهارن سان ماروئڙا.
پٽن پاسي چڙا چونگارن، ٻڪر پاسي ٻرن ٿاوي يار.
سنيها مٺل سانگيئڙن جا، جيءَ اندر جکن ٿا وي يار.
قيدن ڪوٽن ۾ روز گذاريان، چاڪ ڏکيءَ جا چڪن ٿا وي يار.
ڦوڳ ڦلهار ڪرڙ ڪکوريا، تن اندر ترن ٿا وي يار.
جانشاهہ عاشق ساءِ چاڪ جگر جا، قلب اندر ڳرن ٿا وي يار.

❊

Scanned by CamScanner

راڻو

سوڍل يار سياڻا، نيهن تساڏي آهہ نهوڙيو.
سڪ تساڏي چُور ڪيو آ، راهہ ڏسن ٿا نماڻا.
دردمندن جي دل ۾ نوان، نوان سُور سماڻا.
راتيان ڏيهان توکي ساريان، ماهي ڇڏ تون ماڻا.
جانشاهہ عاشق سان ڪڏهن ملندين، جوڳي جادوگر دانا.

*

رمز رانول تنهنجي راڻا، مشتاقن جي جند جان جلائي.
ڍوليا تون ڍٺ ڇڏي وئين، گل ڦل ڪاڪ ڪماڻا.
ڪرم ڪري تون موٽ پيارل، وسن مومل جا ياڻا.
وڃڻ تنهنجي درد ڏنو آ، حال عشاقان ڇاڻان.
جانشاهہ عاشق ٻاجهون پرينءَ جي، وڃن ورهيہ وهاڻا.

ڪوهياري

ڪهڙو چوان حال نذر جو نيهن ڪيو آهي نشان.
راتيون رات ڇڏي ويا، ڪاڪ ڪري ويران.
غير نہ ڄاڻج پيو ڪوئي، ڪوڙو ڪري تو گمان.
الانسان سري وانا سره، ظاهر ٿي آيو انسان.
ٻاهہ برهہ جي آهي اوکي اٽاڳي، ڏاڍو برهہ جو بيان.
جانشاهہ عاشق تي ميگهہ مهر جو محو ٿيو منجهہ محران.

*

Scanned by CamScanner

ڪرهل ڪيچ روانا، ساٿ لڏي مُئيءَ جو هوت وٺي ويا.
مشتاقن کي نا سمجهايو هو ويا هن وندر وڪاڻا.
صبح پڏائون سندرو ميان، هو ڪڏهن جو ڪالهه سڏاڻا.
جانب جت وٺي ويا ميان، ڏئي ڏکن جا اولاڻا.
عاشقن کي عشق الله جو پيا سڀ ڪوڙا بهانا.
جانشاهه عاشق کي مُحب مليو آ، وسن ٿا ويرانا.

❋

وٺي وهامي رات، ڪر ڪا محب ملڻ جي.
ساڃ سنگت جو سنگ ڪري، ڪر الاهو جي لات.
ڪانهه پڏي سين ڪاٿهين، برهه وارن جي بات.
آڌيءَ راتِ اُٿي ڪري، ڪيچ وٽن جي ڪر تات.
جانشاهه عاشق سڪ مون، سنگهي ويو ذات صفات.

❋

ڪيئن ٿيو حال مُئيءَ جو دردن ۾ هيءُ ديوان.
رهنديس ڪيچ وٽن ۾، درد ٿي آءُ دربان.
سڪ اوهان جي عشق وارن کي، ڪري وئي آ قربان.
راتيان ڏيهان دلبر ٻاجهون، دل ٿي آ پريشان.
ملڻ ٻاجهون نارهي ٿو برهه ڪيو آ بيران.
جانشاهه عاشق سڪ پرين جي، هجر ۾ آهي حيران.

❋

Scanned by CamScanner

سهڻي

ڇا چوان حال ويچاريءَ جو برهه تي بي پرواهه
گهڙي آئي گهير عشق جي، حامي ٿيندس شاهه
ماٺهن ليکي چاڪ منجهين دا، سهڻيءَ ڪارڻ الله
ڪاري رات ڪن ڪپر ڏاڍا، رهبر رکج نگاهه
ڪچي پڪي ڪانه ڏسي تي، برهه ڏيکارس اهو راهه
جانشاهه عاشق کي عشق ڏيکاريو تاب حسن سندو ماهه

تلنگ

سير ڪري موٽيو ساجن سائين، ڍڪي رنگا رنگ لباس
عرب عجم ايران ڏٺوسي، ٿيو روهڙيءَ ۾ روح راس
خيال خوديءَ جا گُم جو ٿيڙا، ڏسي پريم جو پرڪاس
وفي انفسڪم صحي ڪيائين، وهم وجودون ٿيا ناس
باهه برهه جي مچ مچايا، ڀُل ڳيا هوش حواس
ملڪ مارن جو ڏسڻ ڪارڻ، دلڙي تي آهي اداس
ملڪوت جبروت جو سير ڪيائين، ٿيو عالم صفاتي شناس
لاهوت باهوت ۾ صحي سمجهائين، آديسن اپياس
جانشاهه عاشق هليو ساڌ سنگت سان، چڙهي ارض آڪاس

*

مڌ پيئِي ديوان رهن، خمخاني وچ مستانا.

غين جو نقطا دور جو- هويا، وهم دوئي دا ڱُم جو ٿيڙا.
جام پيئون جم جانا.

درد جا جانب دود دکائن، جوڳي تي اچي جان جلائن،
شمع تي پروانا.

جام برهہ جو پري ڏنائون، رنگپور دي وچ رنگ لاتائون،
درد وچون دردانا.

لاهوت باهوت ۾ صحي سمجهائون، مدهوشيءَ جا سامان ڪيائون،
مئخاني وچ مئخانا.

جانشاهہ عاشق هليو ساڱ سنگت سان، سنگ ڪيائين وڃي سامين سان،
سوري سِر جا سامان.

ڪونسيو

اسين هت آئي هون راهہ مسافر، رمز پُنهل سان اڙايون.

رنگپور دي وچ عشق وارن سان، ڪيون هن نيهن لڙايون.

دردمندن کي عشق تساڏي، برهہ جون ڳالهيون پڙهايون.

مشتاقن کي وي آٽي ڏنيون هن، سڪ سڄڻ جي ڪڙايون.

جانشاهہ عاشق کي شوق سدائين، سر نيزي تي چڙهايون.

❁

اوهي سانگي سيبائن ٿا، پار انهن جي ڏسي روح گهري ٿو.

ملڪ مارن جو سدا وسي ٿو ڦوڳ پڪا خوش ڪائن ٿا.

برن پاسي مڙهيون بيراڳن جون، پورب پنڌ پُڇائن ٿا.

ويس انهن جو لنگ لنگوٽيا، پٽ ۾ پاڻ پڇائن ٿا.

Scanned by CamScanner

برهين بادل سر اچن ٿا، پٽن پاسي وسائن ٿا.

مَن موهن جي مُرلي وڄي ٿي، انهدبين وڄائن ٿا.

اصل اڏوتي دل دي اندر روح ۾ رام ريجهائن ٿا.

جانشاهه عاشق سدا سانگين سان، رامڪلي راڳ ڳائن ٿا.

ڪنهات

سُهڻيءَ رِيءَ تڪ ڪيو ٿري، پيو پريت بنان ڪير پري

نيهن اوهان جي هنيو آهي نعرو وسرڳيس سڀ هي جڳ سارو،

موت مثل نه ته هيءَ ٿي مري

سڪ ساهڙ جي ڇُور ڪيو آهي، پار لنگهڻ جي دل گهور ڪيو آهي،

دام زلف وچ وين قيد ڪري

جانشاهه عاشق کي سڪ ملڻ جي، ساهڙ ڏي وڃي ماڳ پسڻ جي،

ملڻ باجهون ڪيئن وري

❋

مارن سان آهي جيءَ جي جڙي، بيوس ٿي منهنجي دلڙي اڙي،

قيدن ڪوٽن ۾ ڪيئن ٽڪنديس، ظاهر باطن هڪ ٿي وينديس،

پيچ تون عُمر جا ڪلف ڪڙي

درد مارن جي جند جان جلائي، دام زلف وچ هي خوش ٿي آئي،

ڏي موڪل نه ته وينديس سڙي

تجلي تساڏي چمڪا لايا، موسيٰ بن ڪوهه طور جلايا،

بجليءَ گوند جون برس پڙي

جانشاهه عاشق کي سڪ سانگين جي مارن ڏي وڃي ماڳ ملڻ جي،

گهارڻ آيم هت ڪا گهڙي

❋

هر هر ساري ساهه منهنجي تن ماروئڙن ڪي.
ڪِي بنديائي بند مون، ويٺي نهاريان راهه.
ڪوٽ قضا قيد ڪيو آ، جا وڙن سا واهه.
راتيان ڏينهان ويٺي ساريان، سانگين جا صلاح.
جانشاهه عاشق ڪي سڪ سانگن جي، ميلو ڪندو شاهه.

✽

ميلو ڪندو الله، منهنجي تن ماروئڙن سان.
ڪالهه ڪانگل مون کي آڻ سڻائي، رمزين والي راهه.
مُلڪ مارن جو شال ڏسان مان، جنهن کي ساري ساهه.
مال مارن جو آئي ويچي چاريان، ساوا تيڙن گاهه.
جانشاهه عاشق سان رهبر ٿيندو مرشد شاهن شاهه.

وهاڻ

ڪانگ قريبن جي رڪ تون سار ساري ڪر سنڀار.

لاالہ جي تسبيح وهي ٿي، ياد پُنهل جي ۾ ديد رهي ٿي،
اچ تون جانب جلويدار.

خواب غفلت جو ڪين ڇڏي ٿو ڪال سر تي بيٺو سڏي ٿو
نيندو سو وٺي نروار.

ڪوڙا لاڳاپا ڇڏ تون لاهي، مچ محبت جي ۾ اچ تون ڪاهي،
ٿيءُ نيزي تي هسوار.

ميگهه مهر جو نت اچي ٿو جانشاهه عاشق جي سر وهي ٿو
قائم ڪيو ڪلتار.

✽

Scanned by CamScanner

سبد ستگر جي سان منڙو اُجار ڪر الله هو جي ڪار.

غين جو نقطو هاڻي ڇڏ تون، مچ محبت جي ۾ پاڻ کي گڏ تون، سگهڙو لاهه ميار.

ممتا موهه جو اٽي ڪوڙو بهانو ڏس مرشد جي سان ئي تون روانو رهه نه دم هڪ ڌار.

مرد مسافر رک خيال هلڻ جو هي جڳ فاني ناهي رهڻ جو نيندو ڌارون ڌار.

مشعل محبوب جي ظاهر ٻري ٿي، گهٽ گهٽ ۾ جلوا صاف ڏئي ٿي، آهي صاحب صورت دار.

چوراسيءَ ۾ ڪوهه تو ڀٽڪين، پنهنجو پاڻ ۾ ڪين تو پُرجهين، نائين تون نيڻ نهار.

ٻاهر پاسي ڇو تو ڦولين، دل جي اندر ڇو نه تو ڳولين، من ۾ اٿي منٺار.

جانشاهه عاشق سان راضي ٿيڙو ڪرم ڪريم اچي پاٺهي ڪيڙو برهين لائي بهار.

گوجري

کهڙي ميار آهي عُمر اوهان تي، قيد قضا ڏانهن ٿي پانيان.
سامي سفر هليا وي، پورب پنڌ پُڇايان.
پٽ پٽيهر ڇا ڪنديس، لوئي لنگي لايان.
ٻن ڏيان ڪاچ ڪنڊون تنهنجا، پڪا پنهوارن سان ڪايان.
پٽن پاسي ڇڙا چونگارن، مال مارن سان شل چاريان.
جوڳين جان جلي ڏنائون، برهه پسمي ويئي لايان.
جانشاهه عاشق کي سار مارن جي، محبت مينهن وسايان.

Scanned by CamScanner

جوڳ

اڄ تون جانب جلويدار، پيچ برهہ بيراڳڻ ڪا باتڙي
ويهہ اوراهون سيني سامهون، زلفان زنجير تنهنجون ديدان دامون،
ڦاٿي دل دلدار، ڪر وصل جي وائي واتڙي

ڏکا ڏينهن لنگهن ٿا توريءَ، جيءُ جڏو ڪيو جهجهڻ جهوريءَ،
آئي صاحب صورتدار، لڳ الله رَهہُ ڪا راتڙي

ڳهور پرين جي گهات ڪيو آهي، غم الم سڀ سات ٿيو آهي،
محب مٺا منٺار، ڪج ڪا لاهوتن جي لاتڙي

پرت وارن سان پرچ پيارا، نيهن نوازج تون نور نيارا،
او سيني جا سينگار، اچي جيءُ اندر پاءِ ڪا جهاتڙي

لا اِلہ جو سبق ڏنائون، ڏاڍا دوئيءَ جا ڇوهون ڇنائون،
عشق ڪيو اظهار، پرهہ ڦُٽيءَ پرڀاتڙي

عشق ملامت ساهہ سيباٽي، رمز عشاقان من ۾ پاٽي،
مليو مونس يار، هاٽي ناهہ ڇُٽڻ جي ڪا واتڙي

جانشاهہ عاشق جو جيءُ جياريو پيالو پريت جو پرتئون پيارو
نيهن ڪيو نروار، هاٽي برهہ وسي برساتڙي

تلنگ

جنهن ڪون لڳڙا نيهن نظر دا، سو پير پريت وچ پر دا.

جتان پير رکڻ دي جاءِ نہ ڪائي، اٿان عاشقان گهمري سدئين،
پڇي ڦرندي وطن توائي، پيا ڪون قدم اٿي ڌردا.

روز ميثاق وچ رمز ڳنڍيوني، بار برهہ سر ساڏي ڏتو ني،
قلم قدرت دا ايوين لکيو ني، موتو قبل وي مردا.

بحر بيرنگي وچ ڳم ٿيو سي، رنگ عدم داعين مليو سي،
پريم نگر دا سير ڪيتو سي، پڇي واقف هو سي ڌر دا.

جانشاهہ عاشق عشق چايوسي، بيرنگي دا رنگ لايوسي،
اٿان نيزي سر چڙهايو سي، هڻ وسدا ميگهہ مهر دا.

Scanned by CamScanner

ملهار

اپنا آپ تون آهين دلبر، جي سمجهه ويکين اهو حال ميان.
رنگپور دي وچ بادل گجندا، برهه هويا وي بحال ميان.
نظر مهر دي ڪر تون اسان تي، من اساڏا سوال ميان.
اندر ٻاهر هڪو هويا، ٻي نه چاڻ مقال ميان.
جانشاهه عاشق تي ڪرم جو هويا، نيهن ڪيتس ته نهال ميان.

ڪسوري

زلفان ڪاليان بسيهر جهڙيان، نازن سان تو مارين يار.
ديدان دي وچ ديدان اڙيان، ڳالهين سان تو ڳارين يار.
اکيان تيڏيان ٻرن مشعلان، رمز هنيون تو رلائين يار.
حُسن تيڏا ٿر ظاهر هويا، مشعل جنهن وچ ٻارين يار.
جانشاهه عاشق اڳي لنگهي ويا، تون آوين نعرا مارين يار.

❊

هو جو دل کي دام وڏو آهي دلبر، ناهي ڇنڻ ڪنهن جي ڇوڙڻ جو.
ناز حُسن جي موهه ليو آهي، دام زلف جي قيد ڪيو آهي،
ناهي ڪپڻ ڪنهن جي ڪورڻ جو.
اکيان تيڏيان ڪجلي ڪاليان، رمز مريندڀان نيهن نراليان،
ناهي تڪڻ ڪنهن جي تورڻ جو.
فوجان حُسن ديان سر پر چڙهيان، گهات ڪريندڀان جنهن نال لڙيان،
ناهي چُرڻ ڪنهن جي چورڻ جو.
جانشاهه عاشق سان رمز رلاياڻون، شاهه حسن دي نال ملاياڻون،
ناهي مڙڻ ڪنهن جي موڙڻ جو.

❊

Scanned by CamScanner

پهاڙي

نيهن تيڏي نروار يار ڏاڍا برهه بڇايا.
حُسن تنهنجي ڪيا هُل هڪارا، ماريا نوبت نيهن نقارا،
عشق ڪيو اظهار يار ڪيسا ڇُپن ڇپايان.

مثل مجنون هويان ديواني، ليليٰ ڪر ڪر قران مستاني،
آءُ اگڻ دلدار يار وينئي سور سهايان.

سڪ سانول جي ساهه سُڪايو ڪر ملڻ جو مُئيءَ سان سايو
سونهن جا سردار يار قسمت ڪي ڪر لائيان.

عشق آرانيا سر تي آيا، جانشاهه عاشق خوش تي ڇايا،
غم ڪتيا غمخوار يار محبت مينهن وسائيان.

ڪلياڻ

آيا اڄ ڪي پيام حبيبن جا، وٽ تون سلام قريبن جا.
مُلڪ مارن جو سهجون ساريان، درد فراق ۾ ڳوڙها ڳل هاريان،
ٻُڌي تہ ڪلام عجيبن جا.
ماڙي چڙهي مون روز نهاريان، سڪ سڄڻ جي ۾ جيئڙو تي ڳاريان،
اچڻ انجام طبيبن جا.
خيال خوديءَ جا گُم ٿيا سارا، وڳا نوبت نيهن نقارا،
صبح ٿيا شام غريبن جا،
جانشاهه عاشق کي عشق سوايو روز ازل کون ٿيو روح جو رايو
ڏينهن مدام نصيبن جا.

❋

پرين پاڻهي آيا يار يتيمن جا، يتيمن جا رمز رفيقن جا.
درد فراق ۾ گذريو جيڪي، ڪهڙي ڪريان آءُ نيهن جي نيڪي،
ڏاڍا رحم رحيمن جا.
لوڻءَ لوڻءَ دي وچ يار سمايو رنگپور ۾ اچي رنگيءَ رنگ لايو
اهڙا هُنر حريفن جا.
برهه جي بارش روز وسي ٿي، جانشاهه عاشق جي سر وسي ٿي،
دم دم سان وصل حبيبن جا.

عشق جهڙو منصبدار ڪونہ ڏنوسين ڪو جڳ ۾

Scanned by CamScanner

اٿي ويهي پاڻ تو الو ميان، ٻولي ٻالٽهار.
چوڏهين طبقين سير ڪرڻ لئہ، ٿي آيو مختيار.
جاتي اچي تو بيهي ؛ رهي تو ٿيوي نہ دم هڪ ڏار.
جانشاهہ عاشق آءِ پاڻ سڃاتو لاٿي سو مرد ميار.

❋

عجب جهڙو ديدار عشق ڏيکاريو اچي جڳ ۾.
نور نسورو تنهنجو آهي، نيهن ڪيو آهي نروار.
دلڙي اسان جي توکي ساري، محب مٺا منٺار.
فاذڪروني وچ يار اوهانجي، ٿيو اثباتي اظهار.
جانشاهہ عاشق آهي اصل اوهانجو برهين ٿيو بردار.

❋

آيا سڄڻ آيا آيا، ماهي سو محرم راز.
دين ڏرم يار وسرڳيو سانون، ڀل ڳئي آهہ نماز.
رنگپور دي وچ آءِ ٺاهہ ٺهايو خوب بڻايو ساز.
مذهب ملت کي ڇڏي ڏنوسي، لاهي لوڪ لحاظ.
جانشاهہ عاشق صحي سُڃاتو دلبر دل نواز.

ڪونسيو

اسين هٿ آيا سي مرد مسافر وي، پنڌ پرين جا پُڇايون.
ڏونگر ڏوريم جبل ووڙيم، رند گورن جا نهاريون.
اٿڻ ويهڻ درد وڃايو هنڌ سُورن جا وڇايون.
نيهن تساڏي آهي نهوڙيو دود دردن جا ڏکايون.
جانشاهہ عاشق سر ڏنو سي، ڪنڌ ڳلهن کان ڪپايون.

❋

Scanned by CamScanner

ضميمون - 2
سيد مير جان الله شاهہ ثالث جو اضافي ڪلام

(1)

بسم الله پڙهي ڪري رحمان ڏنائون،
علي السرّا والضرّا ڪي چڏي ڏنائون،
جان شاهہ منهن مڙهيءَ پايون ڳُر ڪي گڏيا ڪاپڙي

(2)

'ڪُل من عليها فان' ائين اُتائون،
والبقيٰ وجہ رُبِک، باقي ڪين چڏيائون،
جان شاهہ ايئن چيائون تہ نجو ميٽ ملير ڏي

(3)

ڪُل نفس ذائقتہ الموت سمجھ سمجهائون،
باقي ڪين ڏنائون ڳُر ڪي گڏيا گودڙيا.

(4)

پري جوڳين بار ڪيچ نيائون قافلو
ويا جوڳي وئراڳ ۾ لڏائون ڪانہ سنيار،
آءُ مِل جاني يار نہ تہ ڏيان تي دَمُ درد ۾

(5)

سامين سر سنوان ڪري اوڍڻئون موڙيائون،
گڏجي گورڪنات سان پورب پچيائون،
جان شاهہ وري ڪين ڏنائون ويا کهندا ڪيچ ڏي

(6)

دونهان درد دکائيا ڏئي اولانيا عشق،
نہ ڪا ذات صفات ڪا نہ ڪا راهہ رهت،
چڏي ممتا مِٽ جان شاهہ ڳُر ڪي گڏيا گودڙيا.

Scanned by CamScanner

(7)

مارُن ڪاڻ ملير ۾ بيٺي ڏنائون،
ساڏ سنگت ڪي هيج مان هر هر ساريائون،
جان شاهہ مري پاڻ ماٽيائون پسڻ خاطر پنهنجي.

(8)

فاذڪروني اذڪر ڪم جي ٻڌي بات،
لااِلہ اِلا الله ڪيائون اثبات،
جان شاهہ ڪانہ پڇائون ذات جي آيا سي اڳهيا.

(9)

اَٽَڪَ جو درياهہ لنگهي ويا هن ڪاپڙي،
نہ ڪيائون سانگو سِر جو منجھ اُنهيءَ راهہ،
جان شاهہ ڪري مَنُ اُچاهہ وڃي چڙهيا هن اَچ تي.

(10)

ڏسڻ ٻڌڻ پانهنجو اهو صورت آهہ صفات،
جبروتي لاهوت ۾ نفي ڪيائون اثبات،
جان شاهہ پرهہ ڦُٽي پرڀات وئي اونداهي اکين مان لهي.

(11)

محبت جي ميدان ۾ سُوريءَ سِرُ ڏين،
اُتي سانگو سِر جو ڪامل ڪين ڪِرن،
جان شاهہ تهان پوءِ ڏسن پڪا پُنهل چام جا.

(12)

ڪريو ڪاٿي ڳالهڙي اديون آديسن،
ويندس رهندس ڪينڪي پُڇاٽان پرين،
جان شاهہ جنين نانگا نيهن نچن گڏجي گورڪنات سان.

(13)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي سناسي مون سيڻ،
ڏسي منهن محبوب جو ڪرن وڏائي ويڻ،
جان شاهہ تهين جا نيڻ رتا هن شهر سناءَ ۾.

Scanned by CamScanner

(14)

محبت، جي درياهہ ۾ عاشق ڪڏ پون،
لاڳاپا لوڪ جا ڇڏي سڀ ڏين،
جان شاهہ پُڄاڻان پرين ڏيان باهہ ڀنڀور کي.

(15)

اکيون ڪُلي آئيون ويا نيڻ نري،
الست بربڪم ٻُڌم ڳالھ ڳري،
جان شاهہ راڻي ڪاڻ رڙي وئي وهامي راتڙي.

(16)

ڪُليو دوست جو ديدار اچي ڏٺم گهر پانهنجو،
ڪلپت ڪال نہ رهي منجهہ انهيءَ راهہ،
جان شاهہ بَجُز هيڪ الله ٻي ڪا رهي ڪان ڪا.

(17)

فاينما تولو فثم وجہ الله صحي سمجهائون،
ٻنڌڻ ٻيائيءَ جا سڀ ٻيجي ڇڏيائون،
جان شاهہ چڙهي ڏٺائون نور محل جي نيم ۾.

(18)

ستگر جهڙو سائين ڪونہ ڏٺوسي ڪاٿهين،
معلوم جبروتي لاهوتي باهوتي ڏيکاريائين،
جان شاهہ اُتي ڇڏيائين جتي تون مان رهي ناهہ ڪا.

(19)

مشڪل ڪئي آسان جوڳي جُنگ جلي ڪري،
ڏٺائون پڙ اگم جو ٻڌائون انهد تانُ،
جان شاهہ فاني ڪيائون پاڻ پيتائون پيالو پريم رَس.

(20)

پنهنجي اکين پاڻ ڏٺائين گر گيات سان،
ساهہُ صدقي ڪيان مُرشد تان جند ڪريان قربان،
جان شاهہ سارو سڀ جَهانُ ستگر جهڙو ناهِ ڪو.

Scanned by CamScanner

(21)

پسيائين درسن دوست جو پي پيالو
اوديا اوندهہ نہ رهي رهيو اُجالو
جان شاهہ تي متوالو جهولي جهروڪن ۾

(22)

ڏسي ڪُنَ درياهہ جا اونهي گهيڙ گهِڙن،
رِڙهي تُرهي تار ۾ عاشق اُتي ترن،
جان شاهہ جتي مڇ ڀرن وڃي لاهوتي لعل ٿيا.

(23)

مرگهہ ترشنا جي جل جو ڇڏيائون رولو
اوديا ڀُڃيءَ کُلي پئي ويو غير جو چولو
جان شاهہ پيچي پرم جو چولو سامي سنوان ٿيا سير ۾

(24)

ڪوڙ ڪُپت پر پنچ ۾ وسرين آتم ڌن،
لحظي ۾ لڙهي ويا ڪيئي مُورک مَنَ،
جان شاهہ ڪري من آمُن چڙهي ويٺو سکپت سيج تي.

(25)

سانگي سانگ ڪري ويا ڏڻ ڪاهي ڏنار
نہ ڪا ٻُڌيم تڙ تي اُنهن جي تنوار
جان شاهہ نانگا تي نروار ويا گڏجي گورکناٿ سان.

(26)

مڙهيون بيراڳن جون ياد ڪيو تي ڳري
ڏسي تي ساڙيهہ ڏي ڪينولا نيڻ ڀري
بيٺي نهاري پکا مارو ٽڙن جا.

(27)

نانگن ڪين نوائيا ناٿ نِوايا نيهَن،
اصل آديسن جي مڙهي ۾ ٿاهي مينهن،
جان شاهہ جن کي نهوڙيو نيهن سي لنگهي ڪال اڪال ٿيا.

Scanned by CamScanner

(28)

اديون اوجاڳو پينر ياڳي آئيو
لنگهي ويا پُلصراط تون جوان ڪري جاڳو
جان شاهه دردن جو ڏاڍو مون نماڻيءَ نصيب ٿيو.

(29)

اصغر ڪي اوري هرڪو هُوتا اڪبر ڪي اورين،
دونهيءَ پاسي دوست جي ٿا سمرٽيون سورين،
جان شاهه اُتي ٿا اورين جتي ٻڏڻ سڙڻ جي جاءِ ناهه.

(30)

روئي روئي راتڙي ويئي وهامي،
وڃن ٿا ساڙيهه ڏي سناسي سامي،
جان شاهه هامر پري حامي ويا گڏجي گورڪنات سان.

(31)

بنان جاڳي پاڻ ڪلپت ڪين ڳتي،
جان شاهه بنان گر درسن ري هڪ پل ڪين ٽِڪي،
جڏهن ممتا موهه مٽي تڏهن ملي گُر گيات سين.

(30)

روئي روئي راتڙي ويئي وهامي،
وڃن ٿا ساڙيهه ڏي سناسي سامي،
جان شاهه هامر پري حامي ويا گڏجي گورڪنات سان.

(31)

بنان جاڳي پاڻ ڪلپت ڪين ڳتي،
جان شاهه بنان گر درسن ري هڪ پل ڪين ٽڪي،
جڏهن ممتا موهه مٽي تڏهن ملي گُر گيات سين.

(32)

اوريان اورن عامر سان پريان پري ٿي،
جنهنکي ڳوليون ٿا اسين سي پڻ اسيئي،
جان شاهه ڪيچ خبر پئي تہ پُنهون پرينءَ گڏيو.

Scanned by CamScanner

(33)

اُٺي جوڳ جاڳ ويٺي وهامي راتڙي،
ننڊ نہ ڪجي ايتري هي آ مانجهاندي جو ماڳ،
ڄانشاهہ سامين جو سُهاڳ شل مون نماڻيءَ نصيب ٿي.

(34)

جوڳي جُنگ جلي ڪري وڃي، ٿيا هن لعل،
گهڙيا اوڙاهہ عشق ۾ موتو قبل وصال،
ڄانشاهہ تن کي ڪوهہ ڪريندو ڪال جي مرڻ کان اڳي مُوا.

(35)

ويا ويچارا نڪري لائي جيءَ جڙيون،
ڇڏي مان موهہ کي پيچي ڪُلف ڪڙيون،
ڄانشاهہ تهين جون ماڳ مڙهيون پورب ۾ هن پڌريون.

(36)

سامي سفر هليا ڇڏي سڀ ڏنڊا،
چڙهي پُلصراط تي ڏٺائون ڪوهہ ندا،
ڄانشاهہ پيري نيڻ سندا ڏٺائون مُنهن محبوب جو.

(37)

جهين صحي سمجهو پاڻ ڳڏجي گورڪناڪ سان،
هڪ دم نہ ترسيا ڪاٿهين جند ڪيائون قربان،
ڄانشاهہ تن جي منيءَ لڌو مانُ اڳيون محبوبن جي.

(38)

آتم پد ويساهہ سان ڪري ڏنو آهي جن،
تن تن جو تاران ٽيڙو رڳون راڳ ڪرن،
ڄانشاهہ انهد ناد وڄن سامين جي سُياو ۾.

(39)

جن ڳڏجي گورڪناٿ سان آتم ڏنُ ڏنو
ونيائون پيالو پريم جو سامين شبد منو
ڄانشاهہ چڙهي پاڻ ڏنو نور محل جي نيم ۾.

Scanned by CamScanner

(40)

اٿهوندي پولي وڏو جيءُ پرم ۾
سي مايا موھ منن ۾ منهن وڏا هن رولي،
جانشاھ دوست ڏسي اولي وجي سامي چڙهيا هن اڇ تي.

(41)

سامي سفر هليا چڏيائون ڪاشي،
پنج ئي تت تياڳي ڪري وڃي ڪيائون واسي،
جانشاھ جوڳي اپياسي پورب ۾ هن پڌرا.

(42)

مشتاقن جو ماڻ آھ در دوستن جي،
سُورهن سنسار جا ساقي تيڙن ساڻ،
جانشاھ دردمندن جو دان آهي اڳيون محبوب جي.

(43)

آديسن اُٿي ڪري باھ برھ ٻاري،
ممتا موھ منن جي لحظي ۾ ماري،
جانشاھ سامي سڏاري ويو گڏجي گورکناٿ سان.

(44)

ڪيچن ڪرها ڪاهيا ڏئي سورن جو سامانُ،
الفراق بيني و بينڪ اهو ٻڌم اُهجاڻ،
جانشاھ جڏهن صحي سڃاتم پاڻ تڏهن لٿا ڏک ڏهاڳ جا.

(45)

ساري رات سبحان جاڳي ڏنئون جيءُ ۾
ڪيائون مشاهدو محبوب جو ڪري آتم ڏن جو ڏيان،
جانشاھ لکين پڙهي ويد پر ان قرآن پر ڪوڙين ۾ ڪولهي.

(46)

مارن ڏانهن ملير ۾ هر هر تي ساريان،
ڪلپت ڪوٽ جنم ۾ ڳوڙها نت ڳاڙيان،
جانشاھ نهاريو تي نهاريان پڪا ماروئڙن جا.

Scanned by CamScanner

(47)

طمع کي تمام ڪري ڏنو آهي جن،
تن تنهين جو تاران ٽيڙو رڳون راڳ ڪرن،
جانشاهہ سُتي ٿي جاڳن ننڊ عبادت جن جي.

(48)

ممتا موه منن ۾ وجي ڪيائون ناس،
تن جي تڏ روپ ۾ اچي ڪيو پريم پرڪاس،
جانشاهہ ڪري ڌيان آڪاس نرپک ٿيا نرباڻ ۾.

(49)

سرتيون سور پرايم لائي عشق اَٽي،
محبت جي ميدان ۾ ڏنئون برهہ بارُ ڪٽي،
جانشاهہ رمزن ساڻ هٽي مُٺيءَ کي هوت ڇڏي ويا.

(50)

اچي ملُ مئن ساڻ نہ تہ مري ويندس هن درد ۾
الانتظار اشد من الموت اهو آهي فرمان،
جانشاهہ سورن جو سامان مون نماڻيءَ نصيب ٿيو.

(51)

ويا نيڻ ٺري ڪليو شاهہ حُسن جو شهتاب،
سج چنڊ ڪون آهي سهڻو جنهنجو پرگهٽ ۾ پرتاب،
جانشاهہ ڏسي منهن مهتاب اکين چمڪارا لائيا.

(52)

ﭘﮕت جوڳ وئراڳ جي ڪري ڏنائون،
ﭘري ﭘنڌار عشق جا انهن کي ڏنائون،
جانشاهہ هڪ لحظي نوازيائون اوديا روڳ اندر جو.

(53)

برهہ بوند وسائيا مٿان مشتاقن،
سِرُ ڏنائون سٽ ۾ آديسن سامين،
جانشاهہ جوڳي جلائن اوديا روڳ اندر جو.

Scanned by CamScanner

(54)

برهہ بهاران لائيون مٿان مشتاقن،
ڏئي پرڪاس پريم جو دردمندن کي موهن،
جانشاهہ اُتاهون ٿا اچن جتي راهہ نہ ريت ڪا.

(55)

ٻولڻ ٻڌڻ ڪونہ ڪو نہ ڪا چپ چون،
نہ ڪو ڏينهن نہ رات ڪا نہ ڪا خبر ڏين،
محو ڪيو آهيٌ من جانشاهہ آسڻ عشق جي.

(56)

پائي مُنهن مڙهيءَ ۾ پيهي جن ڏٺو
ستگر پنهنجي سان ملي ممتا موهہ ڪُٺو
جانشاهہ اُتي چڙهي ڏٺو جتي ٻي ڪا رهي ڪانہ ڪا.

(57)

پريان سندي پار جي آءُ ڪهڙي ڳالهہ ڏسيان،
سج چنڊ ڪان آهي سهڻو ٻيو جهڙس ڪونہ ڏسان،
جانشاهہ اُتي ٿو وسان جتي هاءِ نہ هوءِ ڪا.

(58)

پاڻ وڃائي پاڻ ۾ پاڻ ڏٺو آهي جن،
جتي هاءِ نہ هوءِ ڪا ٻي ٻولي ڪانہ ٻُڌن،
جانشاهہ سدا گڏ رهن ستگر پنهنجي سان ملي.

(59)

جي سدا گڏ رهن ستگر پنهنجي سان ملي،
تهين جي اندر ۾ پيئي اوديا ڳنڍ کُلي،
جانشاهہ گُر پُوري سان ملي بيخود ٿيو خوديءَ کان.

(60)

اڻ هوندي اولي ثابت آهي سُپرين،
ڏيو ٻاري گهر ۾ اندر پسُ پرين،
جانشاهہ لائي جيءَ جڙي گڏجي ويو گورڪنات سان.

Scanned by CamScanner

(61)

پاڻ پيهي پاڻ ۾ ڏٺائون نروار
الانسان سري وانا سره ثابت ٿيو اظهار،
جانشاهه مليو مونس يار جو پلڪ پراهون نه ٿئي.

(62)

نااُميدون عاشقن جون اميدون ٿي آيون،
لعل ڳوليندي لعل مون ڪاٽيون هٿ آيون،
جانشاهه اهي ٻلايون ٻانيان ساڌ سنگت جون.

(63)

اچي مون نماڻيءَ سان رهبر راهه رسج،
ڏونگر ۾ ڏُکيءَ سان باهه برهه ٻارج،
جانشاهه سُتي جاڳي سارج ڏسڻ منهن محبوب جو.

(64)

جبروتن لاهوت ۾ وڃي آسڻ تت ڪيا،
ثابت ڪري پاڻ کي وحدت منجهه ويا،
جانشاهه سدائين مُڪتا رهن پنهنجي حال ۾.

(65)

ڏسي پنهنجو پاڻ ملڪوتين معلوم ڪيو،
اندر ٻاهر آتما ٻيو نه ڄاڻن ڄاڻ،
جانشاهه صحي سمجهه پاڻ نرپک ٿيو نرٻاڻ ۾.

(66)

اکيون اُت اڙن جت ڏسن مشاهدو محبوب جو،
چڙهيون فوجان حُسن جون دمدم سور سهن،
جانشاهه جتي مج ٻرن وڃي محبتي مشتاق ٿيا.

(67)

اندر آيو سپرين منجهه مڙهيءَ پيهي،
صحي ڪيم گهر پاهنجو جت شوُ شڪت پئي،
جانشاهه ٻيائي سڀ ويئي اوديا اوندهه نه رهي.

Scanned by CamScanner

(67)

ملڪوتيءَ ۾ محو ٿيا ناسوتي ويئي،
شريعت کي ڇڏي ڪري طريقت تي پئي،
جانشاهه گهٽ گهٽ ۾ سيئي ڏسي سامي سَت ٿيا.

(69)

اندر ٻاهر آتما ڏسي مَنُ نِريو
ستگر پنهنجي سان ملي وري ڪين وريو
جانشاهه جوڳي تي سڌريو ملي ساڌ سنگت سان.

(70)

ملڪوتن کي محل مان اچن ٿا آواز
صحي سمجهي پاڻ ۾ يڳانون سڀ ساز
جانشاهه وسري وين نماز پسي درسن دوست جو.

(71)

ملڪوتن محل ۾ اچي روشن ڪيو چراغ،
گڏجي گورڪناٿ سان صحي ڪيائون سُراغ،
جانشاهه دردمندن کي داغُ آهي عِشق اليب جو.

(72)

اچڻ وڃڻ پاڻ ۾ صحي ڪيو آهي جن،
دل ۾ دلبر کي ڏسي ملي موجان ڪن،
جانشاهه راضي ٿيا رهن قائل ٿي تقدير جا.

(73)

جي قائل ٿيا تقدير جا سينا سپر ڪن،
جهلي نوڪان عشق جون بيٺا چُپ رهن،
جانشاهه سدا خوش رهن جي رضا ۾ راضي ٿيا.

(74)

ڪري ڏيان آڪاس جو جلوا ڏسن ٿا جي،
ڏسي مشعل محبوب جو محو ٿين ٿا سي،
جانشاهه اُتي ٿا اچن ڪي جي ڪرن مشاهدو محبوب جو.

Scanned by CamScanner

(75)

جي ڪري مشاهدو محبوب جو وڃي محو ٿيا،
ستگر پنهنجي سان ملي هڪو هُڪ ٿيا،
جانشاهه سدائي رهن ڪئيا پنهنجي نور محل ۾.

(76)

صحبت ساڌ سنگت جي جهين ڪري ڏٺي،
تنهنکي ٻولي آتم پد جي لڳي آهه مٺي،
جانشاهه صحي سمجهه ڏٺي ٻي جاءِ نه آهي چوڻ جي.

(77)

اکين ۾ آهين سوڌا منهنجا سپرين،
جتي ڏسان نيڻ ڀري اُتي ٿيا ڄاڻائين،
جانشاهه هڪ لحظو نه لاهين مٿون پاند مهر جو.

(78)

تر ڳُتيءَ کي تاري جي ٿا ڏيان ڌرن،
ڏسن منهن محبوب جو آسڻ تت ڪرن،
جانشاهه موٺي ڪين اچن جي گڏجي ويا گورڪنات سان.

(79)

هلي ڪون هلي هُو ٿا هلن هوت ڏي،
ڌرن ڏيان آڪاس جو جسم جان ڇڏي،
جانشاهه تو گڏ گڏي جي پکي ٿي پرواز ڪن.

(80)

ڄاڻ ڪيڏي ڄاڻي ته پسي پنهنجو پاڻ کي،
ڪلپت ڪوڙ ڪيڏي ڪري محبت کي ماڻي،
جانشاهه صحي سڃاڻي گهٽ گهٽ ۾ آهي سپرين.

(81)

جبروتيءَ ۾ جوان ڏسن ٿا صورت صفات کي،
ڏسڻ ٻڌڻ پاهنجو اها روح رهاڻ،
جانشاهه ستگر جو فرمان صحي سڃاتم پاڻ ۾.

Scanned by CamScanner

(82)

ڪري ڏيان صفات جو سڀ ۾ ڏسن ٿا سي،
منجهيئي من محو ٿيا جڳ ۾ اچن ٿا جي،
جانشاھ اُتي ٿا اچن ڪي جي گڏجي ويا گورڪنات سان.

(83)

جبروتي جوان وچي آسڻ اُت ڪرن،
ڏسي صورت صفات جي رهبر راھ ڏسن،
جانشاھ جتي مچ ٻرن وچي لاهوتي لعل ٿيا.

(84)

جبروتي جوان ڪي جڳ ۾ اچن ٿا جي،
ڏسي صورت صفات جي محو ٿين ٿا سي،
جانشاھ مٿان ارض وسما جي ڏسن ٿا پنھنجي اکئين پاڻ
ڪي.

(85)

آءُ ڪانگل ڪر ڳالھ مون کي تن پرين جي،
جن جي ڪارڻ هيس ديواني سي درسن دوس ڏين،
جانشاھ رمتا رامُ ڏسن نور محل جي نيوَ ۾.

(86)

ڪانگل ڪر ڪا لات مون کي تن پرين،
جتي پسن درسن دوس جو ٻي ٻولي ڪانہ ٻُڌن،
جانشاھ موٽي ڪين ورن جي ڏسن مشاهدو محبوب جو.

(87)

اچي ٻيٺو پاڻ تڏهن لٿا ڏک ڏهاڳ جا،
ويا ڦوڙاٽا ڏيھ مان جڏهن ساڪي ڏٺائون ساڻ،
جانشاھ جوڳي گڏيا هاڻ گڏيا گورڪنات سان.

❁

Scanned by CamScanner

ڪافيون
آسا

(1)

اسين نا ڪهين دي جائي هون، اسين آدم بن بن آئي هون.

رب وچون آ عرب ٿيو سي، احد وچون احمد بنيو سي،
ڪربل وچ آڻ کُهائي هون.

عطار وچون آ شمس ٿيو سي، شاهه مراد وچون جانشاهه بڻيو سي،
گهٽ گهٽ وچ سمائي هون.

(2)

اسين نرمل نُور خدائي هون، اپنا آپ ڇُپائي هون.

آدم وچون ٿي شيش آيو سي، طوفان وچ بن نوح ڦريو سي،
عيسيٰ روح الله کهائي هون.

شاق وچون مشتاق بنيو سي، احمد وچون ٿي عبد آيو سي،
رنگپور ويکڻ آئي هون.

عرب وچون آءِ عين حقيقت، احمد وچون ٿيو ميم معرفت،
ذڪريا ڪرت چيرائي هون.

اسين آدم ڪنون اڳي هيوسي، ڪن فيڪون دا حُڪم ڪيتو سي،
جان شاهه نام ڌرائي هون.

(3)

اسين عاشق بن بن آيا سي، اڇي بار ٻدي دا چايا سي.

طعني تهمت ساهه سيباٽي، رمز عشاقان من وچ پاٽي،
بادل بوند وسايا سي.

شرع طريقت دا سير ڪيتو سي، حقيقت معرفت وچ آپ ڏٺو سي،
انحد بين بجايا سي.

Scanned by CamScanner

سبحان الذي تعريف آڪيسي، وحده لاشريڪ دا قول ڪيتو سي،
تن وچ سپو سمايا سي.

هٿون شاهہ مراد دي جام پيتو سي، جان شاهہ جان اٿاهين ڏتو سي،
رام رحيم وچ آڻ رمايا سي.

(4)

اسين صاف صوفي تي آيا سي، اچي انهي ناد بجايا سي،

شرع شريعت ڪي يچي چڙيوسي، عبديت مان احد ٿيو سي،
گيت اناالحق ڳايا سي.

بحر بيرنگي دا ظاهر هويا، غير دوئي دا سڀ ڪجهہ ڊويا،
گهٽ گهٽ وچ سمايا سي.

لااِلہ جو سبق پڙهيو سي، الاالله پر ظاهر ڏٺو سي،
محبت مچ مچايو سي.

ساڌ سنگت تي سهي ڪيتو سي، حرف عبادت دا سمجهہ ڏٺوسي،
جانشاهہ بن آپ ڇُپايا سي.

(5)

سامي بن بن آئي هون، جوڳي جان جلائي هون،

بندرا بن دا سير ڪيتو سي، گنگا جمنا آپ ڏٺوسي،
رنگپور ويڪڻ آئي هون.

عرب عجم ڪو سهي ڏٺوسي، ترڪ هندومل آپ بٺيو سي،
اسين پورب پنڌ پُڄائي هون.

حسن سهٽي دا ظاهر هويا، نال تجلي جلوا پايا،
اسين چاند سورج بن آئي هون.

هٿون شاهہ مراد جام پيتو سي، جانشاهہ مست الست ٿيو سي،
برهين يسمي لائي هون.

Scanned by CamScanner

(6)

ويٺي سور پُنهل جا ڳايان، پنهنجي قسمت ڏسندڙي آهيان.

جبل پيرپٽون ڪيا وو ميان، ڪنهن ڪان ڪين تي پانيان.

پنهل رهيءَ پنيور ۾ ميان، دم دم سُور سهايان.

اُتي آڏيءَ رات جو ميان، روح ۾ رام ريجهايان.

جان شاهه سڪ منجهارون وو ميان، محبت مينهن وسايان.

❋

بلاول

(1)

ڏُم پئي وچ جهنگ سيالان، چاڪ سڏايا مين وو مين.

رنگپور دي وچ آءِ سير ڪتوسي، عشق سياليان وچ سر ڏتو سي،
آپ چپايا مين وو مين.

صوفي بن آءِ برهه چايو سي، نيزي تي چڙهه رنگ لايو سي،
سيسُ ڪٽايا مين وو مين.

جلوي تُسا ڏي آءِ جيءَ جلايا، ديدان دي وچ چمڪا لايا،
عشق نچايا مين وو مين.

ونحن اقرب دا حڪم هلايس، وفي انفسڪم وچ جان شاهه سڏايس،
لڪُ لڪايا مين وو مين.

(2)

سانگ ڪيتا مين يار دي سانگي، جنهن دي ڪارڻ دلڙي تانگهي.

ڪيچ ڪشالا مئن تي آيا، سڪ پنهل وچ سُور پرايا،
چاڪ ڪيتا دل چانگي چانگي.

راتيان ڏيهان ڪيچ ڏي ڪاهيندس، هاڙهي ۾ وجي پُنهل کي ملندس،
خبر ڏني ڪا ڪانگي ڪانگي.

Scanned by CamScanner

عشق دا هوڪا هيا بزارين، عاشق سڻ تيا جان نثارين،
بانگ سڻائي بانگي بانگي.

جان شاهه جام برهه دا پيتو سي، عاشق مست الست تيو سي،
لنگهه ڳيو سي لانگهي لانگهي.

(3)

دلبر نال اسان ڏي دل آءِ ڦاتي وو يار.

شمع حُسن دا ويک پيارا، روزي نماز ڪنون ڪيتوئي ڪنارا،
اُڏر پئي اُتاهي جند مين چاتي وو يار.

ناز نيتان دي ڪا چوٽ چلائي، جسم جيءُ جند جان جلائي،
زوري دل اسان ڪنون چاتي وو يار.

شاهه منصور تي ماريا نعرا، جان شاهه چڙهه سوري ويک نظارا،
ونحن اقرب ڪر اثباتي وو يار.

جوڳ

(1)

منڙن ماروئڙن ڪاڻ، آهي دل هيءُ چري،

آهي دل هيءُ چري، ويندس دوست مري

اٿم اميدان سرتيون، ايندم شال وري

بوندان برهه جون وسنديون، تر بر وينداٺري

پيچ تون ڪوٽ ڪڙا، پٽ ڪا درد دري

جان شاهه ڪي سک جي، ڏي ڪا مهر پري

❊

Scanned by CamScanner

(2)

وسيا ميگهہ ملهار برهہ عشاقان نوان رنگ لايا.

جهڙ بادل ڪيون بوندان وسن ٿيون، دلبر ڪارڻ ديدان ڏسن ٿيون،
آ مل جاني يار درد تساڏي جند جان جلايا.

تيڏي ڪارڻ ٿيس مستاني، ڳليان دي وچ ڦران ديواني،
ڏي دلاسو دلبر يار ناز نينان دي تير چلايا.

ظاهر باطن هڪو جو ٿيڙا، غير دوئي دا وچ ڪوئي نہ رهيا،
حُسن سهڻي دا ٿيا اظهار ڳلي ڳلي وچ آڻ ملايا.

ستگر جان شاهہ کي رحم فرمائين، خيال خوديءَ جا سڀ گُم ڪيائين،
ڪليا باغ بهار جام برهہ دا پيري پلايا.

(3)

اڄ آيم ڪي سنيها، منن تن مارن جا ملير مون.
ڏي موڪل ڄام عمر، پسان پنهوارن جا پيها.
ڦوڳ ڦلاريا ڪرڙ ڪڪوريا، ماڳ پڪا ٿم ميها.
پٽ پٽيهر ڪاڄ ڪٽوري، پانيان ڪاڄ ڪٽي جيها.
جنهنجي ڪارڻ هيس ديواني، جانشاهہ صحي سُڃاتم سيها.

(4)

اڄ آيم ڪي ڪيچ ڏهون، پُنهل ڄام پهائي.
تنبيون پڏان چيلهہ سان، ويا دونهان درد دُڪائي.
ڪرهل ڪيچئون آئيا، ڏُک ڏمر سڀ لاهي.
هاڙهي ٻر جا هيڪلي، پنڌ پُنهل جا پُڇائي.
سرتيون جانشاهہ کي سڪ مان، ويا هوتن ساڻ ملائي.

(5)

سُور ٽيم ساٽي ادا، ڪانهي سنيار سُڪن جي.
هاڙهي ۾ هيڪليءَ کي، اڇي دوست پائج جهاتي ادا.
آءٌ نہ سينڌي سُورَ جي، اڇي باهہ برهہ لاتي ادا.
ڏونگر ۾ تہ ڏکيءَ جي، درد ڦٽي چاتي ادا.
جانشاهہ روز ازل ڪون، اڇي پرت پرين پاتي ادا.

(6)

سڪ وڏس ساڙي ادا، ڪج ڪا محب ملڻ جي.
ڏاگها ڏير وٺي ويا، لڪن تان لاڙي ادا.
ويندس وات وندر جي، پنڌ پُڇان هاڙهي ادا.
ويٺي ساريان هوت کي، رت هنجون ڳاڙي ادا.
جانشاهہ جي قول ڪري ويا، شل هوت پُنهل پاڙي ادا.

(7)

وجي ڏوٿين کي ڏجو ميان، مُٺيءَ جي ڪو درد جو ڏاڳو.
مون کان مول نہ وسري، سنگهارن ساڳو.
ڏسندس مُلڪ ملير جو ٽيندم ڏينهن سياڳو.
مارن مانڊي موڪليو اکڙين اوجاڳو.
جانشاهہ سر ادا ڪيو لاهوتن لاڳو.

(8)

اسين هردم ديد ۾ آهيون، ويٺا سور پنهل جا ڳايون.
عشق ملامت آڻ چاتوسي، باهہ برهہ وچ سر ڏتوسي،
محبت مچ مچايون.
هر گهٽ دي وچ دوست ڏسون ٿا، هر جاءِ سائين دا قول ڪهون ٿا.
پاڻ کان پلو ڪري پائيون.

Scanned by CamScanner

(5)

سُور تيم ساٿي ادا، ڪانهي سنيار سُکن جي.

هاڙهي ۾ هيڪليءَ کي، اچي دوست پائج جهاتي ادا.

آءُ نہ سيندي سُورَ جي، اچي باھ برھ لاتي ادا.

ڏونگر ۾ تہ ڏکيءَ جي، درد ڦٽي چاتي ادا.

جانشاھ روز ازل ڪون، اچي پرت پرين پاتي ادا.

(6)

سڪ وڏس ساڙي ادا، ڪج ڪا محب ملڻ جي.

ڏاگها ڏير وٺي ويا، لڪن تان لاڙي ادا.

ويندس واٽ وندر جي، پنڌ پُڇان هاڙهي ادا.

ويٺي ساريان هوت کي، رت هنجون ڳاڙي ادا.

جانشاھ جي قول ڪري ويا، شل هوت پُنهل پاڙي ادا.

(7)

وڃي ڏوٿين کي ڏجو ميان، مُٺيءَ جي ڪو درد جو ڏاڳو.

مون کان مول نہ وسري، سنگهارن ساڳو.

ڏسندس مُلڪ ملير جو، ٿيندم ڏينهن سياڳو.

مارن مانڏي موڪليو اڪڙين اوجاڳو.

جانشاھ سر ادا ڪيو لاهوتن لاڳو.

(8)

اسين هردم ديد ۾ آهيون، ويٺا سور پنهل جا ڳايون.

عشق ملامت آڻ چاتوسي، باھ برھ وچ سر ڏتوسي،

محبت مچ مچايون.

هر گهٽ دي وچ دوست ڏسون ٿا، هر جاءِ سائين دا قول ڪهون ٿا.

پاڻ کان پلو ڪري پائيون.

رنگپور دي وچ سير ڪيتوسي، هر جاءِ هادي دي رمز ڏٺوسي،
اپنا چاڪ چڪايون.

بيخود هوڪي گم ٿيوسي، جانشاھ هادي دا حُڪم سُڻيو سي.
هر جاءِ سيس نوايون.

(9)

ڙي مان ساريندي وتان ڪوهيار ۾ پنهل خان ملي.
جيڏيون سرتيون سهيليون، من ڪا مُئيءَ سان هلي.
ويندس رهندس ڪينڪي، متان ڪا مُئيءَ ڪي جهلي.
چو ٿيون جهليو مون ڪي جيڏيون، هر ڪا پاڻ پلي.
جانشاھ سڪ سڪائيو وو ڙي ڳوٺ ڳلي.

(10)

اڙي مان ڏوريندي وتان پرديس ۾ من ڪو رحم ڪري
مارو مُلڪ ملير ويا، سرتيون سانگ ڪري
اتا مينهن ملير ويا، سرتيون سانگ ڪري
اتا مينهن ملير ڏي، وسيا وس ڪري
اتم اميد الله ۾ صاحب سبب ڪري
جانشاھ سر ڏئي ويا، برهين يار پري

(11)

رهبر مون ٿيندا يار ڏونگر ۾ تہ ڏکيءَ سان.
آءٌ تہ انهن جي آهيان، سار سڄڻ لهندا يار.
ويندس رهندس ڪينڪي، رند وٺي روئندا يار.
اُٺي آڏيءَ رات جو پهہ پنهل پڇندا يار.
جانشاھ ڪي تہ لکن ۾ هوت همت ڏيندا يار.

Scanned by CamScanner

(12)

ويڙا لوءِ لڏي، مُئيءَ سان جاڙ ڪري ويا.
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، ويا بيگاني چڙهي
هاڙهي ۾ جا هيڪلي، سنگهارن کي سڏي
پڪا پنهل سامهان، آڏيسن اڏي
ستگر جانشاهه کي، ويا هوتن سان گڏي

(13)

سامي ساٿ سنياري ويا، آيل ڙڃ جانب ڪو جت وٺي ويا.
سُتڙي مون ساٿ لٽائيو، ڏاج ڏکن جو ڏياري ويا.
دم دم سان ياد پرين جي، پيالو پريت جو پياري ويا.
جهڙي تهڙي آهيان انهن جي، چاڪون هوت وساري ويا.
ڪڏهن ملندس ڪانڌ سان، جي هو هو حرف سيکاري ويا.
جانشاهه جو عشق انهن سان، جي جوڳي جيءَ جياري ويا.

(14)

جان جسم سڀ ٿام رهيو سي، جلوي جهرمر لڳ رهان.
شمس قمر سڀ هڪو ٿياسي، انهد مُرلي بج رهيان.
دين ڪفر ڪون چوڙ ڏتوسي، آتش عشق دي مچ رهيان.
بادل بوند برهه وسن ٿا، بجلي گوند برس رهيان.
جانشاهه جام برهه دا پي ڪر، اوچ نيچ وچ رچ رهيان.

(15)

حُسن اوهانجي جون اسان، جاني ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون.
عاشقن اکڙيون اڙايون، جاتي جانب تنهن جون جايون.
برهه جون پسمون ٿا لايون، اصل کان چاليون نيون.

Scanned by CamScanner

رنگ جو چولو ڍڪايو شمع معشوقي ڇُپايو
کهڙو اهو رايو رکايو نيهن نراليون نيون.
درد جا دونهان دکايو محبتي اُتي مچ مچايو.
جان جوڳين جي جلايو برهين برحاليون رهيون.
غين جو نقطو وڇايو بحر بيرنگي ڏيکاريو
جام وحدت جو پياريو دليون متواليون ٿيون.
منصور کي سُولي چڙهايو صوفي سر نيزي رکايو
سر جانشاهه بارش وسايو جلوي تي جهڙاليون ڪيون.

(17)

گام پيري هلي گرنار پسو ويڪو دسئون دُوار.
لاهوتي لوءِ لڏي ويا، پورب تي هسوار.
سانگي سانگ ڪري ويا، پٽن پاسي پنهوار.
ڪانه پڌي سين ڪاٿهين، ڪنهن تڙ تند تنوار.
مارو ملڪ ملير ويا، نانگا تي نروار.
سامين سر وسن تا، نوراني انوار.
جانشاهه سر نيزي رکيو هام پيري هموار.

(18)

عشق آيو سر ارباب مون، وسريا حال احوال.
اهنج سهنج سڀ هڪ ٿيو ناهي ٻيو غير خيال.
بيخوديءَ وچ گم ٿيو برهه هويا هي بحال.
چنڊ چوڏهينءَ رات جو وصل ۾ ٿيو آ وصال.
عشق اولانيا لاٿيا، نيهن ڪيو آ نهال.
جانشاهه مرشد مليا، جان جسم جمال.

■

Scanned by CamScanner



ذڪر ڪيل ڪتاب 'تذڪره جانشاهي' محترم اختر درگاهي لکيو آهي، جيڪو سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ طرفان 2001ع ۾ شايع ٿي پڙهندڙن وٽ اچي پهتو. هن ڪتاب مقبوليت ماڻيندي سنڌي ٻوليءَ جي اهم تحقيقي ڪتابن ۾ جاءِ والاري آهي، جڏهن ته انهيءَ ڪتاب تي حضرت سيد مير جان محمّد شاهه رضوي اول جي سالياني عُرس مُبارڪ منعقده 2007ع ۾ محترم اختر درگاهيءَ کي درگاهه جهوڪ پاڪ جي سجاده نشين سائين عطاءُ الله شاهه ستاري جي هٿان پهريون "جان الله شاهه رضوي ادبي ايوارڊ" پڻ مليو آهي. ڪتاب ۾ جانشاهي خاندان جي قديم ۽ موجود شخصيتن جو احوال ۽ سندن فن تي تمام سهڻو ڪم ٿيل آهي. جنهن ۾ محترم اختر درگاهي جي اڻٿڪ ڪوشش هن ڪتاب کي علم ادب جو شهڪار بہ بنائي ڇڏيو آهي.

محترم اختر درگاهي پنهنجي سر ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ ڪن لکتن جي ڇنڊڇاڻ پڻ ڪئي آهي ۽ مير علي شير قانع جهڙي جڳ مشهور تاريخدان جي تصيح ڪندي، تمام وڏي جرئتمندي ۽ دانشمنديءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ڪيس لک واڌايون هُجن. خوشي آهي تہ هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو بہ منظرعام تي آيو آهي، جنهن ۾ جانشاهي بزرگن جو اضافي ڪلام بہ آهي.

فقير مِٺل مسرور

مسرور اسٽريٽ شڪارپور

سنڌ

Scanned by CamScanner